مسنون دعائن جي معروفء مستند كتاب حصن المسلم جو آسان سنڌي ترجمو بنام

# دعائن جو خزانو

مصنف : فضيلة الشيخ سعيد بن علي القحطاني
حفظه الله

سنڌيڪار: بشير احمد السندي

**دعا جا آداب**

1. **باوضو هجڻ**
2. **قبلہ رخ هجڻ**
3. **هٿ کڻي گهرڻ**
4. **حمد ۽ ثنا ۽ درود ۽ سلام**
5. **استغفار ۽ بخشش گهرڻ**
6. **پهرين پاڻ لاءِ دعا گهرڻ (پوءِ ٻين لاءِ )**
7. **عزم۽ سنجيدگي سان گهرڻ**
8. **وري وري گهرڻ**
9. **لفاظي کان پاسو ڪرڻ**
10. **ادب ۽ عاجزي سان پاسوگهرڻ**
11. **دل سان گهرڻ**
12. **ڪامل يقين سان گهرڻ**
13. **جامع ڪلمن سان گهرڻ**
14. **روئڻ ۽ ڳوڙها ڳاڙي دعا گهرڻ**
15. **الله تعالىٰ جي پاڪ نالن ۽ صفتن جي وسيلي دعا گهرڻ**
16. **نيڪ عملن جي وسيلي گهرڻ**
17. **دعا جي آخر ۾ درود پڙهڻ ۽ آمين تي ختم ڪرڻ**

**اهي انسان جن جي دعا قبول ٿئي ٿي**

1 : **ماءُ،پيءُ** 2 : **مسافر** 3 : **مظلوم** 4 : **روزيدار** 5 :**حج ۽ عمروڪندڙ** 6 : **ذڪر ۾ مشغول رهندڙ** 7: **عادل بادشاهہ** 8 : **نيڪ اولاد** 9 : **مجبور**

**دعا جي قبوليت جا وقت ، حالتون ۽ ماڳ**

1 **سجدي جي حالت ۾** 2 **رات جي آخري حصي ۾** 3 **رات جواڪ ڪلڻ مهل** 4 **جمع جي ڏينهن جي مخصوص گهڙي ۾** 5 **قدر جي رات** 6 **بانگ ۽ تڪبير جي درميان** 7 **يوم عرفہ نائين ذوالحج** 8 **ميدان جهاد ۾**9 **بانگ ۽ مينهن وقت** 10 **ڪڪڙ جي بانگ وقت**11 **فرض نمازن کانپوءِ**

**12 پرپٺ مسلمان ياءُ جي لاءِ دعا گھرڻ 13 زمزم پيئڻ وقت 14 مقام ملتزم وقت**

**جن جي دعا قبول نٿي ٿئي**

**1 حرام کائيندڙ 2 جنهن جي زال بدڪردار هجي 3 قرض ڏيڻ وقت گواهہ مقرر نہ ڪندڙ 4 نااهل ماڻھن جي حوالي ملڪيت ڪندڙ 5 گلاخور 6 حاسد ۽ ڪينو رکندڙ 7 جلد باز**

# فهرست



| | | |
|---|---|---|
| 1 | دعا جا آداب | |
| 2 | مهاڳ | 11 |
| 3 | ذڪر سنت جي مطابق ڪرڻ واجب آهي | 11 |
| 4 | ذڪرجي اهميت ۽ فضيلت | 11 |
| 5 | حمد ۽ ثناءدرود۽سلام، توبہ ۽ استغفار جي فضليت | 16 |
| 6 | حمد ۽ ثناء تڪبير ۽ لاالہ الا اللّٰه جي فضيلت : | 18 |
| 7 | رسول الله ﷺجن تي درود موڪلڻ جي فضيلت | 20 |
| 8 | توبہ ۽ استغفار | 21 |
| 9 | سمهڻ ۽ جاڳڻ وقت دعائون | 23 |
| 10 | سمهڻ وقت دعائون: | 23 |
| 11 | رات جو پاسو بدلائڻ جي جي دعا | 27 |
| 12 | ننڊ دوران ڳهبراهٽ ۽ وحشت جي دعا | 28 |
| 13 | سنو يابرو خواب ڏسڻ وقت ڇا ڪجي ؟ | 28 |
| 14 | ننڊ دوران جاڳڻ وقت دعا | 29 |
| 15 | ننڊ مان جاڳڻ وقت جون دعائون | 29 |
| 16 | پاڪائي ، ٻانگ ۽ نماز | 32 |
| 17 | بيت الخلا ۾ داخل ٿيڻ جي دعا | 32 |
| 18 | بيت الخلا مان نڪرڻ جي دعا | 33 |
| 19 | مسجد ڏانهن وڃڻ جي دعا | 33 |
| 20 | مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي دعا | 34 |
| 21 | مسجد مان نڪرڻ جي دعا | 34 |
| 22 | وضو ڪان پهرين جي دعا | 34 |

| | | |
|---|---|---|
| 23 | وضوکان پوءِ جون دعائون | 35 |
| 24 | ٻانگ | 35 |
| 25 | ٻيٽي ٻانگ | 35 |
| 26 | فجر جي ٻانگ  ٻانگ جو جواب | 37 |
| 27 | ٻانگ کانپوءِ درود ۽ مسنون دعا | 37 |
| 28 | تڪبير | 38 |
| 29 | هڪوٽي تڪبير | 39 |
| 30 | ٻيٽي تڪبير | 39 |
| 31 | تڪبير تحريمہ کانپوءِ جون دعائون | 40 |
| 32 | تعوذ ، بسمله ۽ سوره فاتحہ | 44 |
| 33 | سورة الفاتحة | 44 |
| 34 | سوره فاتحة کانپوءِ قرآني تلاوت | 41 |
| 35 | سورةالاخلاص سورةالفلق سورةالناس | 46 |
| 36 | رڪوع جون دعائون | 47 |
| 37 | رڪوع مان اٿڻ جون دعائون | 48 |
| 38 | سجدي جون دعائون | 49 |
| 39 | سجدن جي وچ جو دعائون | 50 |
| 40 | تشهد ،درود ۽ سلام<br>التحيات | 51 |
| 41 | درود ابراهيمي | 51 |
| 42 | تشهد کانپوءِ سلام ورائڻ کان اڳ  جون دعائون | 52 |
| 43 | سلام | 56 |
| 44 | سلام ورائڻ کانپوءِ جون دعائون | 56 |
| 45 | تسبيح جو نبوي طريقو | 59 |
| 46 | قنوت وتر جون دعائون | 59 |

| | | |
|---|---|---|
| 47 | وتر نماز کانپوءِ جي دعا | 60 |
| 48 | نماز استخاره جي دعا | 60 |
| 49 | خيرخواهن سان مشورو | 61 |
| 50 | قنوت نازله | 61 |
| 51 | جنازي نماز | 64 |
| 52 | جنازي نماز جون دعائون | 64 |
| 53 | ٻار تي جنازي جون دعائون | 66 |
| 54 | تعزيت جون دعائون | 67 |
| 55 | ميت کي قبر ۾ لاهڻ وقت دعا | 68 |
| 56 | ميت کي دفن  ڪرڻ کانپوءِ  جي دعا | 68 |
| 57 | قبر جي زيارت ڪرڻ وقت دعا | 68 |
| 58 | قرآن ۽ نماز ۾ وسوسي کان بچڻ جي دعا<br>تلاوت جي سجدي جون دعائون | 69 |
| 59 | صبح ۽ شام جا ذڪر ۽ دعائون | 70 |
| 60 | مصيبتن ۽ قرض کان ڇوٽڪاري جون دعائون | 80 |
| 61 | الله تعالیٰ جي اسم اعظم واريون آيتون ۽ دعائون | 81 |
| 62 | فڪر مندي ۽ غم کان ڇوٽڪاري جي دعا | 82 |
| 63 | مشڪلات جي خاتمي جي لاءِ دعائون | 83 |
| 64 | بي قراري ۽ پريشانيءَ وقت دعائون | 83 |
| 65 | قرض کان ڇوٽڪاري جي لاءِ دعائون | 84 |
| 66 | قرض واپس ڪرڻ وقت دعا | 86 |
| 67 | مصيبت وقت بهتر بدلو گهرڻ جي دعا | 86 |
| 68 | ڳهبراهٽ وقت ڇا چوي ؟ | 86 |
| 69 | ڪاوڙ اچڻ وقت دعا | 86 |
| 70 | سرڪش شيطان جي مڪر فريب کان بچڻ جي دعا | 86 |

| | | |
|---|---|---|
| 71 | تدبير جي ناڪام ٿيڻ وقت دعا | 87 |
| 72 | جيڪڏهن ڪو ناپسند معاملو سامهون اچي تہ ڇوي ؟ | 87 |
| 73 | جسم ۾ تڪليف محسوس ٿئي تہ ڇا ڪري ؟ | 88 |
| 74 | مصيبت ۾ مبتلا انسان کي ڏسڻ وقت دعا | 88 |
| 75 | دشمن ۽ حڪمران سان ملاقات وقت دعا | 88 |
| 76 | حڪمران جي ظلم جي خوف جون دعائون | 89 |
| 77 | دشمن جي لاءِ بد دعا | 90 |
| 78 | جنهن کي ايمان ۾ شڪ کي تہ اهو ڇاڪري ؟ | 90 |
| 79 | شرڪ کان محفوظ رهڻ جي دعا | 91 |
| 80 | گناهہ ٿي وڃي تہ ڇا ڪجي ؟ | 91 |
| 81 | شيطان ڪڏهن ڀڄندو آهي ؟ | 91 |
| 82 | دجال کان محفوظ رهڻ جا وظيفا | 92 |
| 83 | بري سوڻ کي ناپسند ڪرڻ جي دعا | 93 |
| 84 | نظر کان بچڻ جو طريقو | 93 |
| 85 | اهڙي شخص جي لاءِ دعاجنهن کي گاريا تڪليف ڏني هجيس | 94 |
| 86 | حج،عمري ۽ سفرجون دعائون | 94 |
| 87 | سواري تي سوار ٿيڻ جي دعا | 94 |
| 88 | سفرشروع ڪرڻ جي دعا | 95 |
| 89 | بازار ۾ داخل ٿيڻ جي دعا | 96 |
| 90 | سواريءَ جي ٿابڙجڻ وقت دعا | 97 |
| 91 | دوارن سفر تڪبير ۽ تسبيح | 97 |
| 92 | دوران سفر صبح جي دعا | 97 |
| 93 | دوان سفر ڪنهن جڳهہ تي ترسڻ جي دعا | 97 |
| 94 | سفر تان واپسي جي دعا | 97 |

| | | |
|---|---|---|
| 95 | مقيم جي مسافر کي دعا | 98 |
| 96 | مسافر جي مقيم کي دعا | 98 |
| 97 | سواري خريد ڪندڙ هيءَ دعا گهري | 99 |
| 98 | حج يا عمري جو احرام ٻڌڻ وارو لبيڪ ڪيئن چوي | 99 |
| 99 | حجر اسود وٽ پهچي الله اڪبر چوڻ | 99 |
| 100 | رڪن يماني ۽ حجر اسود جي درميان جي دعا | 100 |
| 101 | صفا ۽ مروه جي دعا | 100 |
| 102 | عرفه يعني 9 ذولحج جي دعا | 101 |
| 103 | مشعر الحرام وٽ دعا ۽ ذڪر | 101 |
| 104 | جمرات کي پٿريون هڻڻ وقت تڪبيرون پڙهڻ | 102 |
| 105 | عام جانور يا اٺ کي ذبح ڪرڻ جو طريقو | 102 |
| 106 | قرباني جو جانور ذبح ڪرڻ جي دعا | 102 |
| 107 | کائڻ ،پيئڻ ۽ لباس جون دعائون<br>کاڌو کائڻ کان اڳ جي دعا | 103 |
| 108 | کائڻ کان پوءِ جون دعائون | 104 |
| 109 | مهمان جي ميزبان جي لاءِ دعا | 104 |
| 110 | پياريندڙ جي لاءِ دعا | 104 |
| 111 | نئون ميوو ڏسڻ وقت جي دعا | 105 |
| 112 | نوان ڪپڙا پهرڻ جي دعا | 105 |
| 113 | نئون لباس پهرڻ واري کي هي دعا ڏجي | 105 |
| 114 | عام ڪپڙا پهرڻ جي دعا | 105 |
| 115 | لباس لاهڻ وقت دعا | 106 |
| 116 | روزمره جون دعائون | 106 |
| 117 | گهر مان نڪرڻ وقت دعا | 107 |
| 118 | گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا | 107 |

| | | |
|---|---|---|
| 119 | چنڊ ڏسڻ جي دعا | 107 |
| 120 | روزي کولڻ جي دعا | 107 |
| 121 | روزو کولائڻ واري جي لاءِ دعا | 108 |
| 122 | نفلي روزي جي دعوت قبول نہ ڪندڙ جي لاءِ دعا | 108 |
| 123 | روزيدار کي ڪو گاريون ڏي تہ ان کي ڇاچوي؟ | 108 |
| 124 | ڇڪ اچڻ وقت دعا | 109 |
| 125 | گهوٽ ۽ ڪنوار کي مبارڪ ڏيڻ جي دعا | 109 |
| 126 | گهوٽ کي پنهنجي ڪنوار کي دعا | 109 |
| 127 | همبستري وقت دعا | 110 |
| 128 | ٻار ڄمڻ جي مبارڪباد ڏيڻ | 110 |
| 129 | جنهن کي مبارڪ ملي اهو هنن لفظن سان جواب ڏي : | 110 |
| 130 | خوشي وقت دعا | 111 |
| 131 | خوشخبري ٻڌڻ وارو ڇا چوي | 111 |
| 132 | خوشخبري ملڻ تي شڪرجوسجدو | 112 |
| 133 | ٻارن جي لاءِ الله جي پناهہ گهرڻ | 112 |
| 134 | شام جي وقت ٻارن جي نگراني | 112 |
| 135 | جڏهن مسلمان پنهنجي تعريف ٻڌي تہ ڇا چوي ؟ | 112 |
| 136 | هڪ مسلمان ٻي مسلمان جي تعريف ۾ ڇاچوي ؟ | 113 |
| 137 | بخشش جي دعا گهرڻ واري کي ڇا چوي ؟ | 113 |
| 138 | محبت جو اظهار ڪندڙ جي لاءِ دعا | 113 |
| 139 | سهڻو سلوڪ ڪرڻ واري کي دعا | 113 |
| 140 | برڪت جي دعا ڪندڙ لاءِ دعا | 113 |
| 141 | مال ۽ دولت خرچ ڪرڻ واري لاءِ دعا | 114 |
| 142 | مجلس جو ڪفارو | 114 |
| 143 | سلام کي عام ڪرڻ | 114 |

| | | |
|---|---|---|
| 144 | ڪافر کي سلام جو جواب ڪيئن ڏجي ؟ | 115 |
| 145 | ڏڪار کان بچڻ ۽ مينهن لاءِ دعائون | 115 |
| 146 | طوفان وقت دعائون | 115 |
| 147 | بادلن جي گوڙ ٻڌڻ وقت دعا | 116 |
| 148 | مينهن وسڻ وقت دعا | 116 |
| 149 | مينهن کان پوءِ جي دعا | 116 |
| 150 | ٻوڏ جوخطرو هجي تہ هي دعا گهري | 117 |
| 151 | ڪڪڙ جي ٻانگ وقت دعا | 117 |
| 152 | گڏه جي هينگ وقت دعا | 117 |
| 153 | رات جو ڪتي ڀؤڪڻ وقت دعا | 118 |
| 154 | بيمار پرسي جي فضيلت | 118 |
| 155 | بيمار کي پڇڻ وقت ان لاءِ دعائون | 119 |
| 156 | زندگي کان نااميد بيمار جون دعائون | 120 |
| 157 | موت کي قريب انسان کي ڪلمي جي تلقين | 121 |
| 158 | ميت جون اکيون بند ڪرڻ وقت دعا | 122 |

## مهاڳ

## ذڪر سنت جي مطابق ڪرڻ واجب آهي

**الله تعاليٰ جو فرمان آ هي :**

وَاذْكُرُوهُ كَمَا هَدَاكُمْ وَإِنْ كُنْتُمْ مِنْ قَبْلِهِ لَمِنَ الضَّالِّينَ

**” الله ڪي ائين ياد ڪريو جيئن هن توهان ڪي سيکاريو آهي ۽ اوهين انهيءَ کان پهرين گمراهه هئا . “**

البقرة:198

فَاذْكُرُوا اللَّهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَا لَمْ تَكُونُوا تَعْلَمُونَ

**” ۽ الله کي ياد ڪريو جيئن هن اوهان کي ڪجهه سيکاريو ، جيڪي اوهين نہ ڄاڻندا هئا .“**

البقرة:239

وَاذْكُرْ رَبَّكَ فِي نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَخِيفَةً وَدُونَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْآصَالِ وَلَا تَكُنْ مِنَ الْغَافِلِينَ

**” ۽پنهنجي ڏٺيءَڪي صبح ۽شام ٻاڏائيندي ۽ اڪيلائيءَ ۾ آهستي آوازسان ياد ڪندورهه ۽غفلت ۾وڪوڙيلن مان نہ ٿيءُ .“**

الأعراف : 205

## ذڪرجي اهميت ۽ فضيلت

**الله تعاليٰ جو فرمان آ هي :**

{ فَاذكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوا لِي وَلَا تَكفُرُونِ }

**” توهين مون کي ياد ڪريو آئون اوهان کي ياد ڪندس اوهين منهجو شڪر ادا ڪريو ۽ منهنجو انڪار نہ ڪريو .“**

البقرة: 152

{ يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوْا اذْكُرُوا اللَّهَ ذِكْرًا كَثِيرًا }

**” اي ايمان وارؤ! الله کي گهڻي کان گهڻو ياد ڪندا رهو .“**

**الاحزاب : 41**

{ وَالذَّاكِرِينَ اللَّهَ كَثِيرًا وَالذَّاكِرَاتِ أَعَدَّ اللَّهُ لَهُمْ مَغْفِرَةً وَأَجْرًا عَظِيمًا}

**” ۽ الله کي گهڻي کان گهڻو ياد ڪندڙ مرد ۽ عورتون ، الله تعالىٰ انهن لاءِ بخشش ۽ تمام وڏو ثواب تيار ڪيو آهي . “**

**الاعراب : 35**

**رسول الله ﷺ جن فرمايو :**

« مثل الذي يذكر ربه والذي لا يذكر ربه مثل الحي والميت »

**” الله کي ياد ڪندڙ زنده وانگر آهي ۽ الله جي ذڪر کان منهن موڙيندڙ مئل وانگر آهي . “**

**البخاري : حديث نمبر6407 ، مسلم : حديث نمبر 779 هي لفظ مسلم شريف جا آهن :**

«مثل البيت الذي يذكر الله فيه والبيت الذي لا يذكر الله فيه مثل الحي والميت»

**” ان گهر جو مثال زنده وانگر آهي جنهن ۾ الله ذڪر ڪيو وڃي ۽ ان گهر جو مثال مردي وانگر آهي جنهن ۾ الله جو ذڪر نه ڪيو وڃي “**

**رسول الله ﷺ جن فرمايو:**

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَلَا أُنَبِّئُكُمْ بِخَيْرِ أَعْمَالِكُمْ وَأَزْكَاهَا عِنْدَ مَلِيكِكُمْ وَأَرْفَعِهَا فِي دَرَجَاتِكُمْ وَخَيْرٌ لَكُمْ مِنْ إِنْفَاقِ الذَّهَبِ وَالْوَرِقِ وَخَيْرٌ لَكُمْ مِنْ أَنْ تَلْقَوْا عَدُوَّكُمْ فَتَضْرِبُوا أَعْنَاقَهُمْ وَيَضْرِبُوا أَعْنَاقَكُمْ قَالُوا بَلَى قَالَ ذِكْرُ اللَّهِ تَعَالَى

**”ڇا آئون اوهان کي اهڙو عمل نه ٻڌايان ؟ جيڪو اوهان جي شهنشاه وٽ سڀ کان وڌيڪ پلو ۽ پاڪ ۽ مرتبي ۾ سڀ کان بلند عمل آهي جيڪو توهان جي لاءِ سون ۽ چاندي خرچ ڪرڻ کان وڌيڪ بهتر آهي ۽ توهان جي لاءِ بهتر آهي ، ان عمل کان جو اوهين دشمن سان ملو اوهين انهن جي ڪنڌن کي ڪپيو ۽ اهي اوهان جي ڪنڌن کي ڪپين . صحابہ ڪرام عرض ڪيو ڇونه الله جا رسولﷺ ! (ضرور ٻڌايو )پاڻ فرمايائون اهو عمل الله کي ياد ڪرڻ آهي . “**

**الترمذي : حديث نمبر3377 ، صحيح ابن ماجه 2 / 316 صحيح الترمذي 3 / 139**

**رسول الله ﷺ جن فرمايو:**

يَقُولُ اللَّهُ تَعَالَى أَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِي بِي وَأَنَا مَعَهُ إِذَا ذَكَرَنِي فَإِنْ ذَكَرَنِي فِي نَفْسِهِ ذَكَرْتُهُ فِي نَفْسِي وَإِنْ ذَكَرَنِي فِي مَلَإٍ ذَكَرْتُهُ فِي مَلَإٍ خَيْرٍ مِنْهُمْ وَإِنْ تَقَرَّبَ إِلَيَّ بِشِبْرٍ تَقَرَّبْتُ إِلَيْهِ ذِرَاعًا وَإِنْ تَقَرَّبَ إِلَيَّ ذِرَاعًا تَقَرَّبْتُ إِلَيْهِ بَاعًا وَإِنْ أَتَانِي يَمْشِي أَتَيْتُهُ هَرْوَلَةً

**” الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته : منهنجو ٻانهو منهنجي باري ۾ جيڪو گمان رکي ، آئون ان جي مطابق هوندو آهيان . جڏهن هو مون کي ياد ڪندو آهي ته آئون انهي سان گڏ هوندو آهيان ۽ هوجڏهن مون کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪري ٿو ته آئون ڪيس پنهنجي دل ۾ ياد ڪريان ٿو۽جيڪڏهن هو مون کي ماڻهن جي ميڙ ۾ ياد ڪري ٿو آئون ڪيس انهي کان سٺي (ملائڪن ) جي ميڙ ۾ ياد ڪندوآهيان ۽ جيڪڏهن هو مون کي هڪ ٻاڙيءَ برابر ويجهو ايندو آهي ته آئون ان کي ٻانهه برابر ويجهو ايندوآهيان۽جيڪڏهن هو مون کي ٻانهه برابر ويجهو ايندوته آئون ان کي پرهه برابر ويجهو ايندو آهيان ۽جيڪڏهن هو منهنجي لاءِ هلي ايندو آهي ته آئون ان لاءِ ڊوڙي ايندوآهيان .“**

**البخاري : حديث نمبر 7405**

**عبدالله بن بسر رضي الله عنه روايت ڪري ٿو ته هڪ شخص عرض ڪيو ، اي الله جا رسول ﷺ ! اسلام جا احڪام تمام گھڻا هجڻ جي ڪري مون تي ڳرا ٿي پيا آهن ،انهي لاءِ مون کي اهڙو عمل ڏسيو جنهن تي آئون عمل ڪريان . پاڻ ﷺ جن فرمايو ته :**

لَا يَزَالُ لِسَانُكَ رَطْبًا مِنْ ذِكْرِ اللَّهِ

**تنهنجي زبان هميشه الله جي ذڪرسان آلي ۽ تازي هجي .**

**الترمذي :حديث نمبر3375 ابن ماجه صحيح الترمذي : 3 / 139 صحيح ابن ماجه : 2 / 317**

رسول الله ﷺ جن فرمايو :

« من قعد مقعدا لم يذكر الله فيه كانت عليه من الله ترة ، ومن اضطجع مضجعا لم يذكر الله فيه كانت عليه من الله ترة »

” ڪوبہ شخص اهڙي مجلس ۾ ويٺو جنهن ۾ هن الله جو ذڪر نہ ڪيو تہ اها مجلس انهي لاءِ الله جي طرفان نقصان جو سبب ٿيندي ۽ جيڪو بہ شخص ڪنهن ليٽڻ جي جڳهہ تي ليٽيو ۽ الله تعالىٰ جو ذڪر نہ ڪيائين تہ اها جڳهہ الله جي طرفان ان جي لاءِ نقصان جو سبب ٿيندي .“

ابوداؤد : حديث نمبر 4856 , صحيح الجامع : 5 / 342 .

رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي :

« ما جلس قوم مجلسا لم يذكروا الله فيه ، ولم يصلوا على نبيهم إلا كان عليهم ترة ، فإن شاء عذبهم وإن شاء غفر لهم »

” جيڪا قوم اهڙي مجلس ۾ ويٺي جنهن ۾ هن الله جو ذڪر نہ ڪيو نہ ئي پنهنجي نبي ﷺ جن تي درود پڙهيائين تہ اها مجلس ان قوم لاءِ نقصان جو ذريعو بڻبي ، الله چاهي تہ انهن تي عذاب ڪري چاهي تہ انهن کي معاف فرمائي .“

جامع الترمذي : حديث نمبر 3380 صحيح الترمذي : 3 / 140

رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي :

« ما من قوم يقومون من مجلس لا يذكرون الله فيه إلا قاموا عن مثل جيفة حمار وكان لهم حسرة »

” جيڪي ماڻهو ڪنهن اهڙي محفل مان اٿن ٿا جنهن ۾ هنن الله جو ذڪرنہ ڪيوآهي تہ گڏهہ جهڙي بدبودارشيءَ تان اٿن ٿا ۽ اها مجلس انهن لاءِ حسرت جو سبب بڻبي .“

ابوداؤد : حديث نمبر 4855 ، أحمد : 2 / 398 ،صحيح الجامع : 5 / 176 .

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :

قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ قَرَأَ حَرْفًا مِنْ كِتَابِ اللَّهِ فَلَهُ بِهِ حَسَنَةٌ وَالْحَسَنَةُ بِعَشْرِ أَمْثَالِهَا لَا أَقُولُ الم حَرْفٌ وَلَكِنْ أَلِفٌ حَرْفٌ وَلَامٌ حَرْفٌ وَمِيمٌ حَرْفٌ

”جيڪوشخص قران مجيد جو هڪ حرف تلاوت ڪري ٿو انهي لاءِ هرهڪ اکر جي بدلي ۾ هڪ نيڪي آهي ۽ هڪ نيڪي انهي جهڙين ڏهن نيڪين جي برابر آهي . آئون ائين نٿو چوان ته الم هڪ حرف آهي بلڪ الف الڳ حرف آهي ، لام الڳ حرف آهي ۽ ميم الڳ حرف آهي .“

جامع الترمذي : حديث نمبر 2910 ، صحيح الترمذي: 3 / 9 ، صحيح الجامع الصغير: 5 / 340 .

سيدنا عقبه بن عامر رضي الله عنه فرمائي ٿو:

خَرَجَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَنَحْنُ فِي الصُّفَّةِ فَقَالَ أَيُّكُمْ يُحِبُّ أَنْ يَغْدُوَ كُلَّ يَوْمٍ إِلَى بُطْحَانَ أَوْ إِلَى الْعَقِيقِ فَيَأْتِيَ مِنْهُ بِنَاقَتَيْنِ كَوْمَاوَيْنِ فِي غَيْرِ إِثْمٍ وَلَا قَطْعِ رَحِمٍ فَقُلْنَا يَا رَسُولَ اللَّهِ نُحِبُّ ذَلِكَ قَالَ أَفَلَا يَغْدُو أَحَدُكُمْ إِلَى الْمَسْجِدِ فَيَعْلَمُ أَوْ يَقْرَأُ آيَتَيْنِ مِنْ كِتَابِ اللَّهِ عَزَّ وَجَلَّ خَيْرٌ لَهُ مِنْ نَاقَتَيْنِ وَثَلَاثٌ خَيْرٌ لَهُ مِنْ ثَلَاثٍ وَأَرْبَعٌ خَيْرٌ لَهُ مِنْ أَرْبَعٍ وَمِنْ أَعْدَادِهِنَّ مِنْ الْإِبِلِ

” هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن آيا ۽ اسين صفه جي چبوتري ۾ ويٺا هئاسين ، فرمايائون ته اوهان مان ڪير آهي جيڪو چاهي ٿو ته هرروز بطحان يا عقيق وادي ڏانهن وڃي ۽ اتان کان ٻه ٿلهن ٿوهن واريون ڏاچيون سواءِ ڪنهن گناه ۽ رشتي ٽوڙڻ جي ڪاهي اچي ؟ اسان عرض ڪيو ته اسان کي اها ڳالهه پسند آهي . پاڻ ﷺ جن فرمايو ته پوءِ اوهان مان ڪوبه مسجد ڇو نٿووڃي جو اتي ٻه آيتون سکي يا تلاوت ڪري اهو عمل هن لاءِ ٻه ڏاچيون حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ بهتر آهي ۽ ٽي آيتون (سکڻ يا تلاوت ڪرڻ ) ٽن ڏاچين ۽ چارآيتون(سکڻ يا تلاوت

ڪرڻ )چارڏاچيون حاصل ڪرڻ ڪان بهترآهي ، انهيءَ طرح انن جوتعداد آيتن جي تعداد برابررهندو ." مسلم : حديث نمبر: 803

## حمدءِ ثنا،درودءِسلام ،توبه ءِ استغفار جي فضليت

**حمدءِ ثنا، تڪبير ءِ لااله الا الله جي فضيلت :**

رسول الله ﷺ جن فرمايو: " ته جيڪوشخص ڏينهن ۾هڪ سؤدفعاپڙهي :

سُبْحَانَ اللَّهِ وَبِحَمْدِهِ

" الله پاڪ آهي پنهنجي سموري واکاڻ سان . "

ان جا گناهه سمنڊ جي جهاڳ برابر هوندا تڏهن به معاف ٿي وينداآهن ."

البخاري : حديث نمبر 6405

رسول الله ﷺ جن فرمايو ته : " جيڪوشخص (هڪ دفعو هيٺ ڄاڻايل تسبيح) پڙهي ان شخص لاءِ جنت ۾ کجور جو هڪ وڻ لڳايوويندوآهي ."

سُبْحَانَ اللَّهِ الْعَظِيمِ وَبِحَمْدِهِ

" الله عظمت وارو پاڪ آهي پنهنجي سموري واکاڻ سان."

الترمذي : حديث نمبر (3464 ) ، الحاڪم 1 / 501 امام حاڪم صحيح چيو آهي ءِ امام ذهبي به سندس تائيد ڪئي آهي ، صحيح الجامع حديث نمبر (6429) ،صحيح الترمذي 3 / 160سلسلةالاحاديث الصحيحة حديث نمبر (64)

رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: " به ڪلمازبان تي هلڪا پر عملن جي ترازو ۾ ڳرا ءِالله کي تمام گهڻا محبوب آهن:

سُبْحَانَ اللَّهِ الْعَظِيمِ سُبْحَانَ اللَّهِ وَبِحَمْدِهِ

" الله پاڪ آهي پنهنجي سموري واکاڻ سان پاڪ آهي الله تمام گهڻي عظمت وارو " البخاري: حديث نمبر 6682

رسول الله ﷺ جن فرمايو :

” آئون هينيان ڪلما پڙهان تہ اهو عمل مون ڪي دنيا جي انهن سيني شين کان محبوب آهي جن تي سج ايري ٿو .“

سُبْحَانَ اللَّهِ وَالْحَمْدُ لِلَّهِ وَلَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَاللَّهُ أَكْبَرُ

” الله پاڪ آهي ، هر قسم جي واکاڻ الله جي لاءِ آهي ۽ الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ۽الله سڀ کان وڏوآهي .“

صحيح مسلم حديث نمبر 2695

هيٺيون ذڪر باقي رهڻ وارن نيڪ عملن مان آهي :

سُبْحَانَ اللَّهِ وَالْحَمْدُ لِلَّهِ وَلَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَاللَّهُ أَكْبَرُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ

” الله پاڪ آهي ۽هر قسم جي واکاڻ الله جي لاءِ آهي ۽ الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ۽الله سڀ کان وڏوآهي نہ آهي برائي کان بچڻ جي همت ۽ نہ وري نيڪي ڪرڻ جي طاقت، سواءِ الله تعالىٰ جي توفيق جي .“

مسند احمد :نمبر513 ترتيب احمد شاڪر هن جي سند صحيح آهي ،مجمع الزوائد 1 / 297 ، ابن حجر رحمه الله بلوغ المرام ۾ ابو سعيد جي روايت کي نسائي جي طرف منسوب ڪندي فرمايائون تہ امام ابن حبان ۽ امام حاڪم هن کي صحيح چيوآهي ، سلسله الاحاديث الصحيحه: حديث نمبر 3264

نبي ﷺ جن فرمايو تہ : ” چار بول الله کي سڀ کان وڌيڪ محبوب آهن انهن مان ڪوبہ پهريائين پڙهيائين تہ ڪو حرج نہ آهي :

سُبْحَانَ اللَّهِ وَالْحَمْدُ لِلَّهِ وَلَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَاللَّهُ أَكْبَرُ

” الله پاڪ آهي ۽سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن ۽ ان کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ۽ الله سڀ کان وڏو آهي .“

مسلم: حديث نمبر 2137

نبي ﷺ جن فرمايو تہ : جنھن بہ ھي دعا ڏھہ ڀيرا پڙھي ڇڻ تہ ان اسماعيل ( عليه السلام ) جي اولاد مان چارغلام آزاد ڪيا .

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ, له الملك ، وله الحمد , وهو على كل شيء قدير

" الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آھي ان لاءِ ئي باداشاھي آھي ۽ ان لاءِ واکاڻ آھي ۽ ھوھر شيءِ تي قدرت رکندڙ آھي ."

مسلم :حديث نمبر 2693

ھڪ ڳوٺاڻو نبي ﷺ جن وٽ آيو عرض ڪيائين تہ : اھڙو ذڪر ٻڌايو جيڪو آئون پڙھندو رھان پاڻ ﷺ جن فرمايو چؤ :

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ ، اللَّهُ أَكْبَرُ كَبِيرًا وَالْحَمْدُ لِلَّهِ كَثِيرًا سُبْحَانَ اللَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ الْعَزِيزِ الْحَكِيمِ

" الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آھي،الله سڀ کان وڏو آھي ۽الله جي لاءِ ئي گھڻي کان گھڻي واکاڻ آھي ، الله پاڪ آھي سمورن جھانن جو پالڻھارآھي ، نہ آھي برائي کان بچڻ جي ھمت ۽ نہ وري نيڪي ڪرڻ جي طاقت، سواءِ الله غالب ۽ حڪمت واري جي توفيق جي ."

ڳوٺاڻي عرض ڪيو ھي (واکاڻ جي ورڪا) تہ منھنجي پالڻھار لاءِ آھي آئون پنھنجي حق ۾ڪھڙن لفظن سان دعا گھران ؟

پاڻ ﷺ جن فرمايو: تون چئو تہ : اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي وَارْحَمْنِي وَاهْدِنِي وَارْزُقْنِي

" اي الله! مون کي معاف فرماءِ ۽ مون تي رحم فرماءِ ۽ مون کي ھدايت عطا فرماءِ ۽ مون کي تندرستي عطا فرماءِ ۽ مون کي رزق عطا فرماء ."

مسلم: حديث نمبر2696 ابودا ؤد : حديث نمبر 832: ۾ ھي لفظ آھن تہ جڏھن ان ڳوٺاڻي پٺ ڏني نبي ﷺ جن فرمايو تہ ھن پنھنجا ٻئي ھٿ خير

جڏهن ڪو شخص مسلمان ٿيندو هو ته نبي ﷺ جن ڪين
نمازسيکاريندي کيس حڪم ڏيندا هئا ته هنن لفظن سان دعا گهرندو
رهه :

اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِيْ وَارْحَمْنِيْ وَاهْدِنِيْ وَعَافِنِيْ وَارْزُقْنِيْ

” اي الله! مون کي معاف فرماءِ ۽ مون مٿي رحم فرماءِ ۽ مون کي هدايت عطا فرماءِ ۽ مون کي رزق عطا فرماء.“

مسلم: حديث نمبر 2697 مسلم جي روايت ۾ هي لفظ آهن ته هي ڪلما تنهنجي لاءِ دنيا ۽ آخرت گڏ ڪندا.

نبي ﷺ جن فرمايوته اي عبد الله بن قيس ! ڇاآئون توکي جنت جي خزانن جو ڏس نه ڏيان؟ مون عرض ڪيو اي الله جا نبي ﷺ ! ڇونه ( بلڪل ڏس ڏيوم) !پاڻ ﷺ جن فرمايو ته تون چؤ ته :

وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ

”نه آهي برائي کان بچڻ جي همت ۽ نه وري نيڪي ڪرڻ جي طاقت،سواءِ الله جي توفيق جي“.

البخاري : حديث نمبر6409 ، مسلم: حديث نمبر 2704

نبي ﷺ جن جو فرمان آهي ته :

سڀ کان بهترين دعا آهي

اَلْحَمْدُ لِلَّهِ

” سڀ واکاڻ الله جي لاءِ ئي آهي.“

سڀ کان بهترين ذڪر آهي :

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

” الله کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نه آهي . “

الترمذي: حديث نمبر 3383 الحاڪم:1 / 503 امام حاڪم هن کي صحيح چيو آهي امام ذهبي سندن تائيد ڪئي آهي ، صحيح الجامع: 1 / 362 .

**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ”: ڇا اوهين هرروز هڪ هزار نيڪيون ڪمائي نٿا سگهو ؟ مجلس ۾ ويٺلن مان ڪنهن عرض ڪيو تہ اسان مان ڪو هڪ هزار نيڪيون ڪيئن ڪمائي سگهي ٿو ؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ هرروزهزارڀيرا سبحان الله پڙهي تہ ان جي لاءِ هڪ هزار نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ هڪ هزار گناهہ بخشيا ويندا آهن ."**

**صحيح لمسلم: حديث نمبر** 2698

## رسول الله ﷺجن تي درود موڪلڻ جي فضيلت

**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :" جيڪو شخص مون تي هڪ درود موڪليندو تہ الله تعالىٰ ان تي ڏهہ رحمتون نازل ڪندو ."**

**مسلم: حديث نمبر 408**

**رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ : " منهنجي قبر کي ميلو جوهنڌ نہ بنائجو ۽ مون تي درود موڪليو ڇوتہ توهان جتي بہ هجو پر اوهان جو درود مون کي پهچي ٿو ."**

**ابوداؤد: حديث نمبر** 2042 **أحمد** 2 / 367 **علامه الباني هن روايت کي صحيح چيو آهي**

**صحيح ابوداؤد** 2 / 383

**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ : " ڪنجوس آهي اهو انسان جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو پر ان مون تي درود نہ پڙهيو ."**

**الترمذي :حديث نمبر** 3546 ، **صحيح الجامع : حديث نمبر** (2878) ،

**صحيح الترمذي:** 3 / 177 .

**نبي ﷺ جن فرمايو تہ : " الله تعالىٰ جا ڪجھ ملائڪ اهڙا آهن جيڪي زمين جوسير ڪندي منهنجي امت جو سلام مون تائين پهچائين ٿا ."**

**النسائي :حديث نمبر** 1283 **،الحاڪم:** 2 / 421 **, علامه الباني هن روايت ڪي صحيح چيو آهي: صحيح النسائي:** 1 / 274

**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ : "جڏهن ڪو شخص مون تي سلام چوندو آهي تہ الله تعالىٰ منهنجي روح ڪي واپس موٽائيندو آهي تہ جيئن آئون ان جي سلام جو جواب ڏيان ۔"**

**ابوداؤد: حديث** 2041 **علامه الباني هن روايت ڪي حسن قرار ڏنو آهي : صحيح ابوداؤد:** 1 / 383

**مسنون درود**

اللَّهُمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْـــرَاهِيمَ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ اللَّهُمَّ بَارِكْ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلَى إِبْـــرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ

**" اي الله!رحمت نازل فرماءِ محمد ﷺ ۽ محمد ﷺجن جي آل تي جيئن تو رحمت نازل فرمائي ابراهيم عليہ السلام ۽ ابراهيم عليہ السلام جي آل تي بيشڪ تون ساراهيلۃ بزرگي واروآهين .**

**اي الله!برڪت نازل فرماءِ محمدﷺ ۽ محمد ﷺ جن جي آل تي جيئن تو برڪت نازل فرمائي ابراهيم عليہ السلام ۽ ابراهيم عليہ السلام جي آل تي بيشڪ تون ساراهيلۃ بزرگي واروآهين ."**

**البخاري: حديث نمبر** 3370

## توبه ۽ استغفار

**رسول للهﷺ جن فرمايوتہ : " الله جو قسم! آئون ڏينهن ۾ ستر دفعن ڪان وڌيڪ الله ڪان بخشش گهران ٿوۃ ان جي اڳيان توبہ ڪريان ٿو ."**

**البخاري : حديث نمبر** 6307

نبي ﷺ جن فرمايو تہ : ” اي ماڻهؤ ! الله کان پنهنجي گناهن جي بخشش گهرو آئون ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا گناهن جي بخشش گهرندوآهيان .“
اغر مزني رضي الله عنه روايت ڪري ٿو رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ : ” منهنجي دل تي (الله جي ذڪر کان چند گهڙين لاءِ پل جي ڪري ) پردو محسوس ڪندوآهيان ، جڏهن تہ آئون الله کان ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا بخشش گهرندو آهيان .“
مسلم: حديث نمبر 2702
نبي ﷺ جن فرمايو تہ : ” الله تعالىٰ رات جي آخري پهر ۾ ٻانهي کي سڀ کان وڌيڪ ويجهوهوندو آهي، جيڪڏهن تون چاهين ٿوتہ ان گهڙيءَ ۾ الله تعالىٰ کي ياد ڪرڻ وارن مان ٿي وڃان، تہ ٿي وڃ .“
الترمذي : حديث نمبر3579 ،صحيح الترمذي : 3 / 183
نبي ﷺ جن فرمايو تہ : ” ٻانهو پنهنجي رب کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو سجدي جي حالت ۾ هوندو آهي ان ڪري سجدي ۾ گهڻي کان گهڻي دعا گهرندا ڪريو.“
مسلم:حديث نمبر 482
نبي ﷺ جن فرمايوتہ : ” جيڪو هي دعا گهرندو آهي الله تعالىٰ ان کي معاف ڪري ڇڏيندو آهي ڀلي اهو جهاد مان ڀڄي آيو هجي .“
أَسْتَغْفِرُ اللَّهَ الْعَظِيمَ الَّذِي لَا إِلَهَ إِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّومَ وَأَتُوبُ إِلَيْهِ
” آئون ان الله کان بخشش گهران ٿو جنهن کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي جيڪو زندهہ ۽ڪائنات جو نگران آهي آئون انهيءَ جي درتي توبہ تائب ٿيان ٿو.“
ابوداؤد: حديث نمبر 1517، الترمذي: 5 / 569 امام حاڪم هن روايت کي صحيح چيو آهي امام ذهبي سندس تائيد ڪئي آهي 1 / 511 ۽ علامہ الباني بہ صحيح چيو آهي صحيح الترمذي 3 / 182 هتي هن دعا جي فقط زباني ادائگي مقصود نہ آهي بلڪ دعا جي لفظن جي معنىٰ کي

**روح ۽ دل جي گهرائين سان محسوس ڪندي هميشہ جي لاءِ توبہ ڪري .**

## سمهڻ ۽ جاڳڻ وقت دعائون

سمهڻ وقت دعائون:

1 **سورت آلم السجده ۽ سورت تبارڪ الذي بيده الملڪ پڙهجي**

**صحيح الجامع**: 4 / 255 **الترمذي :حديث نمبر** 3404

2 **هٿ جون ٻئي تريون ملائي سورت الاخلاص ،سورت الفلق، سورت الناس پڙهي هٿن تي ڦوڪجي ۽ هٿ جسم جي جنهن حصي پهچي سگهن ، ان حصي تي ڦيرائي، مٿي،منهن ۽جسم جي اڳئين حصي کان شروع ڪري ، ان طرح ٽي ڀيرا ڪري .**

**بخاري**: **حديث نمبر** 5017

3 **جڏهن توهان بستري تي پهچو تہ آيةالڪرسي مڪمل پڙهو ائين ڪرڻ سان الله جي طرفان هڪ حفاظت ڪندڙ ملائڪ مقرر ٿي ويندو ۽صبح تائين شيطان اوهان جي ويجهو نہ اچي سگهندو**

**صحيح البخاري** : **حديث نمبر** 5010

4 **جيڪو شخص هيٺ ڏنل ٻہ آيتون رات جي وقت پڙهندو تہ اهي ان جي لاءِ ڪافي رهنديون :**

آمَنَ الرَّسُولُ بِمَا أُنْزِلَ إِلَيْهِ مِنْ رَبِّهِ وَالْمُؤْمِنُونَ كُلٌّ آمَنَ بِاللَّهِ وَمَلَائِكَتِهِ وَكُتُبِهِ وَرُسُلِهِ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ أَحَدٍ مِنْ رُسُلِهِ وَقَالُوا سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَإِلَيْكَ الْمَصِيرُلَا يُكَلِّفُ اللَّهُ نَفْسًا إِلَّا وُسْعَهَا لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَا إِنْ نَسِينَا أَوْ أَخْطَأْنَا رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَا إِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهُ عَلَى الَّذِينَ مِنْ قَبْلِنَا رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهِ وَاعْفُ عَنَّا وَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا أَنْتَ مَوْلَانَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكَافِرِينَ

**” رسول جيڪي ڪجھ ڏانهس سندس رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي ان تي ايمان آندو۽سيئي مؤمن الله تي، ملائڪن تي، ڪتابن تي۽رسولن تي ايمان رکن ٿا تہ ۽چون ٿا تہ اسين سندس رسولن مان**

کنهن هڪ جي مجڻ ۾ فرق نٿا ڪريون ۽ چون ٿا تہ اي رب اسان جا ! اسان ٻڌو ۽ مڃيوءِ اسين تنهنجي بخشش گھرون ٿا ۽ تنهنجي طرف ئي موٽڻو آهي . الله تعالیٰ کنهن جان کي پابند نٿو ڪري مگر ان جي وس آھر، جيڪي هن ڪمايو ان جو فائدو ان جي لاءِ آهي ۽ جيڪي ڪجھ برائي ڪيائين ان جو گھاٽو بہ مٿس آهي اي رب اسانجا ! اسان جي پڪڙ نہ ڪجانءِ جيڪڏهن اسان وساريون يا خطا ڪئون . اي رب اسان جا ! اسان جي مٿان اهڙو بار نہ رک جيڪو اسان کان اڳين تي رکيئي ۽ اسان کي اهڙو بار نہ کڻاءِ جنهن جي اسان کي طاقت نہ هجي ۽ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان تي رحم فرماءِ، تون ئي اسان جو ڌڻي آهين ۽ اسان جي ڪافرن جي ٽولي جي مقابلي ۾ مدد فرماء ."

البقرة : 285 - 286 البخاري :حديث نمبر 5009

5 جيڪو شخص رات جو سمهڻ جي وقت

33 دفعا سبحان الله( الله پاڪ آهي) .

33 دفعا الحمد لله ( سڀ تعريف الله جي لاءِ آهي) .

33 دفعا الله اكبر (الله سڀ کان وڏوآهي) .

چوندو تہ اهو عمل انهي لاءِ هڪ نوڪر جي هجڻ کان وڌيڪ بهترآهي .

صحيح لمسلم: حديث نمبر2727

6 بستري تي ليٽڻ کان پهرين ان کي چگّي طرح چنڊي صاف ڪيو وڃي ساڄي پاسي پرليٽي ۽ ساڄي ڳل جي هيٺيان ساڄو هٿ رکي هي دعا پڙهي :

بِاسْمِكَ اللَّهُمَّ أَمُوتُ وَأَحْيَا

" اي الله!تنهنجي ئي نالي سان جيئان ۽مران ٿو".

البخاري : حديث نمبر6320

7 جيڪڏهن اوهان مان ڪو شخص بستري تان اٿي هليو وڃي ۽ پوءِ موٽي اچي تہ ان کي ٿي پيراڇنڊي ۽ بسم الله چوي ،ٿي سگھي ٿو تہ

**هن جي وچڻ کانپوءِ بستري تي ڪا شيءِ آئي هجي ۽ جڏهن ليٽي ته هيءَ دعا پڙهي :**

بِاسْمِكَ رَبِّ وَضَعْتُ جَنْبِي وَبِكَ أَرْفَعُهُ إِنْ أَمْسَكْتَ نَفْسِي فَارْحَمْهَا وَإِنْ أَرْسَلْتَهَا فَاحْفَظْهَا بِمَا تَحْفَظُ بِهِ عِبَادَكَ الصَّالِحِينَ

**” منهنجا رب ! تنهنجي ئي نالي سان پهنجي پاسي کي رکيم ۽ تنهنجي ئي نالي سان انهيءَ کي کڻندس جيڪڏهن تو منهنجي جان کي روڪي ورتو ته مٿس رحم ڪجانءِ ۽جيڪڏهن کيس واپس ڇڏين ته سندس ائين حفاظت ڪجانءِ جيئن تون پنهنجي نيڪ ٻانهن جي حفاظت ڪندوآهين .“**

**البخاري: حديث نمبر** 6320

8 اللَّهُمَّ إِنَّكَ خَلَقْتَ نَفْسِي وَأَنْتَ تَوَفَّاهَا, لَكَ مَمَاتُهَا وَمَحْيَاهَا إِنْ أَحْيَيْتَهَا فَاحْفَظْهَا وَإِنْ أَمَتَّهَا فَاغْفِرْ لَهَا, اللَّهُمَّ أَسْأَلُكَ الْعَافِيَةَ

**مسلم: حديث نمبر** 2712 **، مسند أحمد** : 2 / 79

**” اي الله !تو منهنجي جان کي خلقيو ۽ تون کيس موت ڏيندين ، تنهنجي ئي اختيار ۾ انهيءَ جي زندگي ۽ موت آهي جيڪڏهن کيس جيئارين ته سندس حفاظت فرمائجانءِ جيڪڏهن کيس مارين ته کيس بخش فرمائجانءِ ،اي الله! آئون توکان عافيت گهران ٿو .“**

9 اللَّهُمَّ أَسْلَمْتُ نَفْسِي إِلَيْكَ وَفَوَّضْتُ أَمْرِي إِلَيْكَ وَأَلْجَأْتُ ظَهْرِي إِلَيْكَ رَهْبَةً وَرَغْبَةً إِلَيْكَ لَا مَلْجَأَ وَلَا مَنْجَا مِنْكَ إِلَّا إِلَيْكَ آمَنْتُ بِكِتَابِكَ الَّذِي أَنْزَلْتَ وَبِنَبِيِّكَ الَّذِي أَرْسَلْتَ

**” اي الله !تنهنجي ثواب جي نيت رکندي، تنهنجي عذاب کان ڊڄندي، مون پنهنجي نفس کي تنهنجو فرمانبردار بڻايو ۽پنهنجو معاملو تنهنجي سپرد ڪيم، تنهنجي طرف ئي پنهنجورخ ڦيريم، پنهنجي پٺ تنهنجي اڳيان ئي جهڪايم، تو سواءِ نه ڪا پناه گاهه آهي ، نه وري**

چوٽڪاري جي جڳھ ،تنھنجي ان ڪتاب تي ايمان آندم جيڪو تو نازل فرمايو ۽ ان نبيءَ تي جنھن کي تو رسول بڻائي موڪليو “.

البخاري : حديث نمبر 6313، مسلم: حديث نمبر 2710

10 جڏھن رسول ﷺ جن سمھڻ جو ارادوڪندا ھئا تہ پنھنجو ساڄو ھٿ ساڄي ڳل جي ھيٺيان رکندا ھئا ۽ ھيءَ دعا ٽي دفعا پڙھندا ھئا :

اللَّهُمَّ قِنِي عَذَابَكَ يَوْمَ تَبْعَثُ عِبَادَكَ

” اي الله! مون کي پنھنجي عذاب کان بچاءِ ، جنھن ڏينھن تون پنھنجي ٻانھن کي( عملن جي حساب ڪتاب لاءِ قبرن مان) اٿاريندي .“

ابوداؤد: حديث نمبر 5045 صحيح الترمذي: 3 / 143

11 اللَّهُمَّ فَاطِرَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ رَبَّ كُلِّ شَيْءٍ وَمَلِيكَهُ أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ نَفْسِي وَمِنْ شَرِّ الشَّيْطَانِ وَشِرْكِهِ وَأَنْ أَقْتَرِفَ عَلَى نَفْسِي سُوءًا أَوْ أَجُرَّهُ إِلَى مُسْلِمٍ

”اي الله! ڳجھ ۽ظاھر جا ڄاڻندڙ !زمين ۽ آسمان جا خلقيندڙ!ھرشيءِ جا پالڻھار ۽ بادشاھ ! آئون گواھي ڏيان ٿو تہ توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آھي ،آئون تنھنجي پناھ گھران ٿو شيطان جي برائي کان ، ان جي شرڪ کان ۽ تنھنجي پناھ گھران ٿو ھن ڳالھ کان تہ آئون پنھنجي جان کي ڪنھن برائي ۾ مبتلا ڪريان يا ڪنھن مسلمان سان برائي ڪريان .“

ابوداؤد: حديث نمبر5083 جامع ترمذی: حديث نمبر 3392، صحيح الترمذي: 3 / 142

12 الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَكَفَانَا وَآوَانَا فَكَمْ مِمَّنْ لَا كَافِيَ لَهُ وَلَا مُؤْوِيَ

” ھر قسم جي تعريف ان الله جي لاءِ جنھن اسان کي کارايو ۽ پياريو۽ اسان کي ڪافي ٿيو ۽ اسان کي جڳھ ڏنائين حالانڪ ڪيترائي اھڙا بہ انسان آھن جن جونہ ڪو ڪفايت ڪندڙ آھي ۽ نہ ٺڪاڻوڏيندڙ .“

مسلم :حديث نمبر2715

13 اللَّهُمَّ رَبَّ السَّمَاوَاتِ وَرَبَّ الْأَرْضِ وَرَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ رَبَّنَا وَرَبَّ كُلِّ شَيْءٍ فَالِقَ الْحَبِّ وَالنَّوَى وَمُنْزِلَ التَّوْرَاةِ وَالْإِنْجِيلِ وَالْفُرْقَانِ أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ كُلِّ شَيْءٍ أَنْتَ آخِذٌ بِنَاصِيَتِهِ اللَّهُمَّ أَنْتَ الْأَوَّلُ فَلَيْسَ قَبْلَكَ شَيْءٌ وَأَنْتَ الْآخِرُ فَلَيْسَ بَعْدَكَ شَيْءٌ وَأَنْتَ الظَّاهِرُ فَلَيْسَ فَوْقَكَ شَيْءٌ وَأَنْتَ الْبَاطِنُ فَلَيْسَ دُونَكَ شَيْءٌ اقْضِ عَنَّا الدَّيْنَ وَأَغْنِنَا مِنْ الْفَقْرِ

**” اي الله!ستن آسمانن جا پالڻھار۽ زمينن جا پالڻھار!عظيم عرش جا ڌڻي!اي پالڻھار اسانجا ! اي داڻي ۽ ککڙي کي چيرڻ وارا!اي تورات ، انجيل ۽ قرآن جا نازل فرمائيندڙ!آئون هران شيءَ جي برائي کان تنهنجي پناھ گھران ٿوجنهن جي پيشاني کي تون پڪڙيندڙ آهين . اي الله! تون ئي اول آهين توکان پھريائين ڪابہ شيءِ نہ آهي ،تون ئي آخر آهين، توکان پوءِ ڪابہ شي نہ آهي، تون ئي ظاهر آهين، توکان مٿي ڪابہ شيءِ نہ آهي، تون ڳجھو آهين، توکان ڪابہ شيءِ لڪيل نہ آهي ، اسان جي طرفان قرض کي ادا فرماءِ ۽ سان کي شاهوڪارکر ۽ فقيري کان بچاءِ .“**

**مسلم: حديث نمبر** 2713

## رات جو پاسو بدلائڻ جي جي دعا

لا إله إلا الله الواحد القهار, رب السماوات والأرض وما بينهما العزيز الغفار

**” الله کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، هو اڪيلو، زبردست ، آسمانن ۽ زمينن ۽ٻنهي جي درميان وارن جو ڌڻي ،غالب ۽ گھڻو معاف ڪندڙ آهي .“**

**الحاڪم:** 1 /540 **امام حاڪم صحيح قرار ڏنو آهي ۽ امام ذهبي سندس تائيد ڪئي آهي , صحيح الجامع:** 4 / 213 .

# ننڊ دوران ڳڀراهٽ ۽ وحشت جي دعا

أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللَّهِ التَّامَّاتِ مِنْ غَضَبِهِ وَعِقَابِهِ وَشَرِّ عِبَادِهِ وَمِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِينِ وَأَنْ يَحْضُرُونِ

**”الله جي مڪمل ڪلمن جي ذريعي سان پناھ گھران ٿو سندس ناراضگي ۽ سزا ڪان ۽ سندس ٻانهن جي برائي ڪان ۽ وجهڻ شيطانن جي وسوسن ڪان ۽هن ڳالھ ڪان جو اهي مون وٽ اچن .“**

**ترمذي : حديث نمبر:** 3528، **صحيح الترمذي:** 3 / 171 .

## سٺو يابرو خواب ڏسڻ وقت ڇا ڪجي ؟

**سٺو خواب الله تعالیٰ جي طرفان هوندو آهي جيڪو شخص سٺو خواب ڏسي ان کي الله تعالیٰ جي واکاڻ بيان ڪرڻ گھرجيۓ پنهنجي دلي دوستن (يا خير خواهن ) ڪانسواءِ ڪنهن سان بيان نہ ڪري .**

**صحيح البخاري: حديث نمبر**6585

**برو خواب ڏسي تہ کاٻي طرف ٽي دفعا ٿڪي .**

**مسلم :حديث نمبر** 2263

**شيطان ۽ ڏٺل خواب جي برائي ڪان الله جي پناھ طلب ڪري .**

**مسلم :حديث نمبر**2263

**برو خواب ڪنهن سان بيان نہ ڪري .**

**مسلم :حديث نمبر** 2263

**جنهن پاسي پر ليٽيل هجي ،ان کي بدلائي ڇڏي .**

**مسلم: حديث نمبر**2263

**جيڪڏهن چاهي تہ اٿي نماز پڙهي .**

**مسلم: حديث نمبر**2263

## ننڊ دوران جاڳڻ وقت دعا

**جنهن شخص رات جو ڪنهن وقت جاڳي هيٺين ڪلمن جو ورد ڪيو ته ان کي بخشيو ويندو ، جيڪڏهن وضو ڪري نماز پڙهي ته ان جي نماز قبول ڪئي ويندي .**

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ سُبْحَانَ اللَّهِ وَالْحَمْدُ لِلَّهِ وَلَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَاللَّهُ أَكْبَرُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيمِ رَبِّ اغْفِرْ لِي

**" الله تعالىٰ کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ،ان لاءِ ئي بادشاهي آهي ۽ان لاءِ واکاڻ آهي هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي . الله پاڪ آهي ۽هر قسم جي واکاڻ الله جي لاءِ آهي ۽ الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ۽الله سڀ کان وڏوآهي۽نہ آهي برائي کان بچڻ جي همت ۽ نہ وري نيڪي ڪرڻ جي طاقت ، سواءِ بلند ۽ عظمت واري الله جي توفيق جي ، اي رب منهنجا ! مون کي بخش فرماءِ ."**

**سنن ابن ماجه : حديث نمبر** 3878

## ننڊ مان جاڳڻ وقت جون دعائون

1 الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَحْيَانَا بَعْدَ مَا أَمَاتَنَا وَإِلَيْهِ النُّشُورُ

**مسلم حديث نمبر:** 2713

**" سڀ واکاڻ الله جي لاءِ آهي جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زنده ڪيو ۽ان جي طرف ئي موٽڻو آهي . "**

2 الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي عَافَانِي فِي جَسَدِي وَرَدَّ عَلَيَّ رُوحِي وَأَذِنَ لِي بِذِكْرِهِ

**" هر قسم جي واکاڻ الله تعالىٰ جي لاءِ خاص آهي جنهن مون کي جسماني عافيت ۽ صحتمندي ڏني . مون تي منهنجي روح کي واپس ڪيائين۽مون کي سندس ذڪرڪرڻ جي توفيق ڏنائين . "**

**الترمذي: حديث نمبر** 3401**، صحيح الترمذي:** 3 / 144 .

3 إِنَّ فِي خَلْقِ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ لَآيَاتٍ لِأُولِي الْأَلْبَابِ (190) الَّذِينَ يَذْكُرُونَ اللَّهَ قِيَامًا وَقُعُودًا وَعَلَى جُنُوبِهِمْ وَيَتَفَكَّرُونَ فِي خَلْقِ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هَذَا بَاطِلًا سُبْحَانَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ (191) رَبَّنَا إِنَّكَ مَنْ تُدْخِلِ النَّارَ فَقَدْ أَخْزَيْتَهُ وَمَا لِلظَّالِمِينَ مِنْ أَنْصَارٍ (192) رَبَّنَا إِنَّنَا سَمِعْنَا مُنَادِيًا يُنَادِي لِلْإِيمَانِ أَنْ آمِنُوا بِرَبِّكُمْ فَآمَنَّا رَبَّنَا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوبَنَا وَكَفِّرْ عَنَّا سَيِّئَاتِنَا وَتَوَفَّنَا مَعَ الْأَبْرَارِ (193) رَبَّنَا وَآتِنَا مَا وَعَدْتَنَا عَلَى رُسُلِكَ وَلَا تُخْزِنَا يَوْمَ الْقِيَامَةِإِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِيعَادَ (194) فَاسْتَجَابَ لَهُمْ رَبُّهُمْ أَنِّي لَا أُضِيعُ عَمَلَ عَامِلٍ مِنْكُمْ مِنْ ذَكَرٍ أَوْ أُنْثَى بَعْضُكُمْ مِنْ بَعْضٍ فَالَّذِينَ هَاجَرُوا وَأُخْرِجُوا مِنْ دِيَارِهِمْ وَأُوذُوا فِي سَبِيلِي وَقَاتَلُوا وَقُتِلُوا لَأُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّئَاتِهِمْ وَلَأُدْخِلَنَّهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ ثَوَابًا مِنْ عِنْدِ اللَّهِ وَاللَّهُ عِنْدَهُ حُسْنُ الثَّوَابِ (195) لَا يَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِينَ كَفَرُوا فِي الْبِلَادِ (196) مَتَا عٌ قَلِيلٌ ثُمَّ مَأْوَاهُمْ جَهَنَّمُ وَبِئْسَ الْمِهَادُ (197) لَكِنِ الَّذِينَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ جَنَّاتٌ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا نُزُلًا مِنْ عِنْدِ اللَّهِ وَمَا عِنْدَ اللَّهِ خَيْرٌ لِلْأَبْرَارِ (198) وَإِنَّ مِنْ أَهْلِ الْكِتَابِ لَمَنْ يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَمَا أُنْزِلَ إِلَيْكُمْ وَمَا أُنْزِلَ إِلَيْهِمْ خَاشِعِينَ لِلَّهِ لَا يَشْتَرُونَ بِآيَاتِ اللَّهِ ثَمَنًا قَلِيلًا أُولَئِكَ لَهُمْ أَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ إِنَّ اللَّهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ (199) يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اصْبِرُوا وَصَابِرُوا وَرَابِطُوا وَاتَّقُوا اللَّهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ (200)

**ترجمو: بيشڪ زمين ۽ آسمان جي پيدائش ۽ رات ڏينهن جي اچڻ وڃڻ ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون آهن . اهي جيڪي الله کي ياد ڪن ٿا بيٺي ، ويٺي ۽ پنهجن پاسن پر ۽ سوچ ۽ ويچار ڪن ٿا آسمان ۽ زمين جي پيدائش ۾ ۽( چون ٿا ) اي رب اسان جا !جنهن کي توپيدا ڪيوآهي اهو اجايو نہ آهي تون پاڪ آهين سواسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ . اي اسان جا رب ! جنهن کي تودوزخ ۾وڌو تنهن کي تو بي شڪ خوار ڪيو۽ ظالمن جو ڪوبہ مدد گار نہ آهي . اي اسان جا رب !اسان ٻڌو هڪ پڪارڻ واري کي جيڪو پڪاري ٿو ايمان آڻڻ جي لاءِ تہ پنهنجي**

رب تي ايمان آڻيوسو اسان ايمان آندو اي اسان جا رب ! اسان کي بخش فرماءِ اسانجا گناھ ميٽي ڇڏ ۽ نيڪ ماڻھن سان گڏ موت ڏي بيشڪ تون وعدي خلافي نٿو ڪرين پوءِ سندن رب انھن لاءِ دعا قبول ڪئي تہ آئون توھان مان ڪنھن عمل ڪندڙ جو عمل ضايع نہ ڪندس خواه مرد ھجي يا عورت ۽ پاڻ ۾ اوھين ھڪ ٻي مان آھيو . پوءِ جن ھجرت ڪئي ۽ پھنجي گھرن مان ڪڍيا ويا ۽ منھنجي راھ ۾ ڏکوئيا ويا ۽ لڙيا ۽ ماريا ويا ، آئون ضرور انھن جون برايون مٽائيندس ۽ ضرور انھن کي باغن ۾ داخل ڪندس جن جي ھيٺيان نھرون وھن ٿيون ، اھو بدلو الله جي طرفان آھي ۽ الله تعالیٰ وٽ سھڻو بدلو اھي . توکي ڪافرن جي شھر ۾ڦير گھير ڌوکي ۾ نہ وجھي ،اھو ٿورو سامان آھي پوءِ آخرتڪاڻو انھن جوجھنم آھي ۽ اھا ڏاڍي بري جاءِ آھي . پر جيڪي پھنجي رب کان ڊنا ، انھن جي لاءِ عمدا باغ آھن جن جي ھيٺيان نھرون وھن ٿيون ھميشہ ان ۾ رھندڙ ھوندا . اھا الله جي طرفان مھماني آھي ۽ جيڪي ڪجھ الله وٽ نيڪن لاءِ سو ڀلوآھي بيشڪ الله جلد حساب وٺندڙ آھي ۽ بي شڪ اھل ڪتاب مان ڪي اھڙا بہ آھن جيڪي الله تي ۽ جيڪي اوھان ڏي نازل ڪيو ويوآھي ۽ جيڪي ڏانھن نازل ڪيوويوآھي ان تي ايمان رکن ٿا ، الله جي لاءِ عاجزي ڪندڙ ، ڊڄندڙآھن الله تعالیٰ جي آيتن تي ٿوروملھ نٿا وٺن اھي آھن جن لاءِانھن جو اجر سندس رب وٽ آھي بيشڪ الله تعالیٰ جلدي حساب ڪندڙآھي . اي ايمان وارؤ! صبر ڪريو۽ ٻين کي صبر سيکاريو ۽ ڪرايو۽ الله کان ڊڄندا رھو تان تہ اوھين ڪامياب ٿيو ."

آل عمران 190_200 ، صحيح البخاري : حديث نمبر 2570

## پاڪائي ، ٻانگ ۽ نماز

## بيت الخلا ۾ داخل ٿيڻ جي دعا

[ بسم الله ] اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْخُبُثِ وَالْخَبَائِثِ

” الله جي نالي سان (داخل ٿيان ٿو ) اي الله!آئون تنهنجي پناه ۾ اچان ٿو ناپاڪ جنن ۽ جنڙين کان .“

البخاري:حديث نمبر 142

## بيت الخلا مان نڪرڻ جي دعا

غُفْرَانَكَ

” اي (الله ! آئون) تنهنجي بخشش جو طلبگار آهيان .“

الترمذي : حديث نمبر 7

## مسجد ڏانهن وڃڻ جي دعا

« اللهم اجعل في قلبي نورا وفي لساني نورا, وفي سمعي نورا , وفي بصري نورا , ومن فوقي نورا , ومن تحتي نورا , وعن يميني نورا , وعن شمالي نورا , ومن أمامي نورا , ومن خلفي نورا , واجعل في نفسي نورا , وأعظم لي نورا, وعظم لي نورا , واجعل لي نورا , واجعلني نورا , اللهم أعطني نورا , واجعل في عصبي نورا , وفي لحمي نورا , وفي دمي نورا , وفي شعري نورا , وفي بشري نورا »

” اي الله! منهنجي دل ۾ نور پيدا فرماءِ ۽منهنجي زبان ۽ ڪنن ۾ نور پيدا فرماءِ ۽اکين ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي هيٺان ۽مٿان کان نور پيدا فرماءِ، ساڄي ۽ کابي کان نور پيدا فرماءِ۽ منهنجي اڳيان نور پيدا فرماءِ ۽منهنجي پويان کان نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي جان ۾ به نور پيدا فرماءِ ۽مون کي وڏو ۽ عظمت ڀريو نور عطا فرماءِ منهنجي لاءِ (هر طرف) نور پيدافرماءِ ۽ مون کي سراپا نور بڻاءِ اي الله !مون کي نور عطا فرماءِ ، منهنجي جوڙن ۾ نور عطا فرماءِ منهنجي گوشت ۾ ۽منهنجي رت ۾ نور پيدا فرماءِ۽منهنجي وارن ۾ نور پيدا فرماءِ ۽ منهنجي کل ۾ نور پيدا فرماءِ اي الله !منهنجي لاءِ منهنجي قبرکي نور بڻاءِ ۽ منهنجي هڏن کي نور بڻاءِ ۽ منهنجي نور ۾ واڌاروفرماءِ ۽ منهنجي نور ۾ واڌارو ، ۽ منهنجي نور ۾ واڌارو ۽مون کي نورن مٿان نور عطا فرماءِ .“

مسلم حديث نمبر 763 فتح الباري 11 / 118 ۾ ابن حجر رحمه الله هن کي ابن ابي عاصم جي ڪتاب ڪتاب الدعاءُ جي حوالي سان ذڪر ڪندي فرمائين ٿا تہ مختلف روايتن مان پنجويھ شيون ثابت ٿين ٿيون .

## مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي دعا

أَعُوذُ بِاللَّهِ الْعَظِيمِ وَبِوَجْهِهِ الْكَرِيمِ وَسُلْطَانِهِ الْقَدِيمِ مِنْ الشَّيْطَانِ الرَّجِيمِ

بسم الله , والصلاة والسلام على رسول الله  اللهم افتح لي أبواب رحمتك .

” آئون الله عظمت واري جي ۽ ان جي عزت واري چهري جي ۽ان جي هميشگي واري بادشاهت جي پناه گهران ٿو شيطان تڙيل کان ،الله جي نالي سان(آئون داخل ٿيان ٿو)۽ درود ۽ سلام هجن الله جي رسول ﷺ جن تي اي الله !منهنجي لاءِپنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏ .“

ابوداؤد: حديث نمبر 465 , صحيح الجامع: حديث نمبر 4591 ،

ابن سني هن کي روايت ڪيو آهي : حديث نمبر 88 ،علامه الباني هن هن روايت کي صحيح چيو آهي .

مسلم 1 / 494 . ابن ماجه : حديث نمبر 771_773 ۾ فاطمه رضي الله عنها جي روايت ۾ هي لفظ آهن « اللهم اغفر لي ذنوبي وافتح لي أبواب رحمتڪ »انهن کي علامه الباني شواهد جي ڪري صحيح قرار ڏنو آهي ڏسندا : صحيح ابن ماجه 1 / 128 - 129 .

## مسجد مان نڪرڻ جي دعا

« بسم الله والصلاة والسلام على رسول الله , اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ, اللـــهم اعصمني من الشيطان الرجيم »

”الله جي نالي سان(آئون نڪران ٿو )درود ۽سلام هجي رسول ﷺ جن تي اي الله !آئون توکان تنهنجي خصوصي ٻاجهہ جو سوال ڪريان ٿو، اي الله!مونکي شيطان تڙيل کان پنهنجي پناه ۾ رک .“

حـوالي لاءِ اڳـين حـديث جـا حـوالا ڏسـندا البتـہ اللهـم اعـصمني مـن الشيطان الرجيم » جا لفظ ابن ماجه جا آهن صحيح ابن ماجه 1\22 .

## وضو ڪان پهرين جي دعا

« بسم الله »

” الله جي نالي سان( وضو ڪريان ٿو ) “

ابوداؤد : حديث نمبر101 تفصيل لاءِ ڏسندا : إرواء الغليل 1 / 122

### وضوڪان پوءِ جون دعائون

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ

” آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪوبہ سچو معبود نہ آهي ۽ هو اڪيلو آهي ، جنهن جو ڪوبہ شريڪ ناهي ۽آئـون گـواهي ڏيـو ڏيـان تـہ محمد ﷺ جن الله جا ٻانها ۽ سندس رسول آهن .“

مسلم: حديث نمبر 234

اللَّهُمَّ اجْعَلْنِي مِنْ التَّوَّابِينَ وَاجْعَلْنِي مِنْ الْمُتَطَهِّرِينَ

” اي الله!مون کي توبہ ڪرڻ وارن مان بڻاءِ ۽ مون کي پاڪ صاف رهڻ وارن مان بڻاءِ .“

الترمذي : حديث نمبر 55 ،صحيح الترمذي : 1 / 18 .

« سُبْحَانَكَ اللَّهُمَّ وَبِحَمْدِكَ ، أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ ، أَسْتَغْفِرُكَ وَأَتُوبُ إِلَيْكَ

” اي الله!تـون پنهنجـي سـمورين سـاراهن سـميت پـاڪ آهـين ،آئـون گواهي ڏيان ٿو تہ توڪان سواءِ ڪوبہ سچو معبـود نـہ آهي ،توڪـان ئـي بخشش گهران ٿو ۽تنهنجي ئي اڳيان توبہ تائب ٿيان ٿو .“

عمل اليوم والليلة للنسائي ص 173 تفصيل لاءِ ڏسندا :ارواء الغليل 1 / 135 و 2 / 94 .

## ٻانگ

جيڪا ٻانگ بلال  ڏيندا هئا ان جا لفظ هي آهن :

اللَّهُ أَكْبَرُ اللَّهُ أَكْبَرُ، اللَّهُ أَكْبَرُ اللَّهُ أَكْبَرُ

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللَّهُ

أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللَّهُ

حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ

حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ

اللَّهُ أَكْبَرُ اللَّهُ أَكْبَرُ

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

**" الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ،الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي . آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ،آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ـآئون گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن، آئون گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن . اچونماز ڏانهن ، اچونماز ڏانهن . اچو ڪاميابي ڏانهن ، اچو ڪاميابي ڏانهن . الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ، الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ."**

**ابوداؤد: حديث نمبر** 499

## بيٽي بانگ

**هن کي دهري يا ترجيع واري بانگ بہ چيو ويندو آهي .**

**سيدنا ابو محذوره  کي رسول الله ﷺ جن ٻا نگ جو جيڪوطريقو سيکاريو اهو هن طرح آهي :**

اللَّهُ أَكْبَرُ اللَّهُ أَكْبَرُ،

اللَّهُ أَكْبَرُ اللَّهُ أَكْبَرُ

**"الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ."**

**پوءِ هلڪي آواز ۾ چوي**

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

**" آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله ڪانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ،**
**آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله ڪانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ."**

أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللَّهُ

أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللَّهُ

**" آئون گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن،**
**آئون گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن ."**

**پوءِ پهرين آواز کان ڪجھ وڌيڪ بلند آواز ۾ چوي :**

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

**" آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله ڪانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ،**
**آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله ڪانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ."**

أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللَّهُ

أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللَّهُ

**" آئون گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن،**
**آئون گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن ."**

**انهي کانپوءِ ٻانگ جو طريقو ساڳيو آهي جيئن مٿي گذريو .**

**مسلم : حديث نمبر** 379

**نوٽ :** حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ

**چوڻ دوران پنهنجو منهن ساڄي طرف موڙي ۽**

حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ

**چوڻ دوران پنهنجو منهن کاٻي طرف موڙي .**

**فجر جي ٻانگ**

**فجر جي ٻانگ جو طريقو ساڳيو آهي فقط**

حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ

**کانپوءِ هيٺيان لفظ ٻه ڀيرا چوي**

الصَّلَاةُ خَيْرٌ مِنْ النَّوْمِ ، الصَّلَاةُ خَيْرٌ مِنْ النَّوْمِ

**نماز ننڊ کان بهتر آهي ،نماز ننڊ کان بهتر آهي .**

**ابو داؤد: حديث نمبر** 501

## ٻانگ جو جواب

**اذان ٻڌڻ دوران اهي ئي لفظ چوي جيڪي لفظ ٻانگو چوي ٿو البته**

حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ ، حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ

**ٻڌڻ کانپوءِ چوي**

لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ

**نه آهي برائي کان بچڻ جي همت ۽ نه وري نيڪي ڪرڻ جي طاقت ، سواءِ الله جي توفيق سان**

**ٻانگو جڏهن ٻئي گواهي وارا لفظ چئي وٺي ته هي ڪلما پڙهي:**

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ وَأَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ رَضِيتُ بِاللَّهِ رَبًّا وَبِمُحَمَّدٍ رَسُولًا وَبِالْإِسْلَامِ دِينًا

**" آئون گواهي ڏيان ٿو ته الله کان سواءِ ڪوبه سچو معبود نه آهي ،۽ هو اڪيلو آهي جنهن جو ڪوبه شريڪ ناهي ۽آئون گواهي ٿو ڏيان ته محمد ﷺ جن الله جا ٻانها ۽ سندس رسول آهن ."**

**" آئون الله تعالیٰ جي رب هجڻ ۽ محمد ﷺ جن جي رسول هجڻ ۽اسلام جي دين هجڻ تي راضي آهيان ."**

**مسلم: حديث نمبر** 386

## ٻانگ کانپوءِ درود ۽ مسنون دعا

**ٻانگ جي جواب کانپوءِ نبي ﷺ جن تي درود پڙهيووڃي**

**مسلم :حديث نمبر** 384

اللَّهُمَّ رَبَّ هَذِهِ الدَّعْوَةِ التَّامَّةِ وَالصَّلَاةِ الْقَائِمَةِ آتِ مُحَمَّدًا الْوَسِيلَةَ وَالْفَضِيلَةَ وَابْعَثْهُ مَقَامًا مَحْمُودًا الَّذِي وَعَدْتَهُ [ إنك لا تخلف الميعاد ] »

**” اي الله!هن مڪمل دعوت ۽ قائم ٿيندڙ نماز جا رب !محمد ﷺ جن کي خصوصي قرب ۽ فضيلت عطا فرماءِ ۽ کيس ان خاص جڳھ (مقام محمود ) تي فائز فرماءِ جنهن جو تو هن سان وعدو فرمايو آهي . بيشڪ تون وعدي خلافي نہ ڪندو آهين .“**

**البخاري :حديث نمبر 614 بريڪٽ ۾ ڏنل لفظ سنن الڪبرىٰ بيهقي جا 1\ 410**

**آهن شيخ علامه عبد العزيزهنن لفظن کي حسن قرارڏنو آهي تحفة الاخيار ص 38 .**

## تڪبير

**اذان وانگر تڪبير بہ هڪوٽي ۽ ٻيڻي ٻئي ثابت آهن ، جڏهن تہ بلال  هڪوٽي تڪبير چوندو هو ان ڪري هڪوٽي تڪبير چوڻ وڌيڪ بهتر آهي ، جيڪڏهن اذان ٻيڻي سيدنا ابو محذورهؓ جي بيان ڪيل طريقي مطابق ڏني وڃي تہ تڪبير بہ ٻيڻي چئي وڃي .**

## هڪوٽي تڪبير

اللَّهُ أَكْبَرُ اللَّهُ أَكْبَرُ،

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللَّهُ

حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ ، حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ

قَامَتْ الصَّلَاةُ قَدْ قَامَتْ الصَّلَاةُ

اللَّهُ أَكْبَرُ اللَّهُ أَكْبَرُ،

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

**” الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ،**

**آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ،**

آئون گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن ،
اچونماز ڏانهن ،
اچو ڪاميابي ڏانهن ،
نماز قائم ٿي چڪي آهي ، نماز قائم ٿي چڪي آهي .
الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ،
الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ."
بخاري : حديث نمبر 605

## ٻيڻي تڪبير

اللَّهُ أَكْبَرُ اللَّهُ أَكْبَرُ،
اللَّهُ أَكْبَرُ اللَّهُ أَكْبَرُ
" الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ،
الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ."
أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ ، أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ
أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللَّهُ
أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللَّهُ
حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ
حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ
قَامَتْ الصَّلَاةُ قَدْ قَامَتْ الصَّلَاةُ
اللَّهُ أَكْبَرُ اللَّهُ أَكْبَرُ
لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ
" آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ،
آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي .
آئون گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن،
آئون گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن ،
اچونماز ڏانهن ، اچونماز ڏانهن ،

**اڄو ڪاميابي ڏانهن ، اڄو ڪاميابي ڏانهن .**
**نماز قائم ٿي چڪي آهي ، نماز قائم ٿي چڪي آهي ،**
**الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ،**
**الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ."**

**ابوداؤد: حديث نمبر** 501،502

**ٻانگ ۽ تڪبير جي وچ ۾ دعا گهري ڇوتہ ان وقت دعا رد نہ ٿيندي آهي .**

**ابوداؤد** : **حديث نمبر** 521 **ترمذي** : **حديث** 212

## تڪبير تحريمه کانپوءِ جون دعائون

**نمازي سڌوقبلي طرف منهن ڪري ٻيهي هٿن کي ڪنن برابر يا ڪلهن برابر کڻندي تڪبير تحريمہ چوي :**

الله اڪبر

**الله سڀ کان وڏو آهي**

**ان کان پوءِ هيءَ دعا پڙهي :**

1/ اللَّهُمَّ بَاعِدْ بَيْنِي وَبَيْنَ خَطَايَايَ كَمَا بَاعَدْتَ بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ اللَّهُمَّ نَقِّنِي مِنْ الْخَطَايَا كَمَا يُنَقَّى الثَّوْبُ الْأَبْيَضُ مِنْ الدَّنَسِ اللَّهُمَّ اغْسِلْ خَطَايَايَ بِالْمَاءِ وَالثَّلْجِ وَالْبَرَدِ

**" اي الله !منهنجيءَ منهنجي گناهن جي درميان ائين فاصلو پيدا فرماءِ جيئن تو اولهہ ۽ اڀرندي جي وچ ۾ فاصلو ڪيو آهي ،اي الله !مون کي گناهن کان ائين صاف فرماءِ جيئن اڇي ڪپڙي تان ميراڻ کي صاف ڪيو ويندوآهي ،اي الله! منهنجي گناهن کي برف ،پاڻي ۽ ڳڙن سان ڌوئي ڇڏ ."**

**البخاري** :1 / 181 **ومسلم: حديث: نمبر** 598.

2– سُبْحَانَكَ اللَّهُمَّ وَبِحَمْدِكَ وَتَبَارَكَ اسْمُكَ وَتَعَالَى جَدُّكَ وَلَا إِلَهَ غَيْرَكَ

**" اي الله !تون پاڪ آهين پنهنجي سمورين ساراهن ، سان برڪت پريو آهين، تنهنجو نالو ۽ تنهنجو شان بلند آهي ۽ توکانسواءِ ڪوبہ سچو معبود نہ آهي ."**

**ابودائود** : **حديث نمبر** 775 **صحيح الترمذي:** 1 / 77 **صحيح ابن ماجه** :1 / 135 .

3 وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِي فَطَرَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ حَنِيفًا وَمَا أَنَا مِنْ الْمُشْرِكِينَ إِنَّ صَلَاتِي وَنُسُكِي وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِي لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ لَا شَرِيكَ لَهُ وَبِذَلِكَ أُمِرْتُ وَأَنَا مِنْ الْمُسْلِمِينَ اللَّهُمَّ أَنْتَ الْمَلِكُ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ أَنْتَ رَبِّي وَأَنَا عَبْدُكَ ظَلَمْتُ نَفْسِي وَاعْتَرَفْتُ بِذَنْبِي فَاغْفِرْ لِي ذُنُوبِي جَمِيعًا إِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ وَاهْدِنِي لِأَحْسَنِ الْأَخْلَاقِ لَا يَهْدِي لِأَحْسَنِهَا إِلَّا أَنْتَ وَاصْرِفْ عَنِّي سَيِّئَهَا لَا يَصْرِفُ عَنِّي سَيِّئَهَا إِلَّا أَنْتَ لَبَّيْكَ وَسَعْدَيْكَ وَالْخَيْرُ كُلُّهُ فِي يَدَيْكَ وَالشَّرُّ لَيْسَ إِلَيْكَ أَنَا بِكَ وَإِلَيْكَ تَبَارَكْتَ وَتَعَالَيْتَ أَسْتَغْفِرُكَ وَأَتُوبُ إِلَيْكَ

**" مون پنهنجي چهري کي هڪ طرفوبڻائي ان ذات جي طرف موڙيوآهي ، جنهن آسمانن۽ زمين کي پيدافرمايو آهي ۽آئون شرڪ ڪندڙن مان نہ آهيان . بيشڪ منهنجي نماز، منهنجي قرباني ، منهنجو جيئڻ ، منهنجو مرڻ ان الله جي لاءِ آهي جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي ، جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ۽ ان عقيدي جو مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ۽ مون کي حڪم ڏنو ويو تہ آئون فرمانبردارن مان ٿيان . اي الله!تون ئي بادشاهہ آهين ، توکان سواءِ ڪوبہ سچومعبود نہ آهي،تون ئي منهنجو پالڻهار آهين ۽آئون تنهنجوبانهون آهيان مون پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪريان ٿو، تنهنڪري منهنجي گناهن کي معاف فرماءِ . بيشڪ توکانسواءِ گناهن کي بخشيندڙ ڪوبہ نہ آهي۽ مون کي سهڻي اخلاق جي طرف هدايت فرماءِ تو ڪانسواءِ ڪوبہ سهڻي اخلاق جي طرف رهنمائي نٿوڪري ۽ مون کي برن اخلاقن کان بچاءِ ۽ توکانسواءِ ڪوبہ برن اخلاقن کان بچائي**

**نٿو سگهي . اي الله! آئون حاضرآهيان، سموريون ڀلايون تنهنجي هٿ ۾ آهن ۽ڪابہ برائي تنهنجي طرف منسوب نہ آهي . آئون توکان ئي بخشش گهران ٿو ۽ تنهنجي طرف توبہ تائب ٿيان ٿو ."**

**مسلم: حديث نمبر** 771

**نوٽ : مٿي بيان ٿيل دعائون فرض نماز لاءِ آهن البتہ تهجد يا ٻين نفلي نمازن لاءِ تڪبير تحريمہ کان پوءِ ٻيون دعائون بہ ثابت آهن ، جن کي هيٺ ذڪر ڪجي ٿو :**

4 اللَّهُمَّ رَبَّ جَبْرَائِيلَ وَمِيكَائِيلَ وَإِسْرَافِيلَ فَاطِرَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ أَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِيمَا كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ اهْدِنِي لِمَا اخْتُلِفَ فِيهِ مِنْ الْحَقِّ بِإِذْنِكَ إِنَّكَ تَهْدِي مَنْ تَشَاءُ إِلَى صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ

**" اي الله! جبرائيل ، ميڪائيل ۽ اسرافيل جا پالڻهار!زمين ۽ آسمان جا خلقيندڙ! لڪيل ۽ ظاهر شين کي ڄاڻندڙ! تون ئي فيصلو ڪندڙ آهين پنهنجي ٻانهن جي وچ ۾جن شين جي باري ۾ هو اختلاف ڪندا هئا ۽جن شين ۾ حق بابت اختلاف ٿي پيو آهي ،انهي بابت تون پنهنجي خاص حڪم سان هدايت عطا فرماءِ يقينا تون ئي سڌي راهہ طرف هدايت ڪندڙ آهين ."**

**مسلم : حديث نمبر 770**

5 اللَّهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ أَنْتَ نُورُ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ وَلَكَ الْحَمْدُ أَنْتَ قَيِّمُ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ وَلَكَ الْحَمْدُ أَنْتَ رَبُّ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ وَمَنْ فِيهِنَّ أَنْتَ الْحَقُّ وَوَعْدُكَ الْحَقُّ وَقَوْلُكَ الْحَقُّ وَلِقَاؤُكَ الْحَقُّ وَالْجَنَّةُ حَقٌّ وَالنَّارُ حَقٌّ وَالنَّبِيُّونَ حَقٌّ وَالسَّاعَةُ حَقٌّ اللَّهُمَّ لَكَ أَسْلَمْتُ وَبِكَ آمَنْتُ وَعَلَيْكَ تَوَكَّلْتُ وَإِلَيْكَ أَنَبْتُ وَبِكَ خَاصَمْتُ وَإِلَيْكَ حَاكَمْتُ فَاغْفِرْ لِي مَا قَدَّمْتُ وَمَا أَخَّرْتُ وَمَا أَسْرَرْتُ وَمَا أَعْلَنْتُ أَنْتَ إِلَهِي لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ

**" اي الله!تنهنجي لاءِ ئي سموريون ساراهون آهن۽ تون آسمانن ۽ زمين جو نور آهين ۽ جيڪي ڪجهہ انهن جي اندر آهي انهيءَ جو نور آهين۽ سڀ ساراهون تنهنجي لاءِ آهن تون زمين آسمان جو قائم رکندڙ**

۽ انهن ۾ رهندڙن کي قائم رکندڙ آهين ۽ تنهنجي لاءِ سڀ ساراهون آهن تون زمين ۽آسمان ۽انهن ۾ رهندڙن جو پالڻهار آهين ۽ تنهنجي لاءِ ئي سڀ ساراهون آهن ، آسمانن ۽ زمينن ۽ جيڪي ڪجهه انهن ۾ آهي تنهن جي بادشاهي تنهنجي لاءِ آهي ،تون ئي زمينن۽ آسمانن انهن زمينن۽ آسمانن انهن ۾ رهندڙهر شيءِ جو بادشاهه آهين . تنهنجي لاءِ واکاڻ آهي، تون سچو آهين ،تنهنجو وعدو سچو آهي ،تنهنجو هرفرمان سچو آهي، توسان ملاقات برحق آهي ، جنت جو( وجود )برحق آهي ، دوزخ جو وجود برحق آهي سڀ نبي سچا آهن ۽ محمد ﷺ سچا آهن۽ قيامت جو اچڻ برحق آهي اي الله!تنهنجو ئي فرمانبردار ٿيس ۽ تو تي ڀروسو ڪيم، تو تي ايمان آندم۽ تنهنجي طرف ئي رخ ڪيم ۽تنهنجي خاطرئي (ماڻهن )سان جهيڙو ڪيم ۽توکي پنهنجو حاڪم مڃيم ، انڪري مون کي معاف فرماءِ منهنجا اڳيان۽پويان گناهه ، لڪ ۽ ظاهر۾ ٿيل گناهه معاف فرماءِ ۽ تون ئي اڳتي وڌائڻ وارو۽پوئتي ڪرڻ وارو آهين۽ توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي، تون ئي منهنجو معبود آهين ۽ توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ."

**البخاري :حديث نمبر 1102 مسلم : حديث نمبر 769**

6 اللَّهُ أَكْبَرُ كَبِيرًا اللَّهُ أَكْبَرُ كَبِيرًا اللَّهُ أَكْبَرُ كَبِيرًا وَالْحَمْدُ لِلَّهِ كَثِيرًا وَالْحَمْدُ لِلَّهِ كَثِيرًا وَالْحَمْدُ لِلَّهِ كَثِيرًا وَسُبْحَانَ اللَّهِ بُكْرَةً وَأَصِيلًا

" الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ، الله لاءِ گهڻي کان گهڻي واکاڻ آهي، الله لاءِ گهڻي کان گهڻي واکاڻ آهي،الله لاءِ گهڻي کان گهڻي واکاڻ آهي،آئون الله جي پاڪائي صبح شام بيان ڪريان ٿو ."

**مٿين دعا تي ٻيرا پڙهڻ کان پوءِ چوي :**

أَعُوذُ بِاللَّهِ مِنْ الشَّيْطَانِ مِنْ نَفْخِهِ وَنَفْثِهِ وَهَمْزِهِ

” آئون الله جي پناه گهران ٿو تڙيل شيطان جي ڦوڪ، ٿڪ ۽ وسوسي کان .“

ابوداؤد: حديث نمبر764 ، ابن ماجه : حديث نمبر 807 ،مسندأحمد : 4 | 58

صحيح مسلم ۾ابن عمر ﷛ کان روايت آهي : هڪ ڀيري رسول الله ﷺ جن سان نماز پڙهي رهيا هئاسين تہ هڪ شخص هي ڪلما چيا :

اللَّهُ أَكْبَرُ كَبِيرًا اللَّهُ أَكْبَرُ كَبِيرًا اللَّهُ أَكْبَرُ كَبِيرًا وَالْحَمْدُ لِلَّهِ كَثِيرًا وَالْحَمْدُ لِلَّهِ كَثِيرًا وَالْحَمْدُ لِلَّهِ كَثِيرًا وَسُبْحَانَ اللَّهِ بُكْرَةً وَأَصِيلًا

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ هي ڪلما ڪنهن چيا ؟ ٻيهر پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ : ڦلاڻا ڪلما چوڻ وارو ڪير آهي ؟ ويٺلن مان هڪ شخص عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول ! اهي ڪلما چوڻ وارو آئون آهيان . پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ آئون عجب ۾ پئجي ويس جڏهن انهن ڪلمن جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويا .

## تعوذ ،بسملہ ۽ سوره فاتحه

أَعُوذُ بِاللَّهِ مِنْ الشَّيْطَانِ مِنْ نَفْخِهِ وَنَفْثِهِ وَهَمْزِهِ

” آئون الله هر شيءَ ڪي ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ جي پناه گهران ٿو تڙيل شيطان جي ڦوڪ، ٿڪ ۽ وسوسي کان .“

ابوداؤد : حديث نمبر 776

## سورة الفاتحة

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَنِ الرَّحِيمِ

الْحَمْدُ لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ (2) الرَّحْمَنِ الرَّحِيمِ (3) مَالِكِ يَوْمِ الدِّينِ (4) إِيَّاكَ نَعْبُدُ وَإِيَّاكَ نَسْتَعِينُ (5) اهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيمَ (6) صِرَاطَ الَّذِينَ أَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ غَيْرِ الْمَغْضُوبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّالِّينَ (7)

ترجمو :سڀ تعريفون الله پاڪ لاءِ آهن ،جو سڀني جهانن جو پالڻهار ،بي حد مهربان ، نهايت رحم وارو ،قيامت جي ڏينهن جو مالڪ آهي .

(اي الله)اسين فقط تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ فقط توکان ئي مدد گهرون ٿا . اسان کي سڌي راهه تي هلائي اها سڌي راهه جيڪا تنهنجي انعام سان نوازيل (ٻانهن ) جي راهه آهي ،اهي هدايت جي نعمت ماڻيندڙ نہ ڏمر هيٺ آيل ۽ نہ گمراهن مان آهن .

آمين:

سوره فاتحه جي آخر ۾ آمين چوڻ هڪ مسنون عمل آهي ، جهري نمازن ۾ امام بلند آواز سان آمين چوي ۽ مقتدي بلند آوازا سان آمين چوي

نبي ﷺ جن خود بہ ولاالضآلين کانپوءِ ايتري ڏاڍيان آمين چوندا هئا جو سندن پرئين پهرين صف وارا ٻڌندا هئا .

ترمذي :حديث نمبر 248 ابوداؤد: حديث نمبر 932

عبد الله بن زبيررضي الله عنه جن ۽ سندن مقتدي ايترو ڏاڍيان آمين چوندا هئا جو مسجد گونجي ويندي هئي .

امام بخاري هن روايت کي حديث نمبر 780 کان پهرين معلق بيان ڪيو آهي .

## سوره فاتحہ کانپوءِ قرآني تلاوت

امام ،مقتدي يا اڪيلو نمازي سوره فاتحه کانپوءِ قرآن جون ڪجھ آيتون يا جيڪا بہ سورت ياد هجي اها پڙهندو .

ابو سعيد خدري فرمائي ٿو تہ اسان کي حڪم ڏنو ويو تہ اسين سوره فاتحه پڙهون ۽ جيڪا آسان لڳي اها سورت تلاوت ڪريون

سنن ابوداؤد :حديث نمبر 818 حافظ ابن حجر هن جي سند کي حديث نمبر (758) جي تشريح ۾ قوي قرار ڏنو آهي فتح الباري: 2/ 315

ڪجھ آسان سورتون ذڪر ڪجن ٿيون :

### سورةالاخلاص

بسم الله الرحمن الرحيم

قُلْ هُوَ اللَّهُ أَحَدٌ (1) اللَّهُ الصَّمَدُ (2) لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ (3) وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا أَحَدٌ (4)

**ترجمو : چئو اهوالله اڪيلوآهي ، الله بي نيازآهي ، نہ ڪنهن کي ڄڻيائين ۽ نہ ڄڻيوويو ۽ سندس برابر ڪوبہ نہ آهي .**

## سورةالفلق

بسم الله الرحمن الرحيم

قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ (1) مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ (2) وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ إِذَا وَقَبَ (3) وَمِنْ شَرِّ النَّفَّاثَاتِ فِي الْعُقَدِ (4) وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ إِذَا حَسَدَ (5)

**ترجمو:اي نبي چئو تہ آئون صبح رب جي پناهہ گهران ٿو ،سموري مخلوق جي برائي کان رات جي انڌيري جي برائي کان جڏهن ڇائجڻ لڳي ، ۽ ڳنڍيل ڌاڳن تي پڙهندڙ ( ڦوڪيندڙ ) جادوگرعورتن جي برائي کان ، حسد ڪندڙ جي حسدڪان جڏهن هو پنهنجي حسد کي ظاهر ڪي ڪري .**

## سورةالناس

بسم الله الرحمن الرحيم

قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ النَّاسِ (1) مَلِكِ النَّاسِ (2) إِلَهِ النَّاسِ (3) مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ (4) الَّذِي يُوَسْوِسُ فِي صُدُورِ النَّاسِ (5) مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ (6)

**ترجمو : اي نبي! چئوآئون انسانن جي ان پالڻهار جي پناهہ اچان ٿو جيڪو انسانن جو حقيقي بادشاهہ ، ماڻهڻ جو ماڻهن حقيقي معبود آهي ، وسوسا وجهندڙ پوئتي هٽندڙ ( ڇپندڙ) شيطان جي برائي کان جيڪو ماڻهن جي دلين ۾ وسوسا وجهي ٿو ،چاهي انهي شيطان جو تعلق انسانن سان هجي يا جنن مان هجي .**

**رڪوع ۾ وڃڻ وقت ڪلهن تائين رفع اليدين ڪري الله اڪبر چوي .**

**بخاري : حديث نمبر** 335،336

## ركوع جون دعائون

**1** « سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيمِ »

**” منهنجو رب عظمت وارو پاڪ آهي .“**

**ابوداؤد:** 871 ، **أحمد : صحيح الترمذي:** 1 / 83 .

**2** سُبْحَانَكَ اللَّهُمَّ رَبَّنَا وَبِحَمْدِكَ اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي

**البخاري : حديث نمبر** 794 ، **مسلم** 1 / 350 .

**” اي الله !رب اسان جا تون پاڪ آهين پنهنجي سموري واکاڻ سان ، اي لله !مون کي معاف فرماءِ .“**

**3** سُبُّوحٌ قُدُّوسٌ رَبُّ الْمَلَائِكَةِ وَالرُّوحِ

**” الله )گهڻي کان گهڻو پاڪ ۽ انتهائي مقدس ، ملائڪن ۽ جبرائيل جو رب آهي .“**

**مسلم : حديث نمبر** 487

**4** سُبْحَانَ ذِي الْجَبَرُوتِ وَالْمَلَكُوتِ وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْعَظَمَةِ **ابوداؤد : حديث نمبر** 837 ، **النسائي : هن جي سند حسن آهي .**

**” پاڪ آهي الله وڏي قدرت ،وڏي بادشاهي ۽ وڏائي ۽وڏي عظمت وارو.“**

**5** اللَّهُمَّ لَكَ رَكَعْتُ وَبِكَ آمَنْتُ وَلَكَ أَسْلَمْتُ أَنْتَ رَبِّي خَشَعَ سَمْعِي وَبَصَرِي وَمُخِّي وَعَظْمِي وَعَصَبِي وَمَا اسْتَقَلَّتْ بِهِ قَدَمِي لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ

**” اي الله!آئون تنهنجي لاءِ جهڪيس ،توتي ئي ايمان آندم، تنهنجي ئي فرمانبردار ٿيا منهنجا ڪن،.منهنجون اکيون ،منهنجو دماغ ،منهنجا هڏا ،منهنجا جوڙ ۽منهنجو اهو جسم جنهن کي منهنجا قدم بيهارين ٿا اهي سيئي) جهانن جي پالڻهارڪان ڊڄندي نوڙت جو اظهار ڪن ٿا .“**

**مسند احمد : 1 /119**

## ركوع مان اٿڻ جون دعائون

1 « سَمِعَ اللَّهُ لِمَنْ حَمِدَهُ »

**” الله ان جي ٻڌي ورتي جنهن سندس واکا ڻ بيان ڪئي .“**

البخاري :**حديث نمبر 795.**

2 رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْدُ حَمْدًا كَثِيرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا

**اي الله !رب اسانجا ! تنهنجي لاءِ ئي هر طرح جي واکاڻ آهي، اهڙي واکاڻ جيڪا گهڻي کان گهڻي ۽ برڪت ڀري آهي .**

البخاري : **حديث نمبر779 .**

3 اللَّهُمَّ رَبَّنَا لَكَ الْحَمْدُ مِلْءُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَمِلْءُ مَا شِئْتَ مِنْ شَيْءٍ بَعْدُ أَهْلَ الثَّنَاءِ وَالْمَجْدِ أَحَقُّ مَا قَالَ الْعَبْدُ وَكُلُّنَا لَكَ عَبْدٌ , اللَّهُمَّ لَا مَانِعَ لِمَا أَعْطَيْتَ وَلَا مُعْطِيَ لِمَا مَنَعْتَ وَلَا يَنْفَعُ ذَا الْجَدِّ مِنْكَ الْجَدُّ

**” اي الله !رب اسان جا ! تنهنجي لاءِ تعريف آهي ، اهڙي تعريف جيڪا زمين ۽آسمان ۽ ٻنهي جي وچ وارين سمورين شين کي سمائجي وڃي ۽ هر ان شيءَ کي سمائجي وڃي جنهن کي تون چاهين اي بزرگي ۽ وڏائي جا وارث! سڀ کان سچي ۽ سهڻي جيڪا تنهنجي ٻانهي چئي آهي ۽ سڀ تنهنجا ئي ٻانها آهيون اي الله!جيڪا بہ شيءِ تون عطا ڪرين انهيءَ کي ڪوبہ روڪيندڙ نہ آهي۽ جنهن شيءِکي تون روڪين اها ڪوبہ ڏيندڙ نہ آهي ۽ تنهنجي مقابلي ۾ ڪنهن بہ حيثيت واري جي حيثيت فائدو نہ ڏيندي .“**

مسلم : **حديث نمبر478**

**سجدي ۾ ويندي الله اڪبر جون دعائون چئو .**

## سجدي جون دعائون

1 « سُبْحَانَ رَبِّيَ الْأَعْلَى »

**” پاڪ آهي منهنجو رب جيڪو سيني کان بلند آهي .“**

**سنن ابي داود:** 871 ، صحيح الترمذي: **1 / 83**

2 سُبْحَانَكَ اللَّهُمَّ رَبَّنَا وَبِحَمْدِكَ اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي

**” پاڪ آهين تون اي الله !رب اسان جا ! پنهنجي سموري واکاڻ سان اي لله !مونکي معاف فرماءِ .“**

البخاري : **794**

3 سُبُّوحٌ قُدُّوسٌ رَبُّ الْمَلَائِكَةِ وَالرُّوحِ

**” (الله )گهڻي کان گهڻو پاڪ انتهائي مقدس ۽ ملائڪن ۽ جبرائيل جو رب آهي .“**

مسلم : **حديث نمبر 487**

4 سُبْحَانَ ذِي الْجَبَرُوتِ وَالْمَلَكُوتِ وَالْكِبْرِيَاءِ وَالْعَظَمَةِ

**” پاڪ آهي الله وڏي قدرت ،وڏي بادشاهي ۽ وڏائي ۽ عظمت وارو .“**

**ابوداؤد : حديث نمبر 837** وأحمد ، والنسائي **علامه الباني هن روايت کي صحيح چيو آهي . صحيح ابوداؤد** 1 / 166

5 اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي ذَنْبِي كُلَّهُ دِقَّهُ وَجِلَّهُ وَأَوَّلَهُ وَآخِرَهُ وَعَلَانِيَتَهُ وَسِرَّهُ

مسلم : **حديث نمبر 483**

**” اي الله! منهنجا ننڍاءِ وڏا ، اڳيان ۽ پويان ، لڪيل ۽ ظاهر سمورا گناهه معاف فرماءِ .“**

6 اللَّهُمَّ لَكَ سَجَدْتُ وَبِكَ آمَنْتُ وَلَكَ أَسْلَمْتُ سَجَدَ وَجْهِي لِلَّذِي خَلَقَهُ وَصَوَّرَهُ وَشَقَّ سَمْعَهُ وَبَصَرَهُ تَبَارَكَ اللَّهُ أَحْسَنُ الْخَالِقِينَ

**” اي الله !تنهنجي لاءِ سجدو ڪيم ،توتي ئي ايمان آندم، تنهنجي ئي فرمانبردار ٿيس ، منهنجي چهري ان ذات کي سجدو ڪيو جنهن ان کي پيدا ڪيو ۽ ان ۾ پنهنجي طاقت ۽ قوت سان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا سوراخ بنايا ۽ برڪت پريو آهي الله ، جيڪو بهترين خلقيندڙ آهي .“**

مسلم : **حديث نمبر** 771

7اللَّهُمَّ أَعُوذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ وَبِمُعَافَاتِكَ مِنْ عُقُوبَتِكَ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْكَ لَا أُحْصِي ثَنَاءً عَلَيْكَ أَنْتَ كَمَا أَثْنَيْتَ عَلَى نَفْسِكَ مسلم 1 / 352

**” اي الله !تنهنجي راضپي سان تنهنجي ناراضگي کان پناه گهران ٿو ۽ تنهنجي عافيت سان تنهنجي سزا کان پناه گهران ٿو، آئون توکان تنهنجي ئي پناه گهران ٿو ۽ تنهنجي اهڙي واکاڻ بيان نٿو ڪري سگهان جيڪا تو خود پهنجي واکاڻ بيان ڪئي آهي .“**

**مسلم: حديث نمبر** 486

**متي ڄاڻايل دعائن علاؤ سجدي ۾ وڌيڪ مسنون دعائون بہ پڙهي سگهجن ٿيون**

**سجدي مان اٿندي الله اڪبر چئو**

## سجدن جي وچ جو دعائون

رَبِّ اغْفِرْ لِي رَبِّ اغْفِرْ لِي

**” اي منهنجا رب !مونکي معاف فرماءِ ، اي منهنجا رب!مونکي معاف فرماءِ .“**

**سنن ابي داؤد : حديث نمبر** 874

**ابوداؤد : حديث نمبر** 874 **صحيح ابن ماجه :** 1 / 148

اللهم اغْفِرْ لِي وَارْحَمْنِي واهدنِي وَاجْبُرْنِي وعافني وَارْزُقْنِي وَارْفَعْنِي

**” اي الله !مون کي معاف فرماءِ ۽ مون تي رحم فرماءِ ۽ مونکي هدايت عطا فرماءِ ۽ منهنجي نقصان جو پورائوفرماءِ مون کي عافيت عطا فرماءِ مون کي رزق عطا فرماءِ مون کي بلند فرماءِ .“**

**سنن ابوداؤد: حديث نمبر** 850 **،جامع الترمذي : حديث نمبر** 284 **سنن ابن ماجه : حديث نمبر** 898 **صحيح الترمذي :** 1 / 90 **وصحيح ابن ماجه :** 1 / 148 .

**ان ڪانپوءِ نمازي الله اڪبر چئي ٻيو سجدو ڪري ۽سجدي ۾ ذڪر ٿيل دعائن مان جيڪي ياد هجن اهي پڙهي، پوءِ الله اڪبر چئي سجدي مان اٿي باقي نماز مڪمل ڪري.**

## تشهد ،درود ۽ سلام

## التحيات

التَّحِيَّاتُ لِلَّهِ وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِّبَاتُ السَّلَامُ عَلَيْكَ أَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللَّهِ وَبَرَكَاتُهُ السَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلَى عِبَادِ اللَّهِ الصَّالِحِينَ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ

**البخاري : حديث نمبر** 831

**” منهنجيون سموريون قولي عبادتون،فعلي عبادتون ۽مالي عبادتون الله تعالیٰ جي لاءِ ئي آهن اي نبي! توتي سلامتي ۽ الله جي رحمت ۽ برڪت هجي ۽ سلامتي هجي اسان تي ۽ تمام نيڪ ٻانهن تي آئون گواهي ڏيان ٿو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ۽ محمد ﷺ جن الله جا ٻانها ۽ رسول آهن “.**

**بخاري : حديث نمبر** 831

## درود ابراهيمي

1 اللَّهُمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ اللَّهُمَّ بَارِكْ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلَى إِبْــرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ

**” اي الله!رحمت نازل ڪر محمد ﷺ ۽ محمد ﷺجن جي آل تي ،جيئن تو رحمت نازل ڪئي ابراهيم عليہ السلام ۽ ابراهيم عليہ السلام جي آل تي، بيشڪ تون واڪاڻيل ۽ بزرگي وارو آهين . اي الله !برڪت نازل ڪرمحمد ﷺ ۽ محمد ﷺ جن جي آل تي ،جيئن تو**

**برڪت نازل ڪئي ابراهيم عليہ السلام ۽ ابراهيم عليہ السلام جي آل تي ، بيشڪ تون واکاڻيل ۽ بزرگي وارو آهين .“**

البخاري: **حديث نمبر 3370**

2 اللَّهُمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ وَأَزْوَاجِهِ وَذُرِّيَّتِهِ كَمَا صَلَّيْتَ عَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ وَبَارِكْ عَلَى مُحَمَّدٍ وَأَزْوَاجِهِ وَذُرِّيَّتِهِ كَمَا بَارَكْتَ عَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ

البخاري **حديث نمبر 3369**

**” أي الله! محمد ﷺ جن تي ۽ سندس گهر وارين تي ۽ سندس اولاد تي رحمت نازل فرماءِ جيئن تو رحمت نازل فرمائي ابراهيم عليہ السلام جي آل تي ۽ برڪت نازل فرماءِ محمد ﷺ ۽ سندس آل تي ۽ سندس اولاد تي جيئن تو برڪت نازل ڪئي ابراهيم عليه السلام جي آل تي بيشڪ تون واکاڻيل ۽ بزرگي وارو آهين .“**

## تشهد کانپوءِ سلام ورائڻ کان اڳ جون دعائون

1 اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ وَمِنْ عَذَابِ جَهَنَّمَ وَمِنْ فِتْنَةِ الْمَحْيَا وَالْمَمَاتِ وَمِنْ شَرِّ فِتْنَةِ الْمَسِيحِ الدَّجَّالِ

**” اي الله! آئون تنهنجي ئي پناهہ گهران ٿو قبر جي عذاب کان ،دوزخ جي عذاب کان، زندگي ۽ موت جي فتني کان۽ مسيح دجال جي فتني کان .“**

مسلم :**حديث نمبر 588**

2 اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْمَسِيحِ الدَّجَّالِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْمَحْيَا وَالْمَمَاتِ اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْمَأْثَمِ وَالْمَغْرَمِ

**” اي الله! آئون تنهنجي پناهہ گهران ٿو قبر جي عذاب کان ۽ تنهنجي پناهہ گهران ٿو مسيح دجال جي فتني کان ۽ تنهنجي پناهہ گهران ٿو زندگي ۽ موت جي فتني کان ۽ تنهنجي پناهہ گهران ٿو گناهہ ۽ قرض جي فتني کان .“**

**مسلم : حديث نمبر** 589

3 اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْبُخْلِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ الْجُبْنِ وَأَعُوذُ بِكَ أَنْ أُرَدَّ إِلَى أَرْذَلِ الْعُمُرِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الدُّنْيَا وَمِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ

**” اي الله ! آئون تنهنجي پناه گهران ٿوڪنجوسي کان ۽ تنهنجي پناه گهران ٿو بزدلي کان ۽ تنهنجي پناه گهران ٿو زندگي جي بيڪار حصي جي طرف موٽڻ کان ۽ تنهنجي پناه گهران ٿو دنيا جي فتني کا ن ۽ قبر جي عذاب کان .“**

**البخاري حديث نمبر** 6374.

4 اللَّهُمَّ إِنِّي ظَلَمْتُ نَفْسِي ظُلْمًا كَثِيرًا وَلَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ فَاغْفِرْ لِي مَغْفِرَةً مِنْ عِنْدِكَ وَارْحَمْنِي إِنَّكَ أَنْتَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ

**” اي الله !بيشڪ مون پنهنجو پاڻ تي تمام گهڻو ظلم ڪيو ۽ توکان سواء گناهن کي ڪوبہ بخشڻ وارو نہ آهي تنهن ڪري مون کي پهنجي خاص بخشش سان معاف فرماءِ ۽ رحم ڪر بيشڪ تون گهڻو بخشيندڙ ۽ گهڻو معاف ڪندڙ آهين .“**

**البخاري : حديث نمبر**834

5 اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي مَا قَدَّمْتُ وَمَا أَخَّرْتُ وَمَا أَسْرَرْتُ وَمَا أَعْلَنْتُ وَمَا أَسْرَفْتُ وَمَا أَنْتَ أَعْلَمُ بِهِ مِنِّي أَنْتَ الْمُقَدِّمُ وَأَنْتَ الْمُؤَخِّرُ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ

**” اي الله! اڳين ۽ پوين گناهن کي معاف فرماءِ ، اهي گناه معاف فرماءِ جيڪي مون لڪي ڪيا ۽ جيڪي مون ظاهر ڪيا مون کي پنهنجي پاڻ تي ڪيل زيادتيون معاف فرماءِ ۽ هر ان شيءِ کي معاف فرماءِ جيڪا تون مون کان بہ وڌيڪ ڄاڻين ٿو بيشڪ تون ئي اڳتي ڪرڻ وارو ۽ تون ئي پوئتي ڪرڻ وارو آهين ۽ تو کان سواء ڪوبہ برحق معبود نہ آهي .“**

**مسلم حديث نمبر**771

6 اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْجَنَّةَ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ النَّارِ

”اي الله!آئون توکان جنت جو سوال ڪريان ٿو ۽ دوزخ جي باھ کان پناھ گهران ٿو .“

**ابوداؤد : حديث نمبر 792 ,صحيح ابن ماجه 2 / 328**

7 اللَّهُمَّ بِعِلْمِكَ الْغَيْبَ وَقُدْرَتِكَ عَلَى الْخَلْقِ أَحْيِنِي مَا عَلِمْتَ الْحَيَاةَ خَيْرًا لِي وَتَوَفَّنِي إِذَا عَلِمْتَ الْوَفَاةَ خَيْرًا لِي اللَّهُمَّ وَأَسْأَلُكَ خَشْيَتَكَ فِي الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ وَأَسْأَلُكَ كَلِمَةَ الْحَقِّ فِي الرِّضَا وَالْغَضَبِ وَأَسْأَلُكَ الْقَصْدَ فِي الْفَقْرِ وَالْغِنَى وَأَسْأَلُكَ نَعِيمًا لَا يَنْفَدُ وَأَسْأَلُكَ قُرَّةَ عَيْنٍ لَا تَنْقَطِعُ وَأَسْأَلُكَ الرِّضَاءَ بَعْدَ الْقَضَاءِ وَأَسْأَلُكَ بَرْدَ الْعَيْشِ بَعْدَ الْمَوْتِ وَأَسْأَلُكَ لَذَّةَ النَّظَرِ إِلَى وَجْهِكَ وَالشَّوْقَ إِلَى لِقَائِكَ فِي غَيْرِ ضَرَّاءَ مُضِرَّةٍ وَلَا فِتْنَةٍ مُضِلَّةٍ اللَّهُمَّ زَيِّنَّا بِزِينَةِ الْإِيمَانِ وَاجْعَلْنَا هُدَاةً مُهْتَدِينَ

” اي الله!تون پهنجي غيب جي علم ۽ مخلوق تي قدرت سان مون کي ان وقت تائين زنده رک جيستائين تنهنجي علم جي مطابق منهنجي لاءِ زندگي بهتر هجي ۽ مون کي موت عطا ڪر جڏهن تنهنجي علم جي مطابق منهنجي لاءِ موت وڌيڪ بهتر هجي . اي الله!آئون ظاهر ۽ لڪ ۾ تنهنجو ئي خوف گهران ٿو، خوشي ۽ ڪاوڙ ۾ حق سچ چوڻ جي توفيق گهران ٿو ۽ تونگري ۽ فقيري ۾ وچٿرائي گهران ٿو ۽ توکان اهڙين نعمتن جو سوال ڪريان ٿو جيڪي ختم نہ ٿين ۽ اکين جي اهڙي ٿڌاڻ گهران ٿو جيڪا ختم نہ ٿئي ۽ تنهنجي فيصلن تي راضي رهڻ جي توفيق گهران ٿو ۽ موت کانپوءِ زندگي جي ٿڌاڻ گهران ٿو ۽ تنهنجي چهري جي ديدار جي لذت گهران ٿو ۽ تنهنجي ديدار جو اهڙو شوق گهران ٿو جيڪو سواءِ ڪنهن تڪليف ۽ گمراھ ڪندڙ فتني جي ملي . اي الله!اسان کي ايمان جي زيور سان سينگار اسان کي هدايت مليل اڳواڻ بناءِ .“

**النسائي : حديث نمبر 1308 وأحمد 4 / 364 علامه الباني صحيح قرار ڏنو آهي صحيح النسائي 1 / 281**

8 اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ يَا أَللَّهُ بِأَنَّكَ الْوَاحِدُ الْأَحَدُ الصَّمَدُ الَّذِي لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا أَحَدٌ أَنْ تَغْفِرَ لِي ذُنُوبِي إِنَّكَ أَنْتَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ

**" اي الله!آئون توکان ئي گهران ٿو اي الله!هن لاءِ جو تون اڪيلو،اهڙو بي نيازآهين جنهن کي نہ ڪنهن ڄڻيو آهي نہ وري ڪنهن کي ڄڻيو آهي ( آئون توکان سوال ڪريان ٿو تہ) تون منهنجي گناهن کي معاف فرماءِ ۽ بيشڪ تون گهڻو بخشڻهار ۽ معاف ڪندڙ آهين . "**

**النسائي : حديث نمبر** 1302 ، **أحمد:** 4 / 338

9 اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ بِأَنَّ لَكَ الْحَمْدَ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ وَحْدَكَ لَا شَرِيكَ لَكَ الْمَنَّانُ بَدِيعُ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ ذُو الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ, يا حي يا قيوم ( اللَّهُمَّ إني أسألك الجنة وأعوذ بك من النار )

**" اي الله!آئون توکان ئي سوال ڪريان ٿو ڇاڪاڻ جو تنهنجي لاءِ ئي سموريون ساراهون آهن توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، تون اڪيلو آهين ، تنهنجو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ، اي آسمانن ۽ زمينن کي بي مثل پيدا ڪندڙ! اي عزت ۽ بزرگي جا ڌڻي!اي هميشہ زنده رهندڙ ۽اي قائم ۽ دائم رهڻ وارا ! أي الله! آئون توکان جنت جو سوال ڪريان ٿو۽ تنهنجي پناه گهران ٿو دوزخ جي باھ کان ."**

**سنن ابن ماجه : حديث نمبر** 3858 ,صحيح ابن ماجه 2 / 329 **سنن ابو داؤد : حديث نمبر** 792

10اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ بِأَنِّي أَشْهَدُ أَنَّكَ أَنْتَ اللَّهُ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ الْأَحَدُ الصَّمَدُ الَّذِي لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا أَحَدٌ

**اي الله !آئون توکان ئي هن لاءِ گهران ٿو جو آئون گواهي ڏيان ٿو تہ تون ئي اڪيلو اهڙو بي نياز آهين جنهن لاءِ نہ ڪو اولاد آهي ۽ نہ وري اهو ڪنهن جو اولاد آهي نہ ئي سندس ڪو برابر ۽ثاني آهي**

**الترمذي : حديث نمبر** 3475,**أحمد** 5 / 360 ,**صحيح ابن ماجه :** 2 / 329 , **صحيح الترمذي :** 3 / 163

## سلام

**تشهد جي دعائن کان فارغ ٿي سلام ڦيري ، پهريائين ساڄي طرف ، پوءِ کاٻي طرف ، سلام جا هي لفظ آهن :**

السَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللَّهِ

**” توهان تي سلامتي ۽ الله جي رحمت هجي .“**

**سنن ابو داؤد : حديث نمبر** 996

### سلام ورائڻ کانپوءِ جون دعائون

1 **الله اکبر**

**” الله سڀ کان وڏو آهي .“**

**مسلم: حديث نمبر**583

2 أَسْتَغْفِرُ اللَّهَ أَسْتَغْفِرُ اللَّهَ أَسْتَغْفِرُ اللَّهَ اللَّهُمَّ أَنْتَ السَّلَامُ وَمِنْكَ السَّلَامُ تَبَارَكْتَ ذَا الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ

**” آئون الله کان بخشش گهران ٿو ،**
**آئون الله کان بخشش گهران ٿو ،**
**آئون الله کان بخشش گهران ٿو ،**
**أي الله! تون ئي سلامتي وارو آهين ۽ تنهنجي طرفان ئي سلامتي آهي تون تمام با برکت آهين أي وڏي بزرگي ۽ عزت وارا! “**

**مسلم :حديث نمبر** 591

3 **نبي ﷺ جن معاذ رضي الله عنه کي فرمايو اي معاذ ! الله جو قسم! آئون توسان محبت کريان ٿو آئون توکي وصيت کريان ٿو تہ کنهن بہ نماز کان پوءِ هي دعا نہ ڇڏجانءِ**

اللَّهُمَّ أَعِنِّي عَلَى ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِكَ

**” اي الله !تون پنهنجي ذکر جي توفيق عطا فرماءِ ۽ پنهنجي شکراداکرڻ ۽ سٺي طريقي سان عبادت کرڻ جي توفيق عطا .“**

**ابوداؤد :حديث نمبر** 1522

**4**

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ , لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ اللَّهُمَّ لَا مَانِعَ لِمَا أَعْطَيْتَ وَلَا مُعْطِيَ لِمَا مَنَعْتَ وَلَا يَنْفَعُ ذَا الْجَدِّ مِنْكَ الْجَدُّ

**” الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ۽ هو اڪيلو آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ۽ انهيءَ جي لاءِ ئي بادشاهي آهي ۽ انهي جي لاءِ ئي تعريف آهي ۽ هوهر شيءَ تي وس واروآهي ۔ اي الله! جيڪا تون شيءِ عطا ڪرين ان ڪي ڪوبہ روڪيندڙ نہ آهي ۽ جيڪا شيءِ تون روڪين ان جوڏيڻ وارو ٻيوڪوبہ نہ آهي ، تو وٽ ڪنهن بہ حيثيت واري ڪي ان جي حيثيت فائدو نہ ڏيندي ۔“**

**بخاري: حديث نمبر5 844**

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ , لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ , لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَلَا نَعْبُدُ إِلَّا إِيَّاهُ , لَهُ النِّعْمَةُ وَلَهُ الْفَضْلُ وَلَهُ الثَّنَاءُ الْحَسَنُ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُونَ

**” الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ۽ هو اڪيلو آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ۽انهيءَ جي لاءِ ئي بادشاهي آهي ۽ انهي جي لاءِ ئي تعريف آهي ۽ هو هر شيءِ تي وس واروآهي ۔ نہ آهي برائي کان بچڻ جي همت ۽ نہ وري نيڪي ڪرڻ جي طاقت ، سواءِ الله جي توفيق جي اسين فقط انهيءَ جي ئي عبادت ڪريون ٿا انهيءَ جي لاءِ ئي فضيلت آهي ، انهيءَ جي لاءِ ئي تعريف آهي ۔ الله ڪانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي اسين ان جي لاءِ خالص بندگي ڪندڙ آهيون اها ڳالهہ ڪافرن کي ڀلي ناگوار ئي لڳي ۔“**

مسلم :**حديث نمبر 594**

6 **جيڪو شخص هر نماز کانپوءِ هي ذڪر ڪري ان جا گناهہ سمنڊ جي جهاڳ برابر هوندا تڏهن بہ معاف ڪيا ويندا**

**سبحان الله** 33 **ڀيرا**

**الحمد لله 33 ڀيرا**

**الله اکبر 33 ڀيرا**

**آخر ۾ هڪ دفعو هي دعا پڙهي**

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ , لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ

**” الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، انهيءَ جي لاءِ ئي سموري بادشاهي آهي ۽**

**انهيءَ لاءِ هر قسم جي تعريف آهي ۽ هو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ۔“**

مسلم :حديث نمبر 597

**7 هر نماز کانپوءِ ٿي قل ۽ آية الكرسي پڙهي وڃي ، جنهن شخص هر نماز کان پوءِ آية الكرسي پڙهي ان کي موت کان سواءِ کابہ شيءِ جنت ۾ داخل ٿيڻ کان نہ روڪيندي .**

{ اللَّهُ لَا إِلَهَ إِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّومُ لَا تَأْخُذُهُ سِنَةٌ وَلَا نَوْمٌ لَهُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ مَنْ ذَا الَّذِي يَشْفَعُ عِنْدَهُ إِلَّا بِإِذْنِهِ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يُحِيطُونَ بِشَيْءٍ مِنْ عِلْمِهِ إِلَّا بِمَا شَاءَ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ وَلَا يَئُودُهُ حِفْظُهُمَا وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيمُ }

**ترجمو : الله کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ،هو هميشہ زندھ ،( سموري ڪائنات) جو انتظام ڪرڻ واروآهي ، ان کي نہ ڳهر وٺي ٿي ،نہ ننڊ . جيڪي ڪجھ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سوسڀ انهيءَ الله جو آهي ، ڪير آهي جيڪو جو سندس اجازت کان سواءِ ان وٽ سفارش ڪري سگهي . جيڪي انهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي انهن جي پويان آهي تنهن کي ڄاڻي ٿو . سندس علم مان ڪنهن بہ شيءَ کي گهيرو يا ڄاڻي نٿا سگهن پر جيتري قدر هوگهري . ان جي ڪرسي آسمانن ۽ زمينن کي گهيريل آهي ۽ اهو سيني کان مٿاهون ۽ وڏو آهي .**

**البقره 255 ۽ عمل اليوم والليلة للنسائي: حديث نمبر 100, وابن السني : حديث نمبر121 علامه الباني هن روايت کي صحيح قرار ڏنو آهي صحيح الجامع: 5 / 339 وسلسلة الاحاديث الصحيحة: 2 / 697 حديث نمبر 972**

## 8 فجر ۽ سانجهي جي نماز کانپوءِ هي دعا ڏهه ڀيرا پڙهي

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِي وَيُمِيتُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ

**” الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي انهيءَ جي لاءِ ئي سموري بادشاهي آهي ۽ انهيءَ لاءِ هر قسم جي تعريف آهي ۽ اهو ئي جياريندڙ ۽اهو ماريندڙآهي هو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي .“**

**الترمذي : حديث نمبر 3474 ۽ أحمد 4 / 227 .**

**9 فجر جي نماز کان پوءِ هي دعا پڙهي :**

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ عِلْمًا نَافِعًا وَرِزْقًا طَيِّبًا وَعَمَلًا مُتَقَبَّلًا

**” اي الله ! آئون توکان فائدو ڏيندڙ علم،پاڪ رزق ۽ قبول پيل عمل جو سوال ڪريان ٿو .“**

**ابن ماجه :حديث نمبر 925 , صحيح ابن ماجه:1 / 152 , مجمع الزوائد: 10 / 111**

## تسبيح جو نبوي طريقو

**عبد الله بن عمررضي الله عنه فرمائي ٿو تہ مون نبي ﷺ جن کي ڏٺوتہ پاڻ ساڄي هٿ مبارڪ تي تسبيح ڳڻيندا هئا .**

**ابو داؤد : حديث نمبر 1502 الجامع الصغير: حديث نمبر 4989**

## قنوت وتر جون دعائون

اللَّهُمَّ اهْدِنِي فِيمَنْ هَدَيْتَ وَعَافِنِي فِيمَنْ عَافَيْتَ وَتَوَلَّنِي فِيمَنْ تَوَلَّيْتَ وَبَارِكْ لِي فِيمَا أَعْطَيْتَ وَقِنِي شَرَّ مَا قَضَيْتَ إِنَّكَ تَقْضِي وَلَا يُقْضَى عَلَيْكَ وَإِنَّهُ لَا يَذِلُّ مَنْ وَالَيْتَ وَلَا

يَعِزُّ مَنْ عَادَيْتَ تَبَارَكْتَ رَبَّنَا وَتَعَالَيْتَ

**” اي الله !مون کي انهن ماڻهن ۾ شامل ڪرجن کي تو هدايت عطا فرمائي ۽ مون کي عافيت ڏيئي انهن ۾ شامل فرماءِ جن کي تو عافيت ڏني جيڪي ڪجهه مون کي عطا ڪيو اتئي ان ۾ برڪت عطا فرماءِ بيشڪ تون فيصلو ڪندڙ آهين ۽ تنهنجي خلاف ڪوبہ فيصلو نٿو ٿي سگهي بيشڪ جنهن جو تون دوست بڻجي وڃين اهو خوار نٿو ٿو سگهي ۽ جنهن جو تون دشمن بڻجي وڃين اهو عزت وارو نٿو ٿي سگهي .“**

**ابوداؤد: حديث نمبر** 1425 **,الترمذي حديث نمبر** 464 **,صحيح ابن ماجه** 1 / 194 **آهن ارواء الغليل للالباني** 2 / 172 . **ڏنگي وار لفظ ابو داؤد ۽ بيهقي جا آهن**

2 « اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِرِضَاكَ مِنْ سُخْطِكَ وَبِمُعَافَاتِكَ مِنْ عُقُوبَتِكَ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْكَ لَا أُحْصِي ثَنَاءً عَلَيْكَ أَنْتَ كَمَا أَثْنَيْتَ عَلَى نَفْسِكَ

**” اي الله !تنهنجي راضپي سان تنهنجي ناراضگي کان پناهہ گهران ٿو ۽ تنهنجي عافيت سان تنهنجي سزا کان پناهہ گهران ٿو . آئون توکان تنهنجي ئي پناهہ گهران ٿو ۽تنهنجي اهڙي واکاڻ بيان نٿو ڪري سگهان جيڪا تو خود پنهنجي واکاڻ بيان ڪئي .“**

**آهي ابوداؤد:حديث نمبر** 1427 **،صحيح الترمذي:3 / 180 صحيح ابن ماجه: 1 / 194الارواء 2 / 175**

## وتر نماز کانپوءِ جي دعا

« سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْقُدُّوسِ

**” پاڪ آهي بادشاهہ ،گهڻي پاڪائي وارو.“**

**ابوداؤد : حديث نمبر** 1430

**اهي ڪلما ٽي ڀيرا چوي ٽئين ڀيري ڊگهي ۽ بلند آواز سان پڙهندي چوي :**

رَبِّ الْمَلاَئِكَةِ وَالرُّوحِ

**” ملائڪن ۽ جبرائيل جو ڌڻي.“**

**الدراقطني حديث نمبر 1644 زاد المعاد 1 /337**

## نماز استخاره جي دعا

**جابررضي الله عنه فرمائي ٿو تہ نبي ﷺ جن اسان کي سمورن معاملن ۾ استخاره ڪرڻ ائين سيکاريندا هئا جيئن قرآن جون سورتون سيکاريندا هئا ۽ فرمائيندا هئا جڏهن اوهان مان ڪوبہ ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري تہ فرض کان سواءِ ٻہ رڪعتون ادا ڪري پوءِ هيءَ دعا گهري :**

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْتَخِيرُكَ بِعِلْمِكَ وَأَسْتَقْدِرُكَ بِقُدْرَتِكَ وَأَسْأَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ الْعَظِيمِ فَإِنَّكَ تَقْدِرُ وَلَا أَقْدِرُ وَتَعْلَمُ وَلَا أَعْلَمُ وَأَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوبِ اللَّهُمَّ إِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ أَنَّ هَذَا الْأَمْرَ خَيْرٌ لِي فِي دِينِي وَمَعَاشِي وَعَاقِبَةِ أَمْرِي أَوْ قَالَ عَاجِلِ أَمْرِي وَآجِلِهِ فَاقْدُرْهُ لِي وَيَسِّرْهُ لِي ثُمَّ بَارِكْ لِي فِيهِ وَإِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ أَنَّ هَذَا الْأَمْرَ شَرٌّ لِي فِي دِينِي وَمَعَاشِي وَعَاقِبَةِ أَمْرِي أَوْ قَالَ فِي عَاجِلِ أَمْرِي وَآجِلِهِ فَاصْرِفْهُ عَنِّي وَاصْرِفْنِي عَنْهُ وَاقْدُرْ لِي الْخَيْرَ حَيْثُ كَانَ ثُمَّ أَرْضِنِي بِهِ

**” اي الله! آئون توکان تنهنجي علم سان خير ۽ ڀلائي گهران ٿو ۽ تنهنجي قدرت سان طاقت گهران ٿو ۽ توکان تنهنجي وڏي ٻاجهہ جو طلبگار آهيان ، ڇوتہ تون ئي قدرت رکين ٿو آئون قدرت ٿو رکان . تون ئي ڄاڻين ٿوآئون نہ ٿو ڄاڻان ۽ تون ئي غيب کي ڄاڻندڙ آهين .**

**اي الله! جيڪڏهن تنهنجي علم جي مطابق هي ڪم (انهيءَ ڪم جو نالو وٺي ) منهنجي لاءِ ، منهنجي دين ۽ گذران بابت ڀلائي وارو آهي ۽ منهنجي ڪم جي پڇاڙي جي لحاظ کان بہ ڀلوآهي تہ ان جو منهنجي حق ۾ فيصلو ڪري ڇڏ ۽ منهنجي لاءِ (اهو ڪم ) آسان فرماءِ ۽ پوءِ انهيءَ ۾ برڪت پيدا فرماءِ اي الله ! جيڪڏهن تنهنجي علم جي مطابق هي ڪم (انهي ڪم جو نالو وٺي ) منهنجي لاءِ ۽ منهنجي دين**

۽گذران بابت بروآهي ۽منهنجي ڪم جي پڇاڻي جي لحاظ کان به برو آهي ته ان کي مون کان پري ڪر ۽ مون کي ان کان پري ڪر ۽ ڀلائي جتي به هجي ان جو منهنجي حق ۾ فيصلو ڪري ڇڏ ۽ مون کي ان تي راضي ڪري ڇڏ. "

البخاري : حديث نمبر1162

## خيرخواهن سان مشورو:

جيڪو شخص الله جي اڳيان استخاره ڪري ۽ مؤمن مسلمانن سان مشورو ڪري پوءِ ان ڪم تي ثابت قدم رهيو ته ان کي پڇتاءُ نه ٿيندو ڇاڪاڻ جو الله تعاليٰ جو فرمان مبارڪ آهي ته :

وَشَاوِرْهُمْ فِي الْأَمْرِ فَإِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ

آل عمران : 159 .

" ۽ انهن سان ڪم بابت مشورو ڪر پوءِ جڏهن ان جي ڪرڻ جو پختو ارادو ڪرين ته الله تي ڀروسو رک.

## قنوت نازله

نازله جي معنيٰ آهي مصيبت ،آفت ،آزمائش ۽ تڪليف جڏهن مسلمان آفتن ۽ حادثن ۾ مبتلا هجن يا ڪافرن سان جهادڪندا هجن يا ڪافرن جي گهيري ۾ ڦاسي پيا هجن ته اهڙن موقعن تي مسلمانن جي ڇوٽڪاري ۽ فتح جي لاءِ دعا گهرڻ مسنون عمل آهي ،اهڙن ئي موقعن تي نبي ﷺ جن رعل ،ذڪوان،مضر ۽ ٻين قبيلن جي بربادي لاءِ بد دعا ۽ قيد ٿيل صحابه ڪرام جي آزاديءَ جي لاءِ دعا گهري پاڻ ﷺ جن هڪ مهيني تائين مسلسل پنجن نمازن ۾ صحابه ڪرام جي آزادي جي دعا ۽ ڪافرن لاءِ بد دعا ڪندا رهيا.

بخاري : حديث نمبر 4560

انهيءَ ڪي قنوت نازله چيو ويندو آهي

**سيدنا عمررضي الله عنه کان قنوت نازله جي هي دعا منقول آهي**

« اللهم إياك نعبد , ولك نصلي ونسجد , وإليك نسعى ونحفد , ونرجو رحمتك ونخشى عذابك , إن عذابك بالكافرين مُلْحَق . اللهم إنا نستعينك , ونستغفرك , ونثني عليك الخير, ولا نكفرك , ونؤمن بك , ونخضع لك , ونخلع من يكفرك » ...

**” اي الله ! اسان کي بخش فرماءِ ۽ مؤمن مردن ۽ عورتن کي ۽ مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتن کي معاف فرماءِ ۽ انهن جي انهن جي دلين ۾الفت پيدا فرماءِ ۽ انهن جي معاملن جي اصلاح فرماءِ ۽ تنهنجي ۽ انهن جي دشمن جي مقابلي ۾ انهن جي مدد فرماءِ .**

**اي الله !اهل ڪتاب (يهودين ۽ عيسائين ) جي ڪافرن تي لعنت فرماءِ، جيڪي تنهنجي تنهنجي رسولن کي ڪوڙو قرار ڏين ٿا ۽ تنهنجي دوستن سان جنگ ڪن ٿا . اي الله !**

**انهن جي ڳالهين ۾ اختلاف پيدا فرماءِ ۽ انهن تي پنهنجو اهو عذاب نازل فرماءِ جيڪوتون مجرمن تان نہ هٽائيندو آهين .**

**الله جي نالي سان شروع جيڪو گهڻو مهربان ۽نها يت ٻاجهارو آهي اي الله!اسين توکان ئي مدد طلب ڪريون ٿا ۽ توکان بخشش گهرون ٿا ۽ تنهنجي تعريف ڪريون ٿا ۽تنهنجو انڪار نٿا ڪريون ۽ تنهنجي نافرماني ڪندڙن سان پنهنجا تعلقات ٽوڙي ڇڏيون ٿا ۽ ڪانئن جدا ٿي وڃون ٿا . الله جي نالي سان شروع جيڪو گهڻو مهربان ۽نها يت ٻاجهارو آهي**

**اي الله!اسين تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ،تنهنجي لاءِ ئي نمازپڙهون ۽سجدا ڪريون ٿا ، تنهنجي ئي طرف ڪوشش ۽ جلدي ڪريون ٿا تنهنجي عذاب کان ڊڄون ٿا ۽ تنهنجي رحمت جا اميدوار آهيون ، بيشڪ تنهنجو عذاب ڪافرن کي گهيريندڙ آهي .“**

السنن الكبرىٰ : امام بيهقي هن جي سند کي صحيح چيو آهي 2 / 211 علامه الباني هن جي سند کي صحيح چيو آهي ۽.هي روايت ابن عمر کان موقوفا ثابت آهي . المصنف عبد الرزاق

## جنازي نماز

جنازي نماز بيهي ڪري رڪوع ۽ سجدي کانسواءِ ادا ڪئي ويندي آهي .

هن نماز ۾ چار تڪبيرون آهن .

پهرين تڪبير ۾ الله اڪبر کانپوءِ سورت فاتحه ۽ ٻي ڪنهن سورت يا چند آيتن جي تلاوت ڪجي .

ٻي تڪبير ۾ درود ابراهيمي پڙهجي .

ٽين تڪبير کانپوءِ ميت جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل دعائون پڙهڻ گهرجن .

چوٿين تڪبير بعد سلام ورائي .

## جنازي نماز جون دعائون

1 اللَّهُمَّ اغْفِرْ لَهُ وَارْحَمْهُ وَعَافِهِ وَاعْفُ عَنْهُ وَأَكْرِمْ نُزُلَهُ وَوَسِّعْ مُدْخَلَهُ وَاغْسِلْهُ بِالْمَاءِ وَالثَّلْجِ وَالْبَرَدِ وَنَقِّهِ مِنْ الْخَطَايَا كَمَا نَقَّيْتَ الثَّوْبَ الْأَبْيَضَ مِنْ الدَّنَسِ وَأَبْدِلْهُ دَارًا خَيْرًا مِنْ دَارِهِ وَأَهْلًا خَيْرًا مِنْ أَهْلِهِ وَزَوْجًا خَيْرًا مِنْ زَوْجِهِ وَأَدْخِلْهُ الْجَنَّةَ وَأَعِذْهُ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ وَ مِنْ عَذَابِ النَّارِ

” اي الله !هن کي معاف فرماءِ ۽ مٿس رحم فرماءِ ۽ کيس عافيت عطا فرمائي، ۽کانئس درگذر فرماءِ ۽ سندس عزت ڀري مهماني فرماءِ ۽ سندس قبر کي ڪشادو فرماءِ ۽ هن جي گناهن کي پاڻي ،برف ۽ ڳڙن سان ڌوئي ائين صاف فرماءِ جيئن اڇي ڪپڙي کي مرمٽي کان صاف ڪيو اٿئي ۽کيس سندس گهر کان بهتر گهر عطا فرماءِ ۽ سندس خاندان کان بهتر خاندان عطا فرماءِ ۽ کيس سندس زال کان بهترزال

**عطا فرماءِ ۽ کيس جنت ۾داخل فرماءِ ۽کيس قبر جي عذاب ۽ باھ جي عذاب کان بچائي ."** مسلم :حديث نمبر 963

2 اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِحَيِّنَا وَمَيِّتِنَا وَشَاهِدِنَا وَغَائِبِنَا وَصَغِيرِنَا وَكَبِيرِنَا وَذَكَرِنَا وَأُنْثَانَا اللَّهُمَّ مَنْ أَحْيَيْتَهُ مِنَّا فَأَحْيِهِ عَلَى الْإِسْلَامِ وَمَنْ تَوَفَّيْتَهُ مِنَّا فَتَوَفَّهُ عَلَى الْإِيمَانِ اللَّهُمَّ لَا تَحْرِمْنَا أَجْرَهُ وَلَا تُضِلَّنَا بَعْدَهُ

**" اي الله!اسان جي جيئرن ۽ اسان جي مري ويلن کي بخش فرماءِ,اسان مان موجود ( مسلمانن ) غير موجود ( مسلمانن) کي معاف فرمائي اسان جي وڏن ۽ ننڍن کي بخش فرماءِ اسان جي مردن ۽ عورتن کي معاف فرمائي اي الله !اسان مان جنھن کي جيئارين ان کي اسلام تي جيئار ۽ جنھن کي مارئين ان کي اسلام تي موت ڏي . اي الله !اسان کي ان جي ثواب کان محروم نہ فرماءِ ۽ اسان کي ان کانپوءِ گمراھ نہ ڪجانءِ ".**

**ابن ماجه** : حديث نمبر1498 , مسنداحمد : 2 / 368

3 اللَّهُمَّ إِنَّ فُلَانَ بْنَ فُلَانٍ فِي ذِمَّتِكَ وَحَبْلِ جِوَارِكَ فَقِهِ مِنْ فِتْنَةِ الْقَبْرِ وَعَذَابِ النَّارِ وَأَنْتَ أَهْلُ الْوَفَاءِ وَالْحَقِّ فَاغْفِرْ لَهُ وَارْحَمْهُ إِنَّكَ أَنْتَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ

**" اي الله! فلاڻو پٽ فلاڻي جو تنھنجي ذمي ۽ پناھ ۾ آھي ، ان ڪري کيس قبر جي امتحان ۽ باھ جي عذاب کان بچاءِ ، تون ئي وفا ۽ حق وارو آھين ، پوءِ ھن کي معاف فرماءِ ۽ متس رحم فرماءِ بيشڪ تون گھڻو بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙآھين ."**

**ابن ماجه: حديث نمبر** 1499 , **صحيح ابن ماجه:** 1 / 251 ،**ابوداؤد** 3 / 211

.

4 « اللهم عبدك وابن أمتك احتاج إلى رحمتك , وأنت غني عن عذابه , إن كان محسنا فزد في حسناته , وإن كان مسيئا فتجاوز عنه »

**الحاڪم حديث نمبر 1328 امام حاڪم هن روايت کي صحيح چيوآهي ۽امام ذهبي سندس تائيد ڪئي آهي 1 / 359 احڪام الجنائز للالباني ص 159**

**” اي الله!تنهنجو ٻانهو۽ تنهنجي ٻانهيءَ جوپٽ ، تنهنجي رحمت جو محتاج آهي . تون ڪيس عذاب ڏيڻ ڪان بي نياز آهين، جيڪڏهن نيڪوڪار آهي تہ سندس نيڪين ۾ واڌارو فرماءِ ۽جيڪڏهن گنهگار آهي تہ ڪيس معاف فرماءِ .“**

## ٻار تي جنازي جون دعائون

**1** « اللَّهُمَّ أَعِذْهُ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ »

**” اي الله!هن کي قبر جي عذاب کان بچاءِ .“**

**سعيد بن مسيب فرمائي ٿو تہ مون ابو هريره رضي الله عنه جي پٺيان گناهن کان معصوم ٻار جي جنازي نماز پڙهي تہ پاڻ هيءَ دعا پڙهيائون .**

**الموطا** 1 / 228 , **ابن أبي شيبة في المصنف** 3 / 217 ، **البيهقي** 4 / 9 , **شعيب الارناؤط هن جي سند کي صحيح چيو آهي ڏسندا :تحقيقه لشرح السنة للبغوي** 5 / 357 .

2 اللهم اجعله فرطا وذخرا لوالديه , وشفيعا مجابا . اللهم ثقل به موازينهما وأعظم به أجورهما , وألحقه بصالح المؤمنين , واجعله في كفالة إبراهيم , وقه برحمتك عذاب الجحيم, وأبدله دارا خيرا من داره ، وأهلا خيرا من أهله , اللهم اغفر لأسلافنا , وأفراطنا , ومن سبقنا بالإيمان

**” اي الله!هن کي سندس ماءُ ۽ پيءُ جي لاءِ اڳيان وڃي ميزباني ڪندڙ۽ ذخيرو ڪندڙ بڻاءِ هن کي اهڙو سفارشي بناءِ جنهن جي سفارش قبول ڪئي وڃي . اي الله ! هن سان هن جي ماءُ ۽ پيءُ جي (عملن ) جي ترازو کي ڳرو ڪر ۽ هن جي ذريعي سان سندس ماءُ پيءُ جي ثواب ۾ واڌارو فرماءِ ۽ڪيس نيڪ ٻانهن ۾ شامل فرماءِ ۽ ڪيس**

ابراهيم عليہ السلام جي پرورش ۾ داخل فرماءِ ۽كيس پنهنجي رحمت سان دوزخ جي عذاب کان بچاءِ ۽ كيس سندس گهر جي بدلي ۾ بهتر گهر عطا فرماءِ ۽ كيس سندس گهر وارن جي بدلي ۾ بهتر گهر وارا عطا فرماءِ اي الله !اسان جو اڳيان استقبال كندڙن ۽اڳيان ملندڙن كي بخش فرماءِ ۽ انهن كي معاف فرماءِ جن جو خاتمو اسان كان پهريائين ايمان تي ٿيو ."

المغني لابن قدامة 3 / 416 ، الدروس المهمة لعامة الامة للشيخ عبد العزيز بن عبد الله بن باز حفظه الله ص 15

3 « اللهم اجعله لنا فرطا , وسلفا , وأجرا

" اي الله!هن كي اسان جي لاءِ اڳيان وجي ميزباني كندڙ۽استقبال كندڙ ۽ اجر (جو ذريعو بناءِ ."

البغوي : شرح السنة 5 / 357 ,عبد الرزاق: حديث نمبر 6588 , امام بخاري هن كي معلق ذكر كيو آهي صحيح البخاري :كتاب الجائز ، باب قراءة فاتحة الكتاب علي الجنازة

## تعزيت جون دعائون

1 إِنَّ لِلَّهِ مَا أَخَذَ وَلَهُ مَا أَعْطَى وَكُلٌّ عِنْدَهُ بِأَجَلٍ مُسَمًّى

" يقينًا اهو سڀ كجهه الله جو ئي آهي جيكي ورتائين ۽(الله) جو ئي آهي جيكي عطا كيائين ، ونس هر شيءِ جو هك مقرر وقت آهي ، هن دعا كانپوءِ ميت جي پونيرن كي صبر جي نصيحت كري ."

البخاري : حديث نمبر 7377

2 هي دعا بہ وڏيك بهتر آهي

« أعظم الله أجرك , وأحسن عزاءك وغفر لميتك

" الله تعالىٰ تنهنجي ثواب كي گهٽي كان گهٽو وڏائي ۽ توكي سهٽي تسلي ڏي ۽ تنهنجي ميت كي معاف فرمائي ."

**الاذكار للنووي : ص 190**

## ميت کي قبر ۾ لاهڻ وقت دعا

« بِسْمِ اللَّهِ وَعَلَى سُنَّةِ رَسُولِ اللَّهِ »

**” الله تعالىٰ جي نالي سان ۽ رسول الله ﷺ جن جي سنت جي مطابق (دفن ڪريون ٿا) .“**

**ابوداؤد : حديث نمبر 3213 مسند احمد : 2 /27 جا لفظ آهن” بسم الله وعلىٰ ملة رسول الله “ هن جي سند صحيح آهي .**

## ميت کي دفن ڪرڻ کانپوءِ جي دعا

« اللهم اغفر له اللهم ثبته »

**” اي الله !کيس معاف فرماءِ ۽ کيس ثابت قدم رک .“**

**نبي ﷺ جن ميت کي دفن ڪري فارغ ٿيندا هئا ،اتي بيهي فرمائيندا هئا تہ : پنهنجي ڀاءُ جي بخشش ۽ ثابت قدمي جي دعا گهرو ڇوتہ ڪانئس هن وقت پڇاڻو پيو ٿئي .**

**ابوداؤد : حديث نمبر 3221 امام حاڪم هن کي صحيح چيو آهي امام ذهبي سندس تائيد ڪئي آهي 1 / 370 .**

### قبر جي زيارت ڪرڻ وقت دعا

السَّلَامُ عَلَيْكُمْ أَهْلَ الدِّيَارِ مِنْ الْمُؤْمِنِينَ وَالْمُسْلِمِينَ وَإِنَّا إِنْ شَاءَ اللَّهُ لَلَاحِقُونَ [ ويرحم الله المستقدمين منا والمستأخرين ] أَسْأَلُ اللَّهَ لَنَا وَلَكُمْ الْعَافِيَةَ

**” اي هنن گهرن (قبرن) ۾ رهندڙ مؤمنو ۽ مسلمانو!اوهان تي سلامتي هجي يقينا جيڪڏهن الله چاهيو تہ اسين بہ اوهان ملڻ وارا آهيون . الله اسان مان اڳ ۾ وڃڻ وارن ۽ بعد ۾ وڃڻ وارن تي رحم فرمائي ۽ آئون الله کان پنهنجي لاءِ ۽ اوهان لاءِ عافيت گهران ٿو.“**

**مسلم :حديث نمبر 975 ، 974 ابن ماجه: حديث نمبر 1547 ابن ماجه جي روايت بريده  کان منقول آهي ۽ ڏنگي وارا لفظ مسلم ۾عائشه رضي الله عنها کان مروي آهن .**

## قرآن ۽ نماز ۾ وسوسي کان بچڻ جي دعا

**اعوذ بالله من الشيطان الرجيم**

**" آئون الله تعالىٰ جي پناهه گهران توشيطان تڙيل کان ."**

**هي دعا پڙهي کابي پاسي ٽي ڀيرا ٿڪي ڇڏيو .**

**مسلم:حديث نمبر** 2203

## تلاوت جي سجدي جون دعائون

سَجَدَ وَجْهِي لِلَّذِي خَلَقَهُ وَشَقَّ سَمْعَهُ وَبَصَرَهُ بِحَوْلِهِ وَقُوَّتِه { فَتَبَارَكَ اللَّهُ أَحْسَنُ الْخَالِقِينَ }»

**" منهنجي چهري ان ذات کي سجدو ڪيو جنهن ان کي پيدا ڪيو ۽ ان ۾ پنهنجي طاقت ۽ قوت سان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا سوراخ ٺاهيا ۽ برڪت پريو آهي الله ، جيڪو بهترين خلقيندڙ آهي ."**

**الترمذي :حديث نمبر**3425 ، **أحمد امام حاڪم هن کي صحيح چيو آهي امام ذهبي سندس تائيد ڪئي آهي** 1 / 220 **حديث نمبر** 802

2 اللَّهُمَّ اكْتُبْ لِي بِهَا عِنْدَكَ أَجْرًا وَضَعْ عَنِّي بِهَا وِزْرًا وَاجْعَلْهَا لِي عِنْدَكَ ذُخْرًا وَتَقَبَّلْهَا مِنِّي كَمَا تَقَبَّلْتَهَا مِنْ عَبْدِكَ دَاوُدَ

**" اي الله!هن سجدي جي بدلي ۾ منهنجي لاءِ پاڻ وٽ ثواب لک ۽ انهيءَ سبباں مون تان (گناهن ) جو بار لاهي انهي سجدي کي منهنجي لاءِ پاڻ وٽ ذخيرو بڻاءِ مون کان انهيءَ کي ائين قبول فرماءِ جيئن پنهنجي ٻانهي داؤد عليه السلام کان قبول ڪيئي ".**

**الترمذي : حديث نمبر3424 امام حاڪم هن کي صحيح چيو آهي امام ذهبي سندس تائيد ڪئي آهي 1 / 219 حديث نمبر 799**

## صبح ۽ شام جا ذڪر ۽ دعائون

**سيدنا انس ﷛ بيان ڪري ٿو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: مون کي اسماعيل عليہ السلام جي اولاد مان چار غلام آزاد ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي جو آئون اهڙن ماڻهن سان ويهان جيڪي نماز فجر کان پوءِ سج ايرڻ تائين الله جو ذڪر ڪن ٿا . مون کي چار غلام آزاد ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي جو آئون اهڙن ماڻهن سان ويهان جيڪي وچين نماز کان پوءِ سج لهڻ تائين الله جو ذڪر ڪن ٿا .**

**أبو داؤد: حديث نمبر** 3667 **, هن روايت کي علامه الباني حسن چيوآهي , صحيح أبو داود:** 2 / 698 1

1 **جيڪو شخص صبح ۾ آية الڪرسي پڙهي اهو شام تائين جنن کان محفوظ رهندو ۽ جيڪو شام ۾ پڙهندوتہ اهو صبح تائين انهن کان محفوظ رهندو .**

**الحاڪم:** 1 / 562 **علامه الباني هن کي صحيح چيو آهي هن روايت جي نسبت نسائي ۽ طبراني جي طرف ڪندي فرمايائين تہ طبراني جي سند جيد آهي : صحيح الترغيب والترهيب** 1 / 273 **حديث نمبر** (662)

2 **جيڪو شخص ٽي ڀيرا صبح ۽ ٽي ڀيرا شام جو ٽي قل پڙهندو تہ اهو عمل انهيءَ لاءِ دنيا جي هرشيءِجي لاءِ ڪافي ٿيندو .**

**أبو داؤد: حديث نمبر** 5082 ، **الترمذي :** 5 / 567 ، **صحيح الترمذي :** 3 / 182

3 **جيڪو بہ شخص ست ڀيرا هي دعا صبح ۽ شام ۾ پڙهندو تہ الله تعالیٰ دنيا ۽ آخرت جي معاملن ۾ ان جي لاءِ ڪافي ٿيندو .**

حَسْبِيَ اللَّهُ لَا إِلَهَ إِلَّا هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ

**” منهنجي لاءِ الله ئي ڪافي آهي جنهن ڪانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ**

آهي ، مون انهيءَ تي ئي پروسو ڪيو ۽ هو عظيم عرش جو ڌڻي آهي ".

ابن السني: حديث نمبر 71 مرفوعا وأبو داؤد موقوفا: حديث نمبر 5081, شيخ شعيب ۽ عبد القادر الارناؤط هن حديث کي صحيح چيو آهي ڏسندا : زاد المعاد 2 / 376 .

4 صبح جي وقت پڙهي :

« أَصْبَحْنَا وَأَصْبَحَ الْمُلْكُ لِلَّهِ وَالْحَمْدُ لِلَّهِ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ رَبِّ أَسْأَلُكَ خَيْرَ مَا فِي ما في هذا اليوم وخير ما بعده وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا فِي في هذا اليوم وشر ما بعده , رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْكَسَلِ وَسُوءِ الْكِبَرِ رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابٍ فِي النَّارِ وَعَذَابٍ فِي الْقَبْرِ

" اسان صبح ڪيو ۽ سموري بادشاهي صبح ڪيو ،سموري واکاڻ الله جي لاءِ ئي آهي ،الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ،۽ هو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي . اي رب ! آئون توکان هن ڏينهن جي بهتري گهران ٿو ۽ هر ان شيءَ جي بهتري گهران ٿو جيڪا هن ڏينهن جي پڄاڻي پنيان آهي ۽ تنهنجي پناه گهران ٿو هن ڏينهن ۾ موجود برائي کان ۽ ان برائي کان جيڪا هن ڏينهن جي پڄاڻي پنيان آهي رب منهنجا ! آئون تنهنجي پناه گهران ٿو سستي کان ،پوڙهائپ جي خرابي کان ، اي رب منهنجا! آئون تنهنجي پناه گهران ٿو باھ ۾ ٿيندڙ عذاب کان ۽ قبر ۾ ٿيندڙ عذاب کان ."

5 شام جي وقت پڙهي :

أَمْسَيْنَا وَأَمْسَى الْمُلْكُ لِلَّهِ وَالْحَمْدُ لِلَّهِ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ رَبِّ أَسْأَلُكَ خَيْرَ مَا فِي هَذِهِ اللَّيْلَةِ وَخَيْرَ مَا بَعْدَهَا وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا فِي هَذِهِ اللَّيْلَةِ وَشَرِّ مَا بَعْدَهَا رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْكَسَلِ وَسُوءِ الْكِبَرِ رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابٍ فِي النَّارِ وَعَذَابٍ فِي الْقَبْرِ

” اسان شام ڪئي ۽ ساري بادشاهيءَ شام ڪئي ،سموري واکاڻ الله جي لاءِ ئي آهي ،الله ڪانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ۽ هو هر شيءِ قدرت رکندڙ آهي . اي رب ! آئون توکان هن رات جي بهتري گهران ٿوءِ هر ان شيءِ جي بهتري گهران ٿو جيڪا هن رات جي پڄاڻي پنيان آهي ۽ تنهنجي پناهہ گهران ٿو هن رات ۾ موجود برائي کان ۽ ان برائي کان جيڪا هن رات جي پڄاڻي پنيان آهي . اي رب منهنجا ! آئون تنهنجي پناهہ گهران ٿو سستي کان ، پوڙهائپ جي خرابي کان . اي رب منهنجا! آئون تنهنجي پناهہ گهران ٿو باهہ ۾ ٿيندڙ عذاب کان ۽ قبر ۾ ٿيندڙ عذاب کان .“

مسلم:حديث نمبر 2732

6 جنهن شخص صبح جي وقت هيءَ دعا پڙهي تہ انهيءَ ان ڏينهن جو شڪرادا ڪيو ۽ جنهن شخص شام جي وقت هيءَ دعا پڙهي تہ انهيءَ ان رات جو شڪرادا ڪيو .

صبح جي وقت پڙهي:

« اللهم ما أصبح بي من نعمة أو بأحد من خلقك فمنك وحدك لا شريك لك , فلك الحمد ولك الشكر »

” اي الله!صبح ۾ مون کي يا پنهنجي مخلوق مان ڪنهن کي بہ ڪا نعمت حاصل ٿئي ٿي تہ اها تو اڪيلي جي طرفان هوندي آهي ، تنهنجو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ،تنهنجي لاءِ ئي سموري واکاڻ آهي ۽ تنهنجي لاءِ ئي شڪر آهي . “

7 شام جي وقت پڙهي

اللهم ما أمسى بيمن نعمة أو بأحد من خلقك فمنك وحدك لا شريك لك , فلك الحمد ولك الشكر »

” اي الله ! شام ۾ مون کي يا پنهنجي مخلوق مان ڪنهن کي بہ ڪا نعمت حاصل ٿئي ٿي تہ اها تو اڪيلي جي طرفان هوندي آهي ، تنهنجو

**ڪوبہ شريڪ نہ آهي انکري تنهنجي لا ۽ ئي سموري واکاڻ آهي ۽ تنهنجي لاءِ ئي شڪر آهي ."**

**السنن الڪبرىٰ للبيهقي : حديث نمبر** 9835

8 **صبح ۾ هڪ ڀيرو پڙهي :**

« اللَّهُمَّ بِكَ أَصْبَحْنَا وَبِكَ أَمْسَيْنَا وَبِكَ نَحْيَا وَبِكَ نَمُوتُ وَإِلَيْكَ الْمَصِيرُ

**" اي الله !اسان تنهنجي مدد ۽ توفيق سان صبح ڪيو ۽ اسان تنهنجي مدد ۽ توفيق سان شام ڪئي، تنهنجي ئي حڪم سان جيئون ٿا تنهنجي ئي نالي مرون ٿا ۽ تنهنجي ئي طرف موٽڻو آهي ."**

9 **شام ۾ هڪ ڀيرو پڙهي :**

اللَّهُمَّ بِكَ أَمْسَيْنَا وَبِكَ أَصْبَحْنَا وَبِكَ نَحْيَا وَبِكَ نَمُوتُ وَإِلَيْكَ النُّشُورُ **اي الله ! اسان تنهنجي مدد ۽ توفيق سان شام ڪئي ۽ اسان تنهنجي مدد ۽ توفيق سان صبح ڪيو تنهنجي ئي حڪم سان جيئون ٿا ۽ تنهنجي ئي حڪم سان مرون ٿا تو ڏانهن ئي موٽڻو آهي .**

**الترمذي :** 5 / 466 **صحيح الترمذي:** 3 / 142 **سلسله الاحاديث الصحيحه:** 225/1 **حديث نمبر** 262 .

10 **صبح ۽ شام ۾هڪ ڀيرو پڙهي :**

« يا حي يا قيوم برحمتك أستغيث أصلح لي شأني كله ولا تكلني إلى نفسي طرفة عين »

**الحاڪم : ( امام حاڪم هن کي صحيح چيو آهي امام ذهبي سندس تائيد ڪئي آهي )**

1 / 545 **حديث نمبر**2000 **الترغيب والترهيب** 1 / 273

**" اي زنده ۽( هر شيءِ) کي قائم رکندڙ ! تنهنجي ئي رحمت سان توکان مدد گهران ٿو ۽ منهنجن سمورن معاملن کي سنوار ۽ مون کي اک ڇنڀ جيتري لمحي لاءِ منهنجي نفس جي حوالي نہ ڪر ."**

11 **صبح ۾ هڪ ڀيرو**

أَصْبَحْنَا وَأَصْبَحَ الْمُلْكُ لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ خَيْرَ هَذَا الْيَوْمِ فَتْحَهُ وَنَصْرَهُ وَنُورَهُ وَبَرَكَتَهُ وَهُدَاهُ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا فِيهِ وَشَرِّ مَا بَعْدَهُ

**” اسان ۽سموري ملڪ جهانن جي پالڻهار جي لاءِ صبح ڪيواي الله! آئون هن ڏينهن جي ڀلائي گهران ٿو،هن ڏينهن جي ڪاميابي ۽ مدد ، ان جي روشني ،برڪت ۽ هدايت گهران ٿو ۽ آئون توکان هن ڏينهن جي شر ۽ ان ڪان پوءِ ايندڙ شر ڪان تنهنجي پناهه گهران ٿو ۔“**

**12 شام ۾ هڪ پيرو**

« أَمْسَيْنَا وأمسى الْمُلْكُ لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ خَيْرَ هذه الليلة فتحها ونصرها ونورها وبركتها وهداها وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا فيها وشر مَا بَعْدَهَا

**” اسان ۽ سموري ملڪ جهانن جي پالڻهار جي لاءِ شام ڪئي اي الله! آئون هن رات جي ڀلائي گهران ٿو ،هن رات جي ڪاميابي ۽ مدد ، ان جي روشني ،برڪت ۽ هدايت گهران ٿو ۽ آئون توکان هن رات جي شر۽ ان ڪان پوءِايندڙ شرڪان تنهنجي پناهه گهران ٿو ۔“**

**أبوداؤد حديث نمبر 5048 هن روايت کي شيخ شعيب ۽ عبدالقادر الارناؤط حسن چيو آهي ڏسندا : تحقيق زاد المعاد 2 / 273**

**13 صبح ۾ هڪ پيرو :**

أَصْبَحْنَا عَلَى فِطْرَةِ الْإِسْلَامِ وَعَلَى كَلِمَةِ الْإِخْلَاصِ وَعَلَى دِينِ نَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ وَعَلَى مِلَّةِ أَبِينَا إِبْرَاهِيمَ حَنِيفًا مُسْلِمًا وَمَا كَانَ مِنْ الْمُشْرِكِينَ

**” اسان صبح ڪيو دين اسلام جي فطرت مطابق ،اخلاص جي ڪلمي تي ۽پنهنجي نبي محمد ﷺ جن جي دين تي ۽ پنهنجي پيءُ ابراهيم عليہ السلام جي ملت تي ، جيڪو توحيد ۾ هڪ طرفو، مسلمان هو ۽ مشرڪن مان نہ هو ۔“**

**14 شام ۾ هڪ پيرو :**

« أَمْسَيْنَا عَلَى فِطْرَةِ الْإِسْلَامِ وَعَلَى كَلِمَةِ الْإِخْلَاصِ وَعَلَى دِينِ نَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ وَعَلَى مِلَّةِ أَبِينَا إِبْرَاهِيمَ حَنِيفًا مُسْلِمًا وَمَا كَانَ مِنْ الْمُشْرِكِينَ

**” اسان شام ڪئي اسلام جي فطرت مطابق ، اخلاص جي ڪلمي تي ۽ پنهنجي نبي محمد ﷺ جن جي دين تي ۽ پنهنجي پيءُ ابراهيم عليہ السلام جي ملت تي ، جيڪو توحيد ۾ هڪ طرفو، مسلمان هو ۽ مشرڪن مان نہ هو .“**

**مسنداحمد** : 3 / 406, 407 ، **عمل اليوم والليلة لابن السني** : **حديث نمبر** 34 ، **صحيح الجامع** :4 / 209

**15 صبح ۽ شام ۾ ٽي ڀيرا پڙهي :**

اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَدَنِي اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي سَمْعِي اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَصَرِي لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْكُفْرِ وَالْفَقْرِ اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ

**” اي الله مون کي جسم جي عافيت ڏي ،اي الله! منهنجي ڪنن کي عافيت بخش . اي الله ! منهنجي اکين کي عافيت ڏي ، توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، اي الله! آئون تنهنجي پناهہ گهران ٿو ڪفرکان ، فقيري کان ، آئون تنهنجي پناهہ گهران توقبرجي عذاب کان ، توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي .“**

**أبو داؤد** : **حديث نمبر 5084**, **احمد**: **5 / 42** , **عمل اليوم والليلة للنسائي** : **حديث نمبر 22** ,**ابن السني حديث نمبر 69 الادب المفرد للبخاري** ، **شيخ ابن باز هن جي سند کي حسن قرار ڏنو آهي** :**تحفة الاخيار** ص **26**

**16 جيڪو شخص صبح ۽ شام ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو ان کي ڪابہ شيءِ نقصان نہ ڏيندي :**

« بِسْمِ اللَّهِ الَّذِي لَا يَضُرُّ مَعَ اسْمِهِ شَيْءٌ فِي الْأَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ

**" ان الله جي نالي سان  جنهن جي نالي جي برڪت سان ڪابہ شيءِ زمين ۾ نقصان نٿي ڏيئي سگهي ۽ نہ وري ڪابہ شيءِ آسمانن ۾ ۽ هو ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي . "**

**الترمذي :حديث نمبر 3388 صحيح ابن ماجه : 2 / 332 شيخ ابن باز هن جي سند کي حسن قرار ڏنو آهي  تحفة الاخيار: ص 39**

**17 شام ۾ ٽي ڀيرا پڙهي :**

« أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللَّهِ التَّامَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ »

**" آئون الله جي سمورن ڪلمن جي پناهہ گهران ٿو سندس مخلوق جي برائي کان ."**

**صحيح مسلم حديث نمبر2709**

**18  جيڪو شخص ٽي ڀيرا صبح ۽ شام هي دعا پڙهندو تہ الله تعالیٰ قيامت جي ڏينهن ان کي ضرور خوش ڪندو:**

رَضِيتُ بِاللَّهِ رَبًّا وَبِالْإِسْلَامِ دِينًا وَبِمُحَمَّدٍ نَبِيًّا

**" آئون الله تعالیٰ جي رب هجڻ ۽ محمد ﷺ جن جي رسول هجڻ ۽اسلام جي دين هجڻ تي راضي آهيان ."**

**أحمد : 4 / 337 عمل اليوم والليلة حديث للنسائي حديث نمبر 4 عمل اليوم والليلة لابن السني : حديث نمبر 68 أبو داؤد : 4 / 318 الترمذي : 5 / 465  حديث نمبر 3389 شيخ ابن باز هن جي سند کي حسن قرار ڏنو آهي تحفة الخيار: ص 39 .**

**19صبح جي وقت ٽي ڀيرا پڙهي :**

سُبْحَانَ اللَّهِ وَبِحَمْدِهِ عَدَدَ خَلْقِهِ وَرِضَا نَفْسِهِ وَزِنَةَ عَرْشِهِ وَمِدَادَ كَلِمَاتِهِ

**" الله پاڪ آهي پنهنجي واکاڻ سان ، پنهنجي مخلوق جي تعداد برابر، سندس ذات جي رضامندي برابر ،عرش جي وزن برابر ۽ سندس ڪلمن جي مس برابر ."**

**مسلم :  حديث نمبر 2726**

**20 سيد الاستغفار :**

**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن شخص يقين جي حالت ۾ هي دعا پڙهي ۽ ان رات فوت ٿي ويو تہ اهو شخص جنت ۾ داخل ٿيندو، اهڙي طرح جنهن شخص يقين جي حالت ۾ هي دعا پڙهي ۽ انهي ڏينهن شام تائين فوت ٿي ويو تہ جنت ۾ داخل ٿيندو .**

**صبح ۽ شام :**

اللَّهُمَّ أَنْتَ رَبِّي لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ خَلَقْتَنِي وَأَنَا عَبْدُكَ وَأَنَا عَلَى عَهْدِكَ وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ أَبُوءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ وَأَبُوءُ لَكَ بِذَنْبِي فَاغْفِرْ لِي فَإِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ

**” اي الله! تون ئي منهنجو پالڻهار آهين ، توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ،توئي مون کي پيدا ڪيو ۽ آئون تنهنجو ٻانهو آهيان ۽ آئون تو سان ڪيل وعدي ۽ اقرار تي پنهنجي طاقت آهر قائم آهيان . آئون تنهنجي پناهہ گهران ٿو پنهنجي ڪيل هر ڪم جي برائي کان ۽ مون تي ڪيل تنهنجي هرنعمت جو اقرار ڪريان ٿو ۽ پنهنجي سمورن گناهن جو اقرار ڪريان ٿو ، مون کي بخش فرماءِ توکان سواءِ ڪوبہ گناهہ بخشيندڙ نہ آهي .“**

**البخاري حديث نمبر 6306**

**21 جيڪو شخص صبح ۽ شام ۾ چار ڀيرا هيٺين دعا پڙهندو تہ الله ان کي باهہ کان ڇوٽڪارو عطا ڪندو .**

**صبح جو چار ڀيرا پڙهي :**

اللَّهُمَّ إِنِّي أَصْبَحْتُ أُشْهِدُكَ وَأُشْهِدُ حَمَلَةَ عَرْشِكَ وَمَلَائِكَتَكَ وَجَمِيعَ خَلْقِكَ أَنَّكَ أَنْتَ اللَّهُ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ وَحْدَكَ لَا شَرِيكَ لَكَ وَأَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُكَ وَرَسُولُكَ

**” اي الله ! مون توکي ۽ عرش کڻندڙن (ملائڪن )۽ ٻين ملائڪن ۽ تنهنجي سموري مخلوق کي هن ڳالهہ تي گواهہ بڻائيندي صبح ڪيو تہ**

**توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي . تون اڪيلو آهين ، تنهنجو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ۽ محمد ﷺ جن تنهنجا ٻانها ۽ رسول آهن . “**

**22 شام ۾ چار ڀيرا پڙهي :**

اللَّهُمَّ إِنِّي أمسيت أُشْهِدُكَ وَأُشْهِدُ حَمَلَةَ عَرْشِكَ وَمَلَائِكَتَكَ وَجَمِيعَ خَلْقِكَ أَنَّكَ أَنْتَ اللَّهُ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ وَحْدَكَ لَا شَرِيكَ لَكَ وَأَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُكَ وَرَسُولُكَ

**” اي الله!مون توکي ۽ عرش کڻندڙن (ملائڪن )۽ ٻين ملائڪن ۽ تنهنجي سموري مخلوق کي هن ڳالھ تي گواھ بڻائيندي شام ڪئي تہ تو سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، تون اڪيلو آهين ، تنهنجو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ۽ محمد ﷺ جن تنهنجا ٻانها ۽ رسول آهن .“**

**أبو داؤد: حديث نمبر:** 5069،5078 ، **الادب المفرد: حديث نمبر** 23

**23 صبح ۽ شام پڙهي :**

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْعَافِيَةَ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي دِينِي وَدُنْيَايَ وَأَهْلِي وَمَالِي اللَّهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَتِي وَقَالَ عُثْمَانُ عَوْرَاتِي وَآمِنْ رَوْعَاتِي اللَّهُمَّ احْفَظْنِي مِنْ بَيْنِ يَدَيَّ وَمِنْ خَلْفِي وَعَنْ يَمِينِي وَعَنْ شِمَالِي وَمِنْ فَوْقِي وَأَعُوذُ بِعَظَمَتِكَ أَنْ أُغْتَالَ مِنْ تَحْتِي

**” اي الله! آئون توکان دنيا ۽ آخرت ۾ بخشش ۽ عافيت گهران ٿو، اي الله! آئون توکان پنهنجي دين ۽دنيا ،خاندان ۽ مال جي باري ۾ بخشش ۽ عافيت گهران ٿو. اي الله!منهنجي عيبن تي ڍڪ رک ۽ پريشانين ۾ امن عطا ڪر، اي الله ! منهنجي اڳيان ۽ پنيان ،ساڄي ۽ کاٻيءَ مٿان (هر طرف کان) حفاظت ڪر، ۽ آئون تنهنجي عظمت جي پناھ گهران ٿو، هن ڳالھ کان جو مون کي هيٺيان کان اوچتو ماريو وڃي .“**

**ابو داؤد: حديث نمبر 5074 ابن ماجه : حديث نمبر 3871 صحيح ابن ماجه :2 / 332 .**

**24 صبح ۽ شام ۾ پڙهي**

« اللهم عالم الغيب والشهادة فاطر السماوات والأرض , رب كل شيء ومليكه , أشهد أن لا إله إلا أنت , أعوذ بك من شر نفسي , ومن شر الشيطان وشركه , وأن أقترف على نفسي سوءا , أو أجره إلى مسلم »

اللَّهُمَّ فَاطِرَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ رَبَّ كُلِّ شَيْءٍ وَمَلِيكَهُ أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ نَفْسِي وَمِنْ شَرِّ الشَّيْطَانِ وَشِرْكِهِ وَأَنْ أَقْتَرِفَ عَلَى نَفْسِي سُوءًا أَوْ أَجُرَّهُ إِلَى مُسْلِمٍ

**” اي الله! ڳجھ ۽ظاهر جا ڄاڻندڙ !زمين ۽ آسمان جا خلقيندڙ!هرشيءِ جا پالڻھار ۽ بادشاھ ! آئون گواھي ڏيان ٿو تہ توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آھي ، آئون تنھنجي پناھ گھران ٿو شيطان جي برائي کان ،ان جي شرڪ کان ۽ تنھنجي پناھ گھران ٿو ھن ڳالھ کان تہ آئون پنھنجي جان کي ڪنھن برائي ۾ مبتلا ڪريان يا ڪنھن مسلمان سان برائي ڪريان .“**

**الترمذي: حديث نمبر** 3392،3529 ، **أبو داؤد : حديث نمبر** 5083 ، **صحيح الترمذي** :3 / 142 .

**25 جيڪو شخص ھن دعا کي صبح جي وقت ۾ پڙھندو تہ ان جي لاءِ ڏھ نيڪيون لکيون وينديون ، ڏھ گناھ بخشيا ويندا،ڏھ درجا بلند ڪيا ويندا ۽ڪيس اسماعيل عليہ السلام جي اولاد مان ڏھ غلام آزاد ڪرڻ جيترو ثواب ملندو ۽ الله تعالیٰ ھيءَ دعا پڙھڻ واري کي شيطان کان محفوظ رکندو . جيڪو شخص شام ۾ پڙھندو تہ ان کي بہ ايترو ئي ثواب ملندو صبح ۽شام ۾ ڏھ ڀيرا پڙھي پر جيڪڏھن سستي ۾ ورتل ھجي تہ ھڪ ڀيرو پڙھي .**

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ

**الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آھي ھو اڪيلو آھي جنھن جو ڪوبہ شريڪ نہ آھي ،انھيءَ جي لاءِ ئي بادشاھي آھي ۽ انھي جي لاءِ ئي واکاڻ آھي ۽ ھو ھرشيءَ تي قدرت رکندڙ آھي .**

**ابوداود :حديث نمبر** 5077

26 **سؤپيرا پڙهي** سبحان الله وبحمده

**” الله پاڪ آهي پنهنجي سموري واکاڻ سان .“**

**جيڪو شخص صبح ۽ شام ۾ سؤ پيرا پڙهندو تہ قيامت واري ڏينهن ان کان وڌيڪ ڪوبہ پلو عمل آڻيندڙ نہ هوندو، ها البتہ جيڪڏهن ڪنهن ان کان وڌيڪ پيرا پڙهيو تہ اهو انهيءَ کان بهتر ٿي سگهي ٿو .**

**مسلم: حديث نمبر** 2692

27 **ڏينهن ۾ سئو پيرا پڙهي :** استغفرا لله واتوب اليه

**” آئون الله کان ئي بخشش گهران ٿو۽ ان وٽ توبہ تائب ٿيان ٿو.“**

**بخاري :حديث نمبر** 6307

28 **رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو بہ شخص صبح ۽ شام ڏھ پيرا مون تي درود موڪليندو تہ اهو قيامت واري ڏينهن منهنجي شفاعت حاصل ڪندو .**

**صبح ۽ شام ۾ڪوبہ مسنون درود ڏھ پيرا پڙهي:**

« اللهم صل وسلم على نبينا محمد »

**” الله !رحمت نازل فرماءِ محمد ﷺ ۽ سندن آل تي .“**

**الطبراني : ۾ بہ سندون بيان ٿيل آهن انهن مان هڪ جي سند جيد آهي ڏسندا : مجمع الزوائد 10 / 120 ، صحيح الترغيب والترهيب 1 / 273**

## مصيبتن ،مشڪلاتن ۽ قرض کان ڇوٽڪاري جون دعائون

### الله تعالى جي اسم اعظم واريون آيتون ۽ دعائون

1 وَإِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ الرَّحْمَٰنُ الرَّحِيمُ البقره : 163

**” توهان جو معبود اڪيلوآهي ،جنهن ڪانسواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي ، هو نهايت ٻاجهارو ۽ گهڻو مهربان آهي .“**

2 الم اللَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّومُ **آل عمران** : 2،1

" آلم الله جنهن کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، هو هميشه زندھ ، (سموري ڪائنات کي ) قائم رکندڙ آهي ."

3 اللَّهُ لَا إِلَهَ إِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوم

"الله جنهن کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، هو هميشه زندھ ، (سموري ڪائنات کي ) قائم رکندڙ آهي ."

4 وعنت الوجوه للحي القيوم طه : 111

" ۽ سمورا چهرا جهڪي پوندا ان الله جي اڳيان جيڪو هو هميشه زندھ ، (سموري ڪائنات کي ) قائم رکندڙ آهي ."

5 لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ سُبْحَانَكَ إِنِّي كُنْتُ مِنَ الظَّالِمِينَ الانبياءُ : 87

" توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، تون پاڪ آهين . يقينًا آئون ظلم ڪندڙن مان ٿيس ."

6 اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ يَا أَللَّهُ بِأَنَّكَ الْوَاحِدُ الْأَحَدُ الصَّمَدُ الَّذِي لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا أَحَدٌ أَنْ تَغْفِرَ لِي ذُنُوبِي إِنَّكَ أَنْتَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ

" اي الله! آئون توکان ئي گهران ٿو ، اي الله! ڇاڪاڻ جو تون اڪيلو ،اهڙو بي نيازآهين جنهن کي نہ ڪنهن ڄڻيو آهي نہ وري ان ڪنهن کي ڄڻيو آهي . آئون توکان سوال ڪريان ٿو تہ تون منهنجي گناهن کي معاف فرماءِ ، بيشڪ تون گهڻو بخشڻهار ۽ معاف ڪندڙ آهين ."

النسائي : حديث نمبر1302 ،مسنداحمد: 4 / 338)

7 » اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ بِأَنَّ لَكَ الْحَمْدَ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ وَحْدَكَ لَا شَرِيكَ لَكَ الْمَنَّانُ بَدِيعُ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ ذُو الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ, يا حي يا قيوم ( اللَّهُمَّ إني أسألك الجنة وأعوذ بك من النار )

اي الله! آئون توکان ئي سوال ڪريان ٿو ، ڇاڪاڻ جو تنهنجي لاءِ ئي سموريون ساراهون آهن ، توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، تون اڪيلو آهين ، تنهنجو ڪوبہ شريڪ نہ آهي . اي آسمانن ۽ زمينن کي

بي مثل پيدا ڪندڙ! اي عزت ۽ بزرگي جا ڌڻي!اي هميشہ زنده رهندڙ ۽ اي قائم ۽ دائم ! (اي الله ! آئون توکان جنت جو سوال ڪريان ٿوءِ تنهنجي پناهہ گهران ٿو دوزخ جي باهہ کان ."

**ابن ماجه** : **حديث نمبر** :3858 ، **صحيح ابن ماجه** :2 / 329 .

8 اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ بِأَنِّي أَشْهَدُ أَنَّكَ أَنْتَ اللَّهُ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ الْأَحَدُ الصَّمَدُ الَّذِي لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا أَحَدٌ

اي الله! آئون توکان ئي گهران ٿو ، ڇوتہ آئون گواهي ڏيان ٿو تہ تون ئي اڪيلو اهڙو بي نياز آهين جنهن جو نہ ڪو اولاد آهي ۽ نہ وري اهو ڪنهن جو اولاد آهي ، نہ ئي سندس ڪو برابر ۽ ثاني آهي .

**الترمذي** : **حديث نمبر** 3475 ، **ابن ماجه**: 2 / 1267، **أحمد** : 5 / 360 ،

**صحيح ابن ماجه**: 2 / 329 ، **صحيح الترمذي** : 3 / 163

## فڪر مندي ۽ غم کان ڇوٽڪاري جي دعا

1 اللَّهُمَّ إِنِّي عَبْدُكَ وَابْنُ عَبْدِكَ وَابْنُ أَمَتِكَ نَاصِيَتِي بِيَدِكَ مَاضٍ فِيَّ حُكْمُكَ عَدْلٌ فِيَّ قَضَاؤُكَ أَسْأَلُكَ بِكُلِّ اسْمٍ هُوَ لَكَ سَمَّيْتَ بِهِ نَفْسَكَ أَوْ أَنْزَلْتَهُ فِي كِتَابِكَ أَوْ عَلَّمْتَهُ أَحَدًا مِنْ خَلْقِكَ أَوْ اسْتَأْثَرْتَ بِهِ فِي عِلْمِ الْغَيْبِ عِنْدَكَ أَنْ تَجْعَلَ الْقُرْآنَ رَبِيعَ قَلْبِي وَنُورَ صَدْرِي وَجِلَاءَ حُزْنِي وَذَهَابَ هَمِّي

" اي الله! آئون تنهنجو ٻانهو آهيان ،تنهنجي ٻانهيءَ جو پٽ آهيان ، منهنجي پيشاني تنهنجي ئي هٿ ۾ آهي ، منهنجي باري ۾ تنهنجو ئي حڪم هلندڙ آهي ، منهنجي باري ۾ تنهجو هر فيصلو انصاف وارو آهي . تنهنجي هر انهيءَ نالي مبارڪ جي وسيلي سان توکان گهران ٿوجيڪو تنهنجي لاءِ ئي خاص آهي ۽ هر ان نالي جي (وسيلي سان توکان گهران ٿو) جيڪو تو پاڻ پنهنجي لاءِ پسند فرمايو يا هر ان نالي جي (وسيلي سان توکان گهران ٿوجنهن کي تو پنهنجي ڪتاب ۾ نازل فرمايو يا هر ان نالي جي (وسيلي سان توکان گهران ٿوجنهن بابت تو

**پنهنجي مخلوق مان ڪنهن کي آگاهه فرمايو يا تنهنجي طرفان پنهنجي علم غيب ۾ رکيل هر ان نالي جي وسيلي سان سوال ڪريان ٿو تہ قرآن کي منهنجي دل جي بهار بناءِ ۽ منهنجي سيني جو نور بناءِ ۽ منهنجي غمن جو علاج بناءِ ۽ منهنجي ڳڻتين جي خاتمي جوذريعو بناءِ ".**

**أحمد** 1 / 391 **علامه الباني هن روايت کي صحيح چيو آهي .**

2 رسول الله ﷺ **جن اڪثر هي دعا گهرندا هئا :**

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْهَمِّ وَالْحَزَنِ وَالْعَجْزِ وَالْكَسَلِ وَالْبُخْلِ وَالْجُبْنِ وَضَلَعِ الدَّيْنِ وَغَلَبَةِ الرِّجَال

**" اي الله! آئون تنهنجي پناهه گهران ٿو فڪر ۽ ڳڻتي کان ،عاجزي ۽ سستي کان ،ڪنجوسي ۽ بزدلي کان ۽ قرض جي تنگي کان ۽ ماڻهن جي غلبي کان ."**

**البخاري** : **حديث نمبر** 6369

## مشڪلات جي خاتمي جي لاءِ دعائون

**اللهم لا سهل الا ما جعلته سهلا وانت تجعل الحزن اذا شئت سهلا**

**" اي الله! ڪوبہ ڪم آسان نہ آهي پر اهو ڪم جنهن کي تون آسان بنائين ۽ تون ئي مشڪل ڪم کي جڏهن چاهين آسان بنائيندو آهين ."**

**موارد الظمآن** : **ص** 72 **جلد** 8 **.**

## بي قراري ۽ پريشانيءَ وقت دعائون

**1** لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ الْعَظِيمُ الْحَلِيمُ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ رَبُّ السَّمَوَاتِ وَرَبُّ الْأَرْضِ وَرَبُّ الْعَرْشِ الْكَرِيمِ

**" الله عظمت واري ۽ بردبار کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، الله عرش عظيم جي ڌڻي کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي . الله آسمانن**

۽ زمين جي پالڻھارۦ عزت پرئي عرش جي پالڻھار کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آھي ."

البخاري : حديث نمبر 6346 .

2 اللَّهُمَّ رَحْمَتَكَ أَرْجُو فَلَا تَكِلْنِي إِلَى نَفْسِي طَرْفَةَ عَيْنٍ وَأَصْلِحْ لِي شَأْنِي كُلَّهُ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ أبو داؤد :حديث نمبر 5090 ، أحمد : 5 / 42

علامه الباني هن روايت کي صحيح چيو آهي : صحيح أبو داود : 3 /59 .

" اي الله! آئون تنهنجي رحمت ۾ اميد رکان ٿو ،پوءِ مون کي اک چنپ جيترو بہ منهنجي نفس جي حوالي نہ ڪر ۽ منهنجي سموري معاملي کي سڌار ، توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ."

3 أَللَّهُ أَللَّهُ رَبِّي لَا أُشْرِكُ بِهِ شَيْئًا

" الله منهنجو پالڻھار آهي جنهن سان آئون ڪنهن شيءِ کي بہ شريڪ نٿو ڪريان ."

أبو داؤد :حديث نمبر 1525 ، صحيح ابن ماجه : 2 / 335 .

## قرض کان ڇوٽڪاري جي لاءِ دعائون

1 اللَّهُمَّ اكْفِنِي بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَأَغْنِنِي بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ.

" اي الله! پنهنجي حرام ڪيل شين کان بچائيندي مون لاءِ ڪافي ٿيءُ پنهنجي حلال شين تي ۽ پنهنجي خاص مهرباني سان مون کي تو سواءِ هر شيءِ کان بي نيازڪر ."

الترمذي : حديث نمبر 3563 ، صحيح الترمذي : 3 / 180 .

هيءَ قرض جي ادائيگي لاءِ مسنون دعا آهي پر قرضدار هي دعائون بہ پڙهي سگهي ٿو :

2 اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْهَمِّ وَالْحَزَنِ وَالْعَجْزِ وَالْكَسَلِ وَالْبُخْلِ وَالْجُبْنِ وَضَلَعِ الدَّيْنِ وَغَلَبَةِ الرِّجَالِ

” اي الله !آئون تنهنجي پناهه گهران ٿو فڪر ۽ ڳڻتي کان ،عاجزي ۽ سستي کان ، بزدلي ۽ ڪنجوسيءَ کان ۽ قرض جي تنگيءَ کان ۽ ماڻهن جي غلبي کان .“ البخاري : حديث نمبر 6369 .

3 اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْمَسِيحِ الدَّجَّالِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْمَحْيَا وَفِتْنَةِ الْمَمَاتِ اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ الْمَأْثَمِ وَالْمَغْرَمِ

” اي الله! آئون تنهنجي پناهه گهران ٿو قبر جي عذاب کان ۽ تنهنجي پناهه گهران ٿو مسيح دجال جي فتني کان ۽ تنهنجي پناهه گهران ٿو زندگي ۽ موت جي فتني کان ۽ تنهنجي پناهه گهران ٿو گناهه ۽ قرض جي فتني کان .“ مسلم: حديث نمبر 589

4 اللَّهُمَّ رَبَّ السَّمَاوَاتِ وَرَبَّ الْأَرْضِ وَرَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ رَبَّنَا وَرَبَّ كُلِّ شَيْءٍ فَالِقَ الْحَبِّ وَالنَّوَى وَمُنْزِلَ التَّوْرَاةِ وَالْإِنْجِيلِ وَالْفُرْقَانِ أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ كُلِّ شَيْءٍ أَنْتَ آخِذٌ بِنَاصِيَتِهِ اللَّهُمَّ أَنْتَ الْأَوَّلُ فَلَيْسَ قَبْلَكَ شَيْءٌ وَأَنْتَ الْآخِرُ فَلَيْسَ بَعْدَكَ شَيْءٌ وَأَنْتَ الظَّاهِرُ فَلَيْسَ فَوْقَكَ شَيْءٌ وَأَنْتَ الْبَاطِنُ فَلَيْسَ دُونَكَ شَيْءٌ اقْضِ عَنَّا الدَّيْنَ وَأَغْنِنَا مِنْ الْفَقْرِ

” اي الله! ستن آسمانن جا پالڻهار!زمينن جا پالڻهار!عظيم عرش جا ڌڻي!اي پالڻهاراسانجا! اي داڻي ۽ککڙي کي چيرڻ وارا! اي تورات ،انجيل ۽ قرآن جا نازل فرمائيندڙ! آئون هران شيءِ جي برائي کان تنهنجي پناهه گهران ٿوجنهن جي پيشاني کي تون پڪڙيندڙ آهين ـ اي الله! تون ئي اول آهين ، توکان پهريائين ڪابه شيءِ نه آهي ، تون ئي آخر آهين توکان پوءِ ڪابه شيءِ نه آهي تون ئي ظاهر آهين توکان مٿي ڪابه شيءِ نه آهي . تون ڳجهو آهين توکان ڪابه شيءِ لڪيل نه آهي . اسان جي طرفان قرض کي ادا فرماءِ ۽ اسان کي شاهوڪار ڪري فقيري کان بچاءِ .“ مسلم حديث نمبر 2713

## قرض واپس ڪرڻ وقت دعا

»

بَارَكَ اللَّهُ لَكَ فِي أَهْلِكَ وَمَالِكَ إِنَّمَا جَزَاءُ السَّلَفِ الْوَفَاءُ وَالأَدَاءُ

**” الله تعالىٰ توکي تنھنجي اھل ۽ مال ۾ برڪت عطا ڪري ، يقينًا ادائيگي ۽ شڪر گذاري ئي قرض جو بدلو آھي .“**

**عمل اليوم والليلة للنسائي : ص 300 وابن ماجه : حديث نمبر2424**

**،صحيح ابن ماجه :2 / 55**

## مصيبت وقت بھتر بدلو گھرڻ جي دعا

{ إِنَّا لِلَّهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ } اللَّهُمَّ أْجُرْنِي فِي مُصِيبَتِي وَأَخْلِفْ لِي خَيْرًا مِنْهَا إِلَّا أَخْلَفَ اللَّهُ لَهُ خَيْرًا مِنْهَا

**”بيشڪ اسين الله جا ئي (ٻانھا ) آھيون ۽ اسان کي ان (الله) جي طرف ئي موٽڻوآھي . اي الله ! مون کي منھنجي مصيبت ۾ ثواب سان نواز ۽ اسان کي ان جي بدلي ۾ ان کان بھتر شيءِ عطا ڪر .“**

**مسلم حديث نمبر 918 .**

## ڳھبراھٽ وقت ڇا چوي ؟

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ

**” الله کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آھي .“**

**صحيح البخاري : حديث نمبر 3346**

## ڪاوڙ اچڻ وقت دعا

أَعُوذُ بِاللَّهِ مِنْ الشَّيْطَانِ الرَّجِيمِ

**” الله جي پناھ گھران ٿو شيطان تڙيل کان .“**

**البخاري : حديث نمبر 6115 .**

## سرڪش شيطان جي مڪر فريب کان بچڻ جي دعا

أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللَّهِ التَّامَّاتِ الَّتِي لَا يُجَاوِزُهُنَّ بَرٌّ وَلَا فَاجِرٌ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ وَذَرَأَ وَبَرَأَ وَمِنْ شَرِّ مَا يَنْزِلُ مِنْ السَّمَاءِ وَمِنْ شَرِّ مَا يَعْرُجُ فِيهَا وَمِنْ شَرِّ مَا ذَرَأَ فِي الْأَرْضِ وَمِنْ

شَرِّ مَا يَخْرُجُ مِنْهَا وَمِنْ شَرِّ فِتَنِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمِنْ شَرِّ كُلِّ طَارِقٍ إِلَّا طَارِقًا يَطْرُقُ بِخَيْرٍ يَا رَحْمَنُ

" الله جي انهن كلمن جي پناھ گهران ٿو جن کان ڪوبہ نيڪ يا بدڪاراڳتي نٿو وڃي سگهي ، ان شيءَ جي برائي کان پناھ گهران ٿو جنهن کي هن پيدا ڪيو ۽ ڦهلائي ڇڏيو ، هران شيءِ جي برائي کان پناھ گهران ٿوجيڪا آسمان مان نازل ٿئي ۽ هران شيءِ جي برائي کان پناھ گهران ٿوجيڪا آسمان ڏانهن چڙهي ان شيءِ جي برائي کان جيڪازمين ۾ پکيڙيائين ، هران شيءِجي برائي کان جيڪاان مان نڪري ۽ رات ۽ ڏينهن جي فتنن کان هر رات ۾ اچڻ واري فتني کان سواءِ اهڙي اچڻ واري جي جيڪو رات ۾ ڀلائي سان اچي ،اي نهايت رحم ڪرڻ وارا ! "

أحمد 3 / 419 سند صحيح آهي ، ابن السني حديث نمبر 637 شيخ شعيب الارناؤط هن جي سند کي صحيح چيوآهي تخريجه للطحاوية ص 133

## تدبير جي ناڪام ٿيڻ وقت دعا

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعالىٰ وٽ طاقتور مؤمن ، ڪمزور مؤمن کان وڌيڪ بهتر آهي ، جڏهن تہ ٻنهي ۾ ڀلائي موجود آهي . جيڪا شيءَ توهان کي فائدو پهچائي ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪريو . الله کان مدد گهرو ۽ بي وس نہ بنجو جيڪڏهن اوهان کي نقصان پهچي تہ ائين نہ چئو تہ ڪاش جيڪڏهن هن طرح ڪريان ها تہ هن طرح نہ ٿئي ها پر هن طرح چئو :

قَدَرُ اللَّهِ وَمَا شَاءَ فَعَلَ

" الله تعالىٰ جيڪو چاهيو اهو مقدر ڪيائين ." مسلم حديث نمبر 2664

## جيڪڏهن ڪو ناپسند معاملو سامهون اچي ته چوي ؟

الْحَمْدُ لِلَّهِ عَلَى كُلِّ حَالٍ

هر حال ۾ الله جي لاءِ تعريف آهي . سنن ابن ماجه : حديث نمبر 3803

## جسم ۾ تڪليف محسوس ٿئي ته ڇا ڪري ؟

رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي تہ :

جسم جي ڪنهن بہ حصي ۾ تڪليف هجي تہ ان حصي تي پنهنجو هٿ رکي ٽي ڀيرا چئو :بسم الله " الله جي نالي سان ."

پوءِ ست ڀيرا چئو أَعُوذُ بِاللَّهِ وَقُدْرَتِهِ مِنْ شَرِّ مَا أَجِدُ وَأُحَاذِرُ

" الله تعالىٰ ۽ ان جي قدرت جي پناهہ گهران ٿو ان شيءِ جي تڪليف کان آئون محسوس ڪريان ٿو ۽ جنهن کان ڊڄان ٿو." مسلم: حديث نمبر 2202

## مصيبت ۾ مبتلا انسان کي ڏسڻ وقت دعا

« الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي عَافَانِي مِمَّا ابْتَلَاكَ بِهِ وَفَضَّلَنِي عَلَى كَثِيرٍ مِمَّنْ خَلَقَ تَفْضِيلًا »

" هر قسم جي تعريف الله جي لاءِ جنهن مون کي ان شيءِ کان محفوظ رکيوجنهن ۾ توکي مبتلا ڪيائين ۽ مون کي پنهنجي مخلوق مان گهڻن تي فضيلت عطا ڪئي اٿس ." جامع الترمذي : حديث نمبر 3431

## دشمن ۽ حڪمران سان ملاقات وقت دعا

1 اللَّهُمَّ إِنَّا نَجْعَلُكَ فِي نُحُورِهِمْ وَنَعُوذُ بِكَ مِنْ شُرُورِهِمْ

" اي الله ! اسين توکي( پنهنجو مددگار ) بڻايون ٿا انهن جي مقابلي ۾ ۽ انهن جي برائي کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو ."

سنن ابوداود: حديث نمبر 1537

2 اللَّهُمَّ أَنْتَ عَضُدِي وَنَصِيرِي بِكَ أَحُولُ وَبِكَ أَصُولُ وَبِكَ أُقَاتِلُ

" اي الله! تون منهنجو سهارو ۽ مددگار آهين ، تنهنجي ئي مدد سان هلان ڦران ،حملو ۽ لڙائي ڪريان ٿو."

سنن ابوداؤد :حديث نمبر2632 ، صحيح الترمذي: 3 / 153 .

3 { حَسْبُنَا اللَّهُ وَنِعْمَ الْوَكِيلُ }

**”اسان جي لاءِ الله ڪافي آهي جيڪو بهترين ڪارسازآهي.“**

**صحيح البخاري : حديث نمبر** 4563

## حڪمران جي ظلم جي خوف جون دعائون

**1** « اللهم رب السماوات السبع , ورب العرش العظيم , كن لي جارا من فلان بن فلان , وأحزابه من خلائقك , أن يفرط على أحد منهم أو يطغى , عز جارك , وجل ثناؤك , ولا إله إلا أنت » .

الادب المفرد : حديث نمبر 707 **علامه الباني** هن روايت کي صحيح چيوآهي

صحيح الادب المفرد : حديث نمبر 556 .

**” اي ستن آسمانن جا پالڻهار! ۽ عظيم عرش جا پالڻهار! منهنجي لاءِ فلاڻي پٽ فلاڻي جي مقابلي ۾ پناه ڏيندڙ بنجي وڃ ۽ پنهنجي مخلوق مان سندس ٽولن جي مقابلي ۾ پناه ڏيندڙ بنجي وڃ ، هن ڳالهه کان جو انهن مان ڪوبه مون تي ڏاڍائي ڪري يا مون تي زيادتي ڪري ، تنهنجي پناه مضبوط آهي ،عظمت ڀري تنهنجي واکاڻ آهي ،۽ توکان سواءِ ڪوبه برحق معبود نہ آهي.“**

**2 ٽي ڀيرا پڙهي**

« الله أكبر , الله أعز من خلقه جميعا , الله مما أخاف وأحذر, أعوذ بالله الذي لا إله إلا هو , الممسك السماوات السبع أن يقعن على الأرض إلا بإذنه , من شر عبدك فلان , وجنوده وأتباعه وأ شياعه , من الجن والأنس , اللهم كن لي جارا من شرهم , جل ثناؤك وعز جارك , وتبارك اسمك , ولا إله غيرك "

**” الله سڀ کان وڏو آهي ،الله پنهنجي سموري مخلوق کان غلبي واروآهي . جن کان ڊڄان ٿو الله انهن کان گهڻي غلبي وارو آهي . آئون ان الله جي پناه گهران ٿو جنهن کان سواءِ ڪوبه برحق معبود نہ آهي ، جيڪو ستن آسمانن کي زمين تي ڪرڻ کان روڪيندڙ آهي . پر**

سمورا آسمان (سندس اجازت سان ڪري سگهن ٿا ) آئون تنهنجي پناھ گهران ٿو، تنهنجي فلاڻي ٻانهي جي برائي کان ان جي لشڪرن جي شر کان ۽ ان جي پيروڪارن جي شر کان ۽ ان جي ساٿين جي شر کان جنن مان هجن يا انسانن مان . اي الله! انهن جي برائي جي مقابلي ۾ منهنجي لاءِ پناھ گاھ بنجي وڃ ، تنهنجي واڪاڻ عظمت ڀري آهي،تنهنجي پناھ مضبوط آهي ،تنهنجو نالو برڪت ڀريو آهي ، توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ."

الادب المفرد للبخاري حد يث نمبر 708 علامه الباني هن روايت کي صحيح چيوآهي : حد يث نمبر صحيح الادب المفرد 546

## دشمن جي لا ءِ بد دعا

اللَّهُمَّ مُنْزِلَ الْكِتَابِ سَرِيعَ الْحِسَابِ اهْزِمْ الْأَحْزَابَ اللَّهُمَّ اهْزِمْهُمْ وَزَلْزِلْهُمْ

س" اي الله! قرآن نازل ڪندڙ ، جلد حساب وٺندڙ ! سمورن ٽولن کي شڪست ڏي ، اي الله!انهن کي شڪست ڏي ۽انهن کي ڏوڏي ڇڏ ."

مسلم: حد يث نمبر 1742

ماڻهن جي شر کان بچڻ لاءِ هيءَ دعا پڙهي

« اللَّهُمَّ اكْفِنِيهِمْ بِمَا شِئْتَ »

اي الله! تون منهنجي لاءِ انهن کان ڪافي ٿي وڃ ، پنهنجي خاص (مدد) جي ارادي سان ."

مسلم: حد يث نمبر 3005

## جنهن کي ايمان ۾ شڪ ٿئي ته اهو ڇاڪري ؟

1 لله جي پناھ گهري

2 شڪ واري ڪم کان رڪجي وڃي .

بخاري :حد يث نمبر 3276

3 پوءِ چوي تہ

**آمنت بالله ورسوله**

**” مون الله تي ۽ ان جي رسولن تي ايمان آندو .“** مسلم: حد يث نمبر 134

**انهن ڪلمن کان پوءِ الله تعالىٰ جو هي فرمان پڙهي :**

{ هُوَ الْأَوَّلُ وَالْآخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ }

**سورة الحديد:** 57 ، أبوداؤد **: حد يث نمبر** 5110

**علامه الباني هن روايت کي حسن قرار ڏنو آهي :** صحيح أبو داود 3 962

## شرڪ کان محفوظ رهڻ جي دعا

« اللهم إني أعوذ بك أن أشرك بك وأنا أعلم , وأستغفرك لما لا أعلم »

**” اي الله! آئون تنهنجي پناهہ گهران هن ڳالهہ کان جو توسان ڄاڻي ٻجهي ڪنهن کي شريڪ ڪريان ۽ اڻ ڄاڻائي ۾ ڪيل گناهن جي بخشش گهران ٿو.“**

**أحمد** 4 / 403 ، **صحيح الجامع** ، 3 / 233 ، **صحيح الترغيب والترهيب لالباني** 1 / 19 .

## گناهہ ٿي وڃي تہ ڇا ڪجي ؟

**جيڪڏهن ڪنهن شخص کان گناهہ ٿي وڃي تہ ان کي گهرجي تہ چڱي طرح وضو ڪري ٻہ رڪعتون پڙهي ،الله تعالىٰ کان بخشش گهري (توبہ جي سمورن شرطن تي قائم رهندي ) تہ ڪيس الله تعالىٰ بخشش فرمائيندو.**

**ابو دائود: حد يث نمبر 1521**

## شيطان ڪڏهن ڀڄندو آهي ؟

1 **شيطان کان الله جي پناهہ گهرڻ وقت .**

**سنن ابو داؤد حد يث نمبر** 775

2 **بانگ جي وقت**

**بخاري حد يث نمبر 608**

3 مسنون ذڪر ڪرڻ سان .
4 قران مجيد جي تلاوت جي وقت .
رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :
توهان پنهنجي گهرن کي قبرستان نہ بنايو، بيشڪ شيطان ان گهر کان ڀڄي ٿوجنهن گهر ۾ سورت البقره جي تلاوت ڪئي وڃي .
صحيح مسلم:حديث نمبر 780
اهڙي طرح جيڪي شيون شيطان کي پري ڪنديون آهن اهي هي آهن :
صبح ۽ شام جون دعائون ،
گهر ۾ داخل ۽ نڪرڻ جون دعائون ،
مسجد ۾ داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جون دعائون ،
۽ اهي تمام دعائون جيڪي شريعت ۾ ابت آهن مثال جي طور تي :
سمهڻ وقت آية الڪرسي پڙهڻ ۽ سوره البقره جي آخري ٻن آيتن جي تلاوت ڪرڻ .
شيطان کان محفوظ رهڻ جي دعا :
جيڪوسؤ ڀيرا هيٺين دعا پڙهندو تہ پورو ڏينهن شيطان کان محفوظ رهندو .
لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ
” الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي هو اڪيلو آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ،انهيءَ جي لاءِ ئي بادشاهي آهي ۽ انهيءَ جي لاءِ ئي واکاڻ آهي ۽ هوهرشيءِ تي قدرت رکندڙ آهي .“
بخاري : حد يث نمبر 3293

## دجال کان محفوظ رهڻ جا وظيفا

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو شخص سورة الڪهف جون شروعاتي ڏھ آيتون (هڪ روايت ۾ آهي تہ آخري ڏھ آيتون ) ياد ڪندو تہ اهو دجال جي فتني کان محفوظ رهندو .

**مسلم:حد يث نمبر 809 سلسلة الاحاديث الصحيحة : حد يث نمبر 582**
**علامه الباني شروعاتي ڏهن آيتن واري روايت کي محفوظ قرار ڏنو آهي .**
**اهڙيءَ طرح هر تشهد ۾ دجال جي فتني کان پناه گهرڻ بہ بچاءُ جو ذريعو آهي .**
**مسلم حد يث نمبر588**

## بري سوڻ کي ناپسند ڪرڻ جي دعا

لَا خَيْرَ إِلَّا خَيْرُكَ وَلَا طَيْرَ إِلَّا طَيْرُكَ وَلَا إِلَهَ غَيْرُكَ

**” اي الله! نہ آهي ڪابہ نحوست (نياڳائي) ثابت سواءِ انهيءَ نحوست (نياڳائي) جي جنهن جو تون حڪم ڪرين ۽ نہ آهي ڪابہ ڀلائي سواءِ انهيءَ ڀلائي جي جيڪا تنهنجي مرضي سان هجي ۽ توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي .“**

**أحمد 2 / 220 ، ابن السني حد يث نمبر 292 علامه الباني هن روايت کي صحيح قرار ڏنو آهي :الاحاديث الصحيحة 3 / 54 ، حد يث نمبر 1065 ، بري سوڻ جي مقابلي ۾ سٺو سوڻ آهي سٺي سوڻ کي نبي ﷺ جن پسند فرمايو آهي ان ڪري نبي ﷺ جن هڪ دفعي هڪ شخص کي سٺي ڳالهہ چوندي ٻڌي جيڪا پاڻ ﷺ جن کي پسند آئي ، پاڻ ﷺ جن فرمايوتہ اسان تنهنجي سٺي فال تنهنجي ڳالهہ مان ورتي آهي ، علامه الباني هن روايت کي صحيح قرار ڏنو آهي : الصحيحة 2 / 363 .**

## نظر کان بچڻ جو طريقو

**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :**
**جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن مسلمان ڀاءُ وٽ يا پاڻ وٽ ڪا سٺي شيءِ ڏسي تہ برڪت جي دعا گهري ،چوتہ نظر جو لڳڻ ثابت آهي .**
**سنن ابن ماجه : حد يث نمبر 3508 ،3509 صحيح الجامع الصغير: حد يث نمبر 4020**

## اهڙي شخص جي لاءِ دعاجنهن کي گار يا تکليف ڏني هجيس

انساني تقاضائن جي مطابق رسول اللهﷺ جن جيڪڏهن کنهن تي ناراض ٿي ان کي ڏکوئيندڙ لفظ چوندا هئا تہ ان لاءِ هن طرح دعا گهرندا هئا :

اللَّهُمَّ فَأَيُّمَا مُؤْمِنٍ سَبَبْتُهُ فَاجْعَلْ ذَلِكَ لَهُ قُرْبَةً إِلَيْكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

” اي الله ! جنهن بہ مؤمن کي مون برو ڀلو چيو آهي پوءِ تون اها ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن تنهنجي ويجهڙائي جو سبب بناءِ.“

بخاري :حد يث نمبر 6361 مسلم: حد يث نمبر 2601 ۾ مسلم جا لفظ آهن اي الله ! هن جي لاءِ پاڪيزگي ۾ رحمت جو ذريعو بناءِ .

## حج،عمري ۾ سفرجون دعائون

### سواري تي سوار ٿيڻ جي دعا

« بِسْمِ اللَّهِ, الْحَمْدُ لِلَّهِ { سُبْحَانَ الَّذِي سَخَّرَ لَنَا هَذَا وَمَا كُنَّا لَهُ مُقْرِنِينَ }{ وَإِنَّا إِلَى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُونَ } الْحَمْدُ لِلَّهِ, الْحَمْدُ لِلَّهِ, الْحَمْدُ لِلَّهِ, اللَّهُ أَكْبَرُ, اللَّهُ أَكْبَرُ, اللَّهُ أَكْبَرُ, سُبْحَانَكَ إِنِّي ظَلَمْتُ نَفْسِي فَاغْفِرْ لِي فَإِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ

” الله جي نالي سان سوار ٿيان ٿو ،سموري واکاڻ الله جي لاءِ ئي آهي ،الله سڀ کان وڏو آهي ،پاڪ آهي اها ذات جنهن اسان جي لا ءِ ان سواري کي تابع ڪيو، جنهن کي اسين قابو ڪرڻ وارا نہ هئاسين ۾ بيشڪ اسان کي پنهنجي رب جي طرف ئي موٽڻو آهي . واکاڻ الله جي لاءِ ئي آهي، واکاڻ الله جي لاءِ ئي آهي، واکاڻ الله جي لاءِ ئي آهي، الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي ، الله سڀ کان وڏو آهي . اي الله! تون پاڪ آهين ،مون پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو، ان ڪري مون کي بخش فرماءِ ، بيشڪ توکان سواءِ ڪوبہ گناهہ بخشيندڙ نہ آهي.“

**ابو داؤد :حد يث نمبر 2602 الترمذي : حد يث نمبر 3446 صحيح الترمذي : 3 / 156 .**

## سفرشروع ڪرڻ جي دعا

« اللَّهُ أَكْبَرُ, اللَّهُ أَكْبَرُ, اللَّهُ أَكْبَرُ, سُبْحَانَ الَّذِي سَخَّرَ لَنَا هَذَا وَمَا كُنَّا لَهُ مُقْرِنِينَ وَإِنَّا إِلَى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُونَ .اللَّهُمَّ إِنَّا نَسْأَلُكَ فِي سَفَرِنَا هَذَا الْبِرَّ وَالتَّقْوَى وَمِنْ الْعَمَلِ مَا تَرْضَى اللَّهُمَّ هَوِّنْ عَلَيْنَا سَفَرَنَا هَذَا وَاطْوِ عَنَّا بُعْدَهُ اللَّهُمَّ أَنْتَ الصَّاحِبُ فِي السَّفَرِ وَالْخَلِيفَـــةُ فِي الْأَهْلِ اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ وَعْثَاءِ السَّفَرِ وَكَآبَةِ الْمَنْظَرِ وَسُوءِ الْمُنْقَلَبِ فِي الْمَالِ وَالْأَهْلِ

**” الله سڀ ڪان وڏو آهي، الله سڀ ڪان وڏو آهي، الله سڀ ڪان وڏو آهي ، پاڪ آهي اها ذات جنهن اسان جي لا ۽ ان سواري کي تابع ڪيو جنهن کي اسين قابو ڪرڻ وارا نہ هئاسين ۽ بيشڪ اسان کي پنهنجي رب جي طرف ئي موٽڻو آهي اي الله! اسين پنهنجي هن سفر ۾ نيڪي ۽ پرهيزگاري گهرون ٿا ،اهڙي عمل جو سوال ڪريون ٿا جنهن کي تون پسند ڪرين اي الله! اسان جي لاءِ هن سفر کي آسان بناءِ ، هن سفر جي ڊگهائي کي اسان جي لاءِ ويڙهي ڇڏ . اي الله ! تون ئي اسان جو هن سفر ۾ ساٿي ۽ اسان جي گهر وارن جو نگران آهين . اي الله! اسين تنهنجي پناهہ گهرون ٿا سفر جي تڪليف ڪان ، ڏکوئيندڙ منظر ڪان ۽ گهر وارن ۽ مال ۾ بري تبديلي ڪان .“**

**رسول الله ﷺ جن سفر تان موٽڻ وقت بہ اهائي دعا پڙهند اهئا پر هيٺيان لفظ وڌيڪ چوندا هئا :**

آيِبُونَ تَائِبُونَ عَابِدُونَ لِرَبِّنَا حَامِدُونَ

**” اسين موٽندڙ ، توبہ ڪندڙ ، عبادت ڪندڙ ۽ پنهنجي رب جي واکاڻ ڪندڙ آهيون .“**

**مسلم : حد يث نمبر 1342**

## ڪنهن شهر يا ڳوٺ ۾ داخل ٿيڻ جي دعا

« اللهم رب السماوات السبع وما أظللن , ورب الأرضين السبع وما أقللـــن , ورب الشياطين وما أضللن , ورب الرياح وما ذرين , أسألك خير هذه القرية وخير أهلها , وخير ما فيها , وأعوذ بك من شرها , وشر أهلها , وشر ما فيها »

**” اي ستن آسمانن ۽ انهن جي پاڇي ۾ ايندڙ هر شيءِ جا ڌڻي!اي ستن زمينن ۽ انهن تي موجود هر شيءِ جا ڌڻي !۽ شيطانن ۽ انهن طرفان گمراهہ ٿيلن جا ڌڻي !اي هوائن ۽ جن کي هوائون اڏائين ٿيون انهن سمورين شين جا رب ! آئون توکان هن ڳوٺ ۽ انهي ۾ رهندڙن ۽ انهيءَ ۾ موجود هرشيءِ جي ڀلائي گهران ٿو، آئون تنهنجي پناهہ گهران ٿو هن ڳوٺ ۽ انهيءَ ۾ رهندڙن ۽ انهيءَ ۾ موجود هرشيءِ جي برائي کان .“**

**المعجم الكبير** : 22\359 **حديث نمبر** 902 **.**

## بازار ۾ داخل  ٿيڻ جي دعا

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِي وَيُمِيتُ وَهُوَ حَيٌّ لَا يَمُوتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ

**الترمذي** 5 / 291 ، **الحاڪم** 1 / 538 **علامه الباني هن کي حسن چيوآهي** : **صحيح الترمذي** 3 / 152 ، **امام حاڪم هن کي صحيح چيوآهي امام ذهبي سندس تائيد ڪئي آهي 2 / 100 ، ابن السني حد يث نمبر 524 ، علامه ابن باز فرمايو تہ نسائي هن کي حسن سند سان بيان ڪيوآهي تحفة الاخيار ص** 37

**” الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي هو اڪيلو آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ،انهيءَ جي لاءِ ئي بادشاهي آهي ۽ انهي جي لاءِ ئي واکاڻ آهي هو جيئاريندڙ ۽ موت ڏيندڙ آهي ۽ هواهڙو زنده جنهن کي موت نہ ايندو سموري ڀلائي سندس هٿ ۾ آهي ۽  هو هر شيءَ تي قدرت رکندڙ آهي . “**

## سواريءَ جي ٿاٻڙجڻ وقت دعا

بسم الله

” الله جي نالي سان .“

أبوداؤد : حد يث نمبر4982 علامه الباني هن روايت کي صحيح قرار ڏنو آهي ڏسندا : صحيح أبي داود 3 / 941 .

## دوارن سفر تکبير ۽ تسبيح

جابر  بيان فرمائي ٿو تہ جڏهن اسين کنهن مٿاهين تي چڙهندا هئاسين تہ الله اکبر ۽ هيٺياهين تي لهندا هئاسين تہ سبحان الله چوندا هئاسين .

بخاري حديث نمبر 2993

## دوران سفر صبح جي دعا

سَمِعَ سَامِعٌ بِحَمْدِ اللَّهِ وَحُسْنِ بَلَائِهِ عَلَيْنَا رَبَّنَا صَاحِبْنَا وَأَفْضِلْ عَلَيْنَا عَائِذًا بِاللَّهِ مِنْ النَّارِ

” هڪ ٻڌندڙ الله جي واکاڻ ٻڌي ۽اسان تي ان جا جيڪي انعام آهن تن جو ذکر ٻڌو ،اي الله اسان جا ڌڻي! تون اسان جو ساٿي ٿيءُ ۽ اسان تي مهرباني ڪر اسين هي دعا گهرون ٿا الله جي پناه گهرندي باه جي عذاب کان .“

مسلم: حد يث نمبر 2718

## دوان سفر ڪنهن جڳهہ تي ترسڻ جي دعا

أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللَّهِ التَّامَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ

” آئون الله جي مڪمل ڪلمن جي پناه ۾ اچان ٿو سندسن مخلوق جي شر کان .“

مسلم: حد يث نمبر (2708 )

## سفر تان واپسي جي دعا

**رسول اللهﷺ کنهن جنگ يا حج تا واپس ايندا هئا تہ تہ هر مٿاهين جڳهہ تي الله اکبر چوندا ۽ هيءَ دعا پڙهندا :**

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ لَا إِلَـهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ أَنْجزَ وَعْدَهُ وَنَصرَ عَبْدَهُ وَهَزَمَ الْأَحْزَابَ وَحْدَهُ

**” الله کانسواءِ کوبہ برحق معبود نہ آهي هو اڪيلو آهيءِ هن جي لاءِ ئي بادشاهي ۽ سموري واکاڻ آهي ۽ هو هرشيءِ تي قدرت رکندڙ آهي . اسين واپس موٽندڙ ، توبہ کندڙ ۽ پنهنجي رب جي تعريف کندڙ آهيون . الله کانسواءِ کوبہ برحق معبود نہ آهي ، هو اڪيلو آهي جنهن پنهنجي وعدي کي پورو فرمايو ۽ پنهنجي ٻانهي جي مدد فرمائي ۽ جنهن اڪيلي ( کافرن جي) سيني ٽولن کي شکست ڏني .“**

**صحيح البخاري : حديث نمبر** 6385

## مقيم جي مسافر کي دعا

**1** أَسْتَوْدِعُ اللَّهَ دِينَكَ وَأَمَانَتَكَ وَخَوَاتِيمَ عَمَلِكَ

**” آئون تنهنجو دين، تنهنجي امانت ،تنهنجي عملن جي پڇاڙي الله جي حوالي کريان ٿو .“**

**أحمد** : 2 / 7 ، **الترمذي: حد يث نمبر**3443 ، **صحيح الترمذي** : 2 / 155 .

2زَوَّدَكَ اللَّهُ التَّقْوَى وَغَفَرَ ذَنْبَكَ وَيَسَّرَ لَكَ الْخَيْرَ حَيْثُمَا كُنْتَ

**” الله تعالیٰ تقویٰ کي تنهنجي سفر جو سامان بنائي ۽ تنهنجي گناهن کي معاف کري ۽ تون جتي بہ هجين الله تعالیٰ توکي ڀلائي عطا کري .“**

**جامع الترمذي : حد يث نمبر** 3444 ، **صحيح الترمذي** : 3 / 155 .

## مسافر جي مقيم کي دعا

أَسْتَوْدِعُكُمْ اللَّهَ الَّذِي لَا تَضِيعُ وَدَائِعُهُ

” آئون توکي ان الله جي حوالي ڪريان ٿو جنهن جي حوالي ٿيل شيون ضايع نہ ٿينديوآهن .“

أحمد: 2 / 403 ، ابن ماجه :حد يث نمبر 2825 ، صحيح ابن ماجه :2 / 133 .

## سواري خريد ڪندڙ هيءَ دعا گهري

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ : جڏهن توهان مان ڪوبہ شخص شادي ڪري يا ٻانهي خريد ڪري يا اٺ خريد ڪري تہ ان جي چوٽيءَ کي پڪڙي هيءَ دعا پڙهي

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ مِنْ خَيْرِهَا وَخَيْرِ مَا جَبَلْتَهَا عَلَيْهَا وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّهَا وَشَرِّ مَا جَبَلْتَهَا عَلَيْهَا

” اي الله! آئون توکان هن جي ڀلاين جوسوال ڪريان ٿو ۽ ان جي ڀلائي جوجنهن تي توان کي پيدا فرمايو . اي الله آئون تنهنجي پناه گهران ٿو هن جي برائي کان ۽ ان جي برائي کان جنهن تي توان کي پيدا فرمايو .“

ابو داؤد : حديث نمبر :2160 ابن ماجه : حديث نمبر 2252

## حج يا عمري جو احرام ٻڌڻ وارو لبيڪ ڪيئن چوي ؟

لَبَّيْكَ اللَّهُمَّ لَبَّيْكَ لَبَّيْكَ لَا شَرِيكَ لَكَ لَبَّيْكَ إِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ لَا شَرِيكَ لَكَ

” اي الله! آئون حاضر آهيان ، آئون حاضر آهيان ، آئون حاضر آهيان ، توکان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي، آئون حاضر آهيان ،سموري واکاڻ توکي ئي جڳائي ٿي ، سمورين نعمتن جو تون ئي مالڪ آهين ،تنهنجي ئي بادشاهي آهي تنهنجوڪوبہ ڪوبہ ڀائيوار نہ آهي .“

البخاري :حد يث نمبر 1549

## حجر اسود وٽ پهچي الله اڪبر چوڻ

رسول الله ﷺ جن اٺ تي سوار ٿي ڪعبة الله جو طواف ڪيو ۽ جڏهن طواف دوران حجر اسود وٽ آيا ٿي تہ پاڻ ان شيءِ سان حجر اسود ڏانهن اشارو ڪيائون ٿي جيڪا پاڻ ﷺ وٽ موجود هئي ۽ پاڻ الله اڪبر چيائون ٿي .

البخاري :حد يث نمبر 1613

## رڪن يماني ۽ حجر اسود جي درميان جي دعا

رسول الله ﷺ جن رڪن يماني ۽ حجر اسود جي درميان هي دعا پڙهندا هئا :

رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَفِي الْآخِرَةِ حَسَنَةً وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ

اي الله! اسان کي دنيا ۾ ڀلايون عطا فرماءِ ۽ آخرت ۾ ڀلايون عطا فرماءِ ۽ اسان کي باه جي عذاب کان بچاءِ .

أبو داؤد : حد يث نمبر 1549 , أحمد :3 / 411 ، شرح السنة للبغوي : 7 / 128 ، علامه الباني هن کي حسن چيوآهي : صحيح أبي داود 1 / 354 , البقرة , 201

## صفا ۽ مروه جي دعا

رسول الله ﷺ جن جڏهن صفا جي ويجهو پهتا تہ فرمايائون :

{ إِنَّ الصَّفَا وَالْمَرْوَةَ مِنْ شَعَائِرِ اللَّهِ َ{بْدَأُ بِمَا بَدَأَ اللَّهُ بِهِ

” بيشڪ صفا ۽ مروه الله جي نشانين مان نشانيون آهن آئون اتان کان شروع ڪريان ٿو جتان کان الله تعالىٰ شروعات ڪئي آهي .“

پوءِ پاڻ ﷺ صفا کان شروعات ڪيائون ۽ پاڻ صفا تي چڙهيا ، ايستائين جو ڪعبو نظر آيو ؛ پاڻ ﷺ جن قبلي طرف رخ ڪري الله جي توحيد ۽ وڏائي کي بيان ڪندي هيءَ دعا پڙهيائون :

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ لَا إِلَــهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ أَنْجَزَ وَعْدَهُ وَنَصَرَ عَبْدَهُ وَهَزَمَ الْأَحْزَابَ وَحْدَهُ

مسلم: حد يث نمبر1218 .

”الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي هو اڪيلو آهي ۽ هن جي لاءِ ئي بادشاهي ۽ سموري واکاڻ آهي ۽ هو هرشيءَ تي قدرت رکندڙ آهي، الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي هو اڪيلو آهي،جنهن پنهنجي وعدي کي پورو فرمايو ۽ جنهن پنهنجي ٻانهي جي مدد ڪئي ۽ جنهن اڪيلي ( ڪافرن جي) سيني ٽولن کي شڪست ڏني .“

پوءِ پاڻ ﷺ جن انهيءَ دوران هيءَ دعا ٽي ڀيرا پڙهي ...... پوءِ پاڻ ﷺ جن مروه تي بہ صفا وانگر ڪيائون .

مسلم حديث نمبر 1218

## عرفہ يعني 9 ذولحج جي دعا

نبي ﷺ جن فرمايو تہ سڀ کان ڀلي دعا عرفہ جي ڏينهن جي دعا آهي . ( هن ڏينهن ) جيڪي دعائون مون ۽ مون کان اڳ وارن نبين پڙهيون انهن سيني کان ڀلي دعا هيءَ آهي :

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ

” الله کانسواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي هو اڪيلو آهي ۽ هن جي لاءِ ئي بادشاهي ۽ سموري واکاڻ آهي ۽ هو هر شيءَ تي قدرت رکندڙ آهي “.

الترمذي : حد يث نمبر 3585 علامه الباني هن روايت کي حسن قرار ڏنو آهي : صحيح الترمذي 3 / 184، الاحاديث الصحيحة :حد يث نمبر 1503

## مشعر الحرام وٽ دعا ۽ ذڪر

رسول الله ﷺ جن قصواءَ نالي ڏاچي تي سوار ٿيا جڏهن مشعر الحرام وٽ پهتا تہ قبلي ڏانهن رخ ڪري الله کان دعا گهريائون ۽ الله جي وڏائي ،تهليل ( لبيڪ جا لفظ ) ۽ الله جي توحيد بيان ڪندا رهيا .

پاڻ ﷺ جن چڱي طرح روشني ٿيڻ تائين اتي بيٺا رهيا ۽ سج ايرڻ کان پهريائين اتان کان روانا ٿيا .
مسلم: حد يث نمبر 1218

## جمرات کي پٿريون هڻڻ وقت تکبيرون پڙهڻ

رسول الله ﷺ جن جڏهن بہ ٽنهي جمرن کي پٿريون هڻندا هئا تہ الله اکبر چوندا هئا پوءِ اڳتي وڌي پهرئين ۽ ٻئي جمري وٽ بيهي قبلي رخ ٿي هٿ کڻي دعا گهرندا هئا البتہ آخري جمري کي فقط پٿريون هڻي ۽ تکبيرون چئي موٽي ايندا هئا ۽اتي بيهندا نہ هئا .
البخاري : حد يث نمبر 1753 مسلم: حد يث نمبر 1296

## عام جانور يا اٺ کي ذبح کرڻ جو طريقو

اللهم تقبل مني --- ------

” الله جي نالي سان (ذبح ) کريان ٿو ) الله سڀ کان وڏو آهي ، اي الله هي تنهنجي ئي طرفان(عطا ٿيل آهي ) ۽ تنهنجي لاءِ ئي (قربان) آهي ، الله هن قرباني کي منهنجي طرفان قبول فرماءِ .“
صحيح مسلم: حديث نمبر 1966، 1967 السنن الكبرىٰ للبيهقي ڏنگي وارا لفظ بيهقي جا آهن آخري جملو مسلم مان روايت بالمعنىٰ آهي .

## قرباني جو جانور ذبح کرڻ جي دعا

إِنِّي وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِي فَطَرَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضَ عَلَى مِلَّةِ إِبْرَاهِيمَ حَنِيفًا وَمَا أَنَا مِنْ الْمُشْرِكِينَ إِنَّ صَلَاتِي وَنُسُكِي وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِي لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ لَا شَرِيكَ لَهُ وَبِذَلِكَ أُمِرْتُ وَأَنَا مِنْ الْمُسْلِمِينَ اللَّهُمَّ مِنْكَ وَلَكَ وَعَنْ مُحَمَّدٍ وَأُمَّتِهِ بِاسْمِ اللَّهِ وَاللَّهُ أَكْبَرُ

” مون پنهنجي چهري کي هڪ طرفوبڻائي ان ذات جي طرف موڙيوآهي جنهن آسمانن۽ زمين کي پيدا فرمايو آهي ۽ آئون شرڪ ڪندڙن مان نہ آهيان بيشڪ منهنجي نماز، منهنجي قرباني ، منهنجو جيئڻ ، منهنجو مرڻ ان الله جي لاءِ آهي جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ۽ ان عقيدي جو مون کي حڪم ڪيو

ويو آهي ۽ مون کي حڪم ڏنوتہ آئون فرمانبردار مان ٿيان . اي الله ! هي تنهنجي ئي طرفان(عطا ٿيل آهي ) ۽ تنهنجي لاءِ ئي (قربان ) آهي ، محمد (ﷺ) ۽ سندن امت جي طرفان الله جي نالي سان (ذبح ) ڪريان ٿو ) الله سڀ کان وڏو آهي ."

ابو دائود :حد يث نمبر 2795 عن محمد وامته جي بدران پنهنجو ۽ پنهنجي گهر وارن جو نالو وٺي .

## ڪائڻ ،پيئڻ ۽ لباس جون دعائون

## ڪاڌو ڪائڻ کان اڳ جي دعا

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪوبہ ڪاڌو ڪائي تہ چوي :

بِسْمِ اللَّهِ

يعني الله جي نالي سان (ڪائڻ شروع ڪريان ٿو )

جيڪڏهن شروع ۾ چوڻ وسري وڃي تہ ان کي گهرجي تہ هن طرح پڙهي

بِسْمِ اللَّهِ فِي أَوَّلِهِ وَآخِرِهِ

" الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو ، اڳ ۾ بہ ۽ آخر ۾ بہ ."

جامع الترمذي : حد يث نمبر 1858

رسو ل الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن کي الله ڪاڌوکارائي تہ ان کي گهرجي تہ هن طرح چوي :

اللَّهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيهِ وَأَطْعِمْنَا خَيْرًا مِنْهُ

الترمذي :حد يث نمبر 3455 , صحيح الترمذي : 3 / 158 .

" اي الله! اسان کي انهيءَ ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ اسان کي انهيءَ کان وڌيڪ بهتر کاراءِ ."

جنهن کي الله تعالىٰ کير پياري تہ ان کي چوڻ گهرجي

اللَّهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيهِ وَزِدْنَا مِنْهُ

**” اي الله!اسان کي انهي ۾ برڪت ڏي ۽ انهيءَ کان بہ وڌائي ڏي .“**

**جامع الترمذي :حد يث نمبر** 3458

## کائڻ کانپوءِ جون دعائون

1الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَطْعَمَنِي هَذَا وَرَزَقَنِيهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِنِّي

**” سموري واکاڻ ان الله جي لاءِ جنهن مون کي سواءِ ڪنهن منهنجي همت ۽ منهنجي طاقت جي هي کاڌو عطا فرمايو.“**

**ترمذي : حد يث نمبر** 3458 ، **صحيح الترمذي** : 3 / 159 .

2 الْحَمْدُ لِلَّهِ حَمْدًا كَثِيرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا غَيْرَ مَكْفِيٍّ وَلَا مُوَدَّعٍ وَلَا مُسْتَغْنًى عَنْهُ رَبَّنَا

**الله جي لاءِ سموري واکاڻ آهي جيڪا گهڻي کان گهڻي ،پاڪ ،برڪت پري آهي ، نہ ايتر ي ڪافي جو پوءِ انهيءَ کان بي پرواهي ڪجي ، نہ وري انهيءَ کي ڇڏي سگهجي تو اي رب اسان جا !**

**البخاري : حد يث نمبر** 5458 ,**الترمذي :حد يث نمبر** 3456 .

## مهمان جي ميزبان جي لاءِ دعا

اللَّهُمَّ بَارِكْ لَهُمْ فِي مَا رَزَقْتَهُمْ وَاغْفِرْ لَهُمْ وَارْحَمْهُمْ

**” ياالله!انهن کي جيڪي ڪجهہ عطا ڪيو اٿئي ان ۾ برڪت ڏي ۽ انهن کي بخشش فرماءِ ۽ مٿن رحم فرماءِ .“**

**مسلم: حد يث نمبر**2042.

## پيارينڌڙ جي لاءِ دعا

اللَّهُمَّ أَطْعِمْ مَنْ أَطْعَمَنِي وَأَسْقِ مَنْ سَقَانِي

**” اي الله جيڪو مون کي کارائي تون ان کي کاراءِ ۽ جيڪو مون کي پياري تون ان کي پيار .“**

**مسلم: حد يث نمبر** 2055

## نئون ميوو ڏ سڻ وقت جي دعا

اللَّهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي ثَمَرِنَا وَبَارِكْ لَنَا فِي مَدِينَتِنَا وَبَارِكْ لَنَا فِي صَاعِنَا وَبَارِكْ لَنَا فِي مُدِّنَا

” اي اللهؐ! اسان جي ميون ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ اسان جي لاءِ اسان جي شهر ۾ برڪت عطا فرماءِ ،اسان جي لاءِ ان جي صاعن (ماپڻ لاءِ استعمال ٿيندڙشين ) ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ اسان جي مد(تورڻ لاءِ استعمال ٿيندڙشين ) ۾ برڪت عطا فرماءِ .“

مسلم: حد يث نمبر 1373 .

## نوان ڪپڙا پهرڻ جي دعا

اللَّهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ أَنْتَ كَسَوْتَنِيهِ أَسْأَلُكَ مِنْ خَيْرِهِ وَخَيْرِ مَا صُنِعَ لَهُ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّهِ وَشَرِّ مَا صُنِعَ لَهُ

” اي الله ! تنهنجي لاءِ سموري واکاڻ آهي ، تو ئي مون کي هي لباس عطا ڪيو، آئون توکان ان جي ڀلائي گهران ٿوءِ هر اها ڀلائي گهران ٿو جنهن جي لاءِ اهو ٺاهيو ويوآهي ۽ تنهنجي پناهه گهران ٿوان جي برائيءَ کان ۽ هران برائي کان جنهن لاءِ اهو ٺاهيوويو آهي .“

أبو داود حد يث نمبر4020 ، مختصر شمائل الترمذي للالباني ص 47 .

## نئون لباس پهرڻ واري کي هي دعا ڏجي

1 تُبْلَى وَيُخْلِفُ اللَّهُ تَعَالَى

أبو داؤد : حد يث نمبر4020 ، صحيح أبي داؤد : 2 / 760 .

”شل ! پهري پراڻا ڪرين،الله توکي ( اهي پراڻا ٿيڻ کانپوءِ) انهن جي بدلي ٻياعطا فرماءِ .“

2 الْبَسْ جَدِيدًا وَعِشْ حَمِيدًا وَمُتْ شَهِيدًا

ابن ماجه : حد يث نمبر 3558 ، البغوي : 12 / 41 ، صحيح ابن ماجه : 2 / 275 .

” شل نوان ڪپڙا پهريندو رهين، ڀلي زندگي گذاريندو رهين ۽ شل شهادت جو موت ماڻين !.“

## عام ڪپڙا پهرڻ جي دعا

**ڪپڙا پهرڻ وقت پهرين ساڄي طرف کان پائڻ شروع ڪري ۽ هي دعا پڙهي :**

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي كَسَانِي هَذَا الثَّوْبَ وَرَزَقَنِيهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِنِّي

**” الله جي لاءِ سموري واکاڻ آهي جنهن مون کي هي ڪپڙا پهرايا سواءِ ڪنهن همت ۽ طاقت جي مون کي عطا ڪيا .“**

**أبو داؤد : حد يث نمبر**4023 ، **إرواء الغليل** : 7 / 47 .

## لباس لاهڻ وقت دعا

بِسْمِ اللَّهِ

**” الله جي نالي سان .“**

**صحيح جامع الصغير: حد يث نمبر** 3610

## روزمره جون دعائون

### گهر مان نڪرڻ وقت جي دعا

**1** بِسْمِ اللَّهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللَّهِ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ

**” الله تعالىٰ جي نالي سان (داخل ٿيان ٿو) الله تي ئي ڀروسو ڪيم ،سواءِ الله جي توفيق جي نہ گناھ کان بچڻ جي همت آهي ۽ نہ وري نيڪي ڪرڻ جي طاقت آهي .“**

**أبو داؤد** : 4 / 325 ،**الترمذي** : 5 / 490 ،**صحيح الترمذي** : 3 /151

اللَّهُمَّ أَعُوذُ بِكَ أَنْ أَضِلَّ أَوْ أُضَلَّ أَوْ أَزِلَّ أَوْ أُزَلَّ أَوْ أَظْلِمَ أَوْ أُظْلَمَ أَوْ أَجْهَلَ أَوْ يُجْهَلَ عَلَيَّ

**” اي الله! آئون تنهنجي پناھ ۾ اچان ٿو هن ڳالھ کان جو آئون گمراھ ٿيان يا مون کي گمراھ ڪيو وڃي يا آئون ٿڙي وڃان يا مون کي ٿيڙيو وڃي يا آئون ظلم ڪريان يا مون تي ظلم ڪيو وڃي يا آئون ڪنهن سان جهالت سان پيش اچان يا مون سان جهالت وارو رويو رکيو وڃي .“**

**سنن ابو دائود : حديث نمبر 5094 صحيح الترمذي : 3 / 152 وصحيح ابن ماجه : 2 / 336 .**

## گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ وَخَيْرَ الْمَخْرَجِ بِسْمِ اللَّهِ وَلَجْنَا وَبِسْمِ اللَّهِ خَرَجْنَا وَعَلَى اللَّهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا

**” اي الله ! آئون توکان گهر مان نڪرڻ ۽ داخل ٿيڻ جي بهتري گهران ٿو الله جي نالي سان سان اسين( گهر ۾) داخل ٿيون ٿا ۽ الله جي نالي سان نڪرون ٿا ۽ پنهنجي پالڻهار تي ئي ڀروسو ڪيوسين .“**

**ابو دائود : حديث نمبر 5096**

## چنڊ ڏسڻ جي دعا

اللَّهُ أَكْبَرُ ، اللَّهُمَّ أَهِلَّهُ عَلَيْنَا بِالأَمْنِ وَالإِيمَانِ وَالسَّلاَمَةِ وَالإِسْلاَمِ وَالتَّوْفِيقِ لِمَا تُحِبَّ رَبَّنَا وَتَرْضَى ، رَبُّنَا وَرَبُّكَ اللَّهُ

**” الله سڀ کان وڏو آهي ،اسان تي امن ،ايمان ،سلامتي ،اسلام ۽ پنهنجي پسند ڪيل عمل جي توفيق ڏيڻ سان چنڊ کي اڀار ،اي چنڊ ! الله اسان جو پالڻهار آهيۓ تنهنجو ب پالڻهار آهي .“**

**الترمذي : 5 / 504 ،الدارمي : حديث نمبر 1687 ، صحيح الترمذي : 3 / 157 .**

## روزي کولڻ جي دعا

1 ذَهَبَ الظَّمَأُ وَابْتَلَّتْ الْعُرُوقُ وَثَبَتَ الْأَجْرُ إِنْ شَاءَ اللَّهُ

**” اڃ ختم ٿي ، رڳون سيراب ٿيون ،الله چاهيو ته ثواب ب ثابت ٿيو .“**

**ابو دائود : حديث نمبر 2357**

2 اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ بِرَحْمَتِكَ الَّتِي وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ أَنْ تَغْفِرَ لِي

**” اي الله! آئون توکان پنهنجي بخشش جو سوال تنهنجي ان رحمت جي ذريعي ڪريان ٿوجنهن هر شيءِ کي گهيري ورتوآهي .“**

**سنن ابن ماجه حديث نمبر 1753 ، الاذکار للنووي ص 238 سيدنا ابن عمر رضي الله عنه هي دعا پڙهندا هئا .**

## روزو کولائڻ واري جي لاءِ دعا

1 أَفْطَرَ عِنْدَكُمْ الصَّائِمُونَ وَأَكَلَ طَعَامَكُمْ الْأَبْرَارُ وَصَلَّتْ عَلَيْكُمْ الْمَلَائِكَةُ

**” شل روزيدار توهان وٽ روزو کوليندا رهن، ۽ نيڪ ماڻهو توهان وٽ کاڌو کائيندا رهن ، ۽ ملائڪ اوهان لاءِ دعائون گهرندا رهن .“**

**سنن أبي داود : حديث نمبر3854 ,عمل اليوم والليلة للنسائي حديث نمبر 296 -298, , علامه الباني هن روايت کي صحيح قرار ڏنو آهي صحيح أبي داؤد 2 / 730 .**

## نفلي روزي جي دعوت قبول نه کنڊڙ جي لاءِ دعا

**” رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جڏهن به اوهان مان ڪنهن کي دعوت ڏني وڃي ته ان کي اها دعوت قبولڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن روزيدار آهي ته ان کي دعا ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن روزو نه آهي ته دعوت جو کاڌو کائي .“**

**صحيح مسلم:حديث نمبر 1431**

## روزيدار کي ڪو گاريون ڏي ته ان کي چاچوي؟

إِنِّي صَائِمٌ, إِنِّي صَائِمٌ

**البخاري : حديث نمبر 1894**

**” بيشڪ آئون روزيدار آهيان ، بيشڪ آئون روزيدار آهيان .“**

## ڇڪ اچڻ وقت دعا

**رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪنهن کي ڇڪ اچي ته اهو چوي**

الْحَمْدُ لِلَّهِ **”هر قسم جي واکاڻ الله جي لاءِ ئي آهي .“**

**۽ ان جي ڀاءُ يا دوست کي چوڻ گهرجي :**

يَرْحَمُكَ اللَّهُ **” الله توتي رحم فرماءِ .“**

**چڪ ڏيندڙ جواب ۾ چوي تہ :**

يَهْدِيكُمُ اللَّهُ وَيُصْلِحُ بَالَكُمْ " **الله توکي هدايت ڏي ۽ تنهنجا ڪم ۽ معاملا سڌاري "**

**البخاري :حديث نمبر** 6224

**جيڪڏهن ڪافر ڇڪ تي الحمد لله چوي تہ ڪيس هنن لفظن سان جواب ڏي :**

يَهْدِيكُمُ اللَّهُ وَيُصْلِحُ بَالَكُمْ

**"الله توکي هدايت ڏي ۽ تنهنجا ڪم ۽ معاملا سڌاري ."**

**الترمذي :حديث نمبر** 2739 ، **أحمد** 4 / 400 ، **صحيح الترمذي** : 2 / 354 .

## گهوٽ ۽ ڪنوار کي مبارڪ ڏيڻ جي دعا

**" الله تعاليٰ توکي برڪت سان نوازي ، توتي برڪت نازل ڪري ۽ اوهان ٻنهي کي ڀلائي سان گڏ ڪري ."**

**سنن ابي داؤد حديث نمبر** 2130

## گهوٽ کي پنهنجي ڪنوار کي دعا

**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ : جڏهن توهان مان ڪوبہ شخص شادي ڪري يا ٻانهي خريد ڪري يا اٺ خريد ڪري تہ ان جي چوٽيءَ کي پڪڙي هيءَ دعا پڙهي**

**اللهم اني اسئلڪ خيرها وخير ماجبلتها عليها واعوذ بڪ من شرها من شر جبلتها عليہ**

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ مِنْ خَيْرِهَا وَخَيْرِ مَا جَبَلْتَهَا عَلَيْهَا وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّهَا وَشَرِّ مَا جَبَلْتَهَا عَلَيْهَا

**" اي الله! آئون توکان هن جي ڀلائين جوسوال ڪريان ٿو ۽ ان جي ڀلائي جوجنهن تي توان کي پيدا فرمايو . اي الله آئون تنهنجي پناه**

**گھران ٿو ھن جي برائي کان ۽ ان جي برائي کان جنھن تي توان کي پيدا فرمايو ."**

**ابو داؤد : حديث نمبر :2160 ابن ماجه : حديث نمبر 2252**

## همبستري وقت دعا

بِاسْمِ اللَّهِ اللَّهُمَّ جَنِّبْنَا الشَّيْطَانَ وَجَنِّبْ الشَّيْطَانَ مَا رَزَقْتَنَا

**" الله جي نالي سان ،اي الله !اسان کي شيطان کان بچاءِ ۽ جيڪي اسان ڪرين ان کي بہ شيطان کان بچاءِ ."**

## ٻار ڄمڻ جي مبارڪباد ڏيڻ

« بارك الله لك في الموهوب لك , وشكرت الواهب , وبلغ أشده , ورزقت بره »

**" الله تعالىٰ توکي عطا ڪيل ٻار ۾ برڪت ڏي ۽ عطا ڪندڙ(ڏاڻي ) جو شڪر گذار بنجي وڃ ،ھي ٻار جواني کي ماڻي ۽ توکي ان جو سھڻو سلوڪ حاصل ٿئي ."**

**جنھن کي مبارڪ ملي اھو ھنن لفظن سان جواب ڏي :**

« بارك الله لك وبارك عليك , وجزاك الله خيرا , ورزقك الله مثله , وأجزل ثوابك »

**" الله تعالىٰ توکي برڪت عطا فرمائي ۽ توتي برڪت نازل فرماءِ ، الله تعالىٰ توکي سنو بدلو عطا فرماءِ ،۽ الله توکي بہ انھيءَ جھڙواولاد عطا فرماءِ ۽ توکي تمام گھڻو ثواب عطا فرمائي ."**

**الاذڪارللنووي ص 349 وصحيح الاذكار للنووي لسليم الهلالي 2 /713**

## خوشي وقت دعا

**سبحان الله الله اکبر**

**سڀ تعريف الله جي لاءِ ، الله سڀ کان وڏو آھي**

**البخاري حديث نمبر283 ، 610**

## خوشخبري ٻڌڻ وارو چا چوي

**رسول الله ﷺ جن جڏھن خوشي جي خبر ايندي ھئي تہ چوندا ھئا :**

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي بِنِعْمَتِهِ تَتِمُّ الصَّالِحَاتُ

” سڀ تعريفون ان الله جي لاءِ آهن جنهن جي انعام سان سڀ نيڪ ڪم مڪمل ٿين ٿا .“

سنن ابن ماجه : حديث نمبر 3803

## خوشخبري ملڻ تي شڪرجوسجدو

” نبي ﷺ جن کي جڏهن خوشخبري ملندي هئي ته پاڻ ﷺ الله جو شڪرادا ڪندي سجدو ڪندا هئا .“

ابوداؤد حديث نمبر 2774

## ٻارن جي لاءِ الله جي پناه گهرڻ

رسول الله ﷺ جن حسن ۽ حسين رضي الله عنهما جي لاءِ هنن لفظن ۾ دعا گهرندا هئا :

أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللَّهِ التَّامَّةِ مِنْ كُلِّ شَيْطَانٍ وَهَامَّةٍ وَمِنْ كُلِّ عَيْنٍ لَامَّةٍ

” اوهان ٻنهي جي لاءِ الله جي مڪمل ڪلمن جي پناه گهران توهرشيطان کان ، هر زهريلي جانور کان ۽ بري نظر لڳڻ کان .“

جامع الترمذي حديث نمبر 2060

## شام جي وقت ٻارن جي نگراني

نبي ﷺ جن جوفرمان ته :

جڏهن انڌيروٿيڻ لڳي يا شام ٿيڻ لڳي ته پنهنجن ٻارن کي گهرن ۾ روڪي ڇڏيو چوته ان وقت شيطان پکڙندا آهن ۽ جڏهن رات جوهڪ وقت گذري وڃي ته انهن کي وڃڻ ڏيو .

بخاري :حديث نمبر 5623

## جڏهن مسلمان پنهنجي تعريف ٻڌي ته ڇا چوي ؟

« اللهم لا تؤاخذني بما يقولون , واغفر لي ما لا يعلمون [ واجعلني خيرا مما يظنون » ] "

” اي الله ! ماڻهن جي چوڻ جي ڪري منهنجي پڪڙ نہ ڪجانءِ ۽ مون ڪي اهوعمل معاف فرماءِ جنن جو هنن ڪي علم نہ آهي ۽ جيئن هي منهنجي باري گمان رکن ٿا انهيءَڪان مون ڪي بهتر بناءِ .“
الادب المفرد للبخاري حديث نمبر 761 , علامه الباني هن جي سند ڪي صحيح چيوآهي صحيح الادب المفرد حديث نمبر 585 , ڏنگي وارا لفظ امام بيهقي شعب الايمان ۾ هڪ ٻي سند سان بيان ڪيا آهن 4 / 228
هڪ مسلمان ٻي مسلمان جي تعريف ۾ ڇاچوي ؟
رسول الله ﷺ جن فرمايو اوهان مان ڪنهن ڪي هر صورت ۾ پنهنجي ساٿي جي تعريف ڪرڻي آهي تہ هن طرح چوي :
” آئون هن جي باري ۾ چڱو گمان ڪريان ٿو ، وڏيڪ الله تعالیٰ ( ئي ڄاڻندڙ) ۽ محاسبو ڪندڙ آهي آئون الله تعالیٰ جي سامهون ڪنهن ڪي پاڪ قرار نٿو ڏيئي سگهان .“
مسلم حديث نمبر 3000

## بخشش جي دعا گهرڻ واري ڪي ڇا چوي ؟

جيڪو شخص چوي :
غفر لک ” الله توکي معاف ڪري “
تہ ان ڪي چئو ولک ” ۽ الله توکي بہ معاف ڪري “

## محبت جو اظهار ڪندڙ جي لاءِ دعا

جيڪو شخص چوي :
أُحِبُّكَ فِي اللَّهِ
”آئون توسان الله جي خاطرمحبت ڪريان ٿو .“
أَحَبَّكَ الَّذِي أَحْبَبْتَنِي لَهُ
” اها هستي توسان محبت ڪري جنهن جي خاطر تو مون سان محبت ڪئي .“

أبو داؤد : حديث نمبر5125 ، علامه الباني هن روايت کي حسن چيوآهي : صحيح سنن أبي داؤد : 3 / 965 .

## سهڻو سلوک ڪرڻ واري ڪي دعا

جزاک الله خيرا

” الله تعالیٰ توکي وڌيک بهتر بدلو عطا ڪري .“

جامع الترمذي : حديث نمبر 2035 ،صحيح جامع الصغير : حديث نمبر 6368

## برڪت جي دعا ڪندڙ لاءِ دعا

جيڪڏهن ڪو چوي

بارک الله لک ” الله تعالیٰ توکي برڪت ڏي “

تہ ڪيس چئو :

و فيک بارک الله

”الله تعالیٰ توکي بہ برڪت ڏي .“

شرح صحيح الادب المفرد للالباني : حديث نمبر 848

## مال ۽ دولت خرچ ڪرڻ واري لاءِ دعا

بارک الله في اهلک ومالک

” الله تعالیٰ توکي مال ۽ اهل ۾ برڪت ڏي .“

البخاري : حديث نمبر 2049

## مجلس جو ڪفارو

ابن عمر  بيان ڪري تہ هک ئي محفل مان اٿڻ کان اڳ رسول الله ﷺ جن کان هي ڪلما سؤ دفعا ( چوندي )ٻڌيا ويندا هئا .

رب اغفر لي وتب علي انک انت التواب الرحيم

” اي الله! مون کي معاف فرماءِ ۽ منهنجي توبہ قبول فرماءِ ، بيشک تون توبہ قبول ڪندڙ ،گهڻو معاف ڪندڙآهين .“

جامع الترمذي :حديث نمبر 3434

سُبْحَانَكَ اللَّهُمَّ وَبِحَمْدِكَ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ أَسْتَغْفِرُكَ وَأَتُوبُ إِلَيْكَ

**” اي الله!تون پنهنجي سمورين ساراهن سميت پاڪ آهين ،آئون گواهي ڏيان ٿو تہ توکان سواءِ ڪوبہ سچو معبود نہ آهي ، توکان ئي بخشش گهران ٿو ۽ تنهنجي ئي اڳيان توبہ تائب ٿيان ٿو ۔“**

**جامع الترمذي حديث نمبر**3433

## سلام کي عام ڪرڻ

**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ : ” توهان ايستائين جنت ۾ داخل نہ ٿيندؤ جيستائين مؤمن نہ ٿيو ۽ ايستائين مؤمن نہ ٿيندؤ جيستائين هڪٻئي سان محبت نہ ڪندؤ تہ پوءِ آئون اوهان کي اهڙو عمل نہ ڏسيان جنهن سان اوهين هڪٻئي سان محبت ڪريو ، اهو عمل هي آهي تہ پاڻ ۾ سلام کي عام ڪريو۔“**

**مسلم: حديث نمبر** 54

**عمار بن ياسر ؓ جن جو قول آهي تہ :**

**ٽن خصلتن کي جنهن حاصل ڪيو ان يقينًا ايمان حاصل ڪيو**

1 **پنهنجو پاڻ سان انصاف ڪرڻ ،**

2 **هر هڪ کي سلام چوڻ ،**

3 **غربت جي باوجود الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ ۔**

**البخاري حديث نمبر** 28 **عن عمار رضي الله عنه جي قول کي موقوف۽ معلق بيان ڪيوآهي ۔**

**عبد الله بن عمر ؓ بيان ڪري ٿو تہ هڪ شخص نبي ﷺ جن کان سوال ڪيو تہ اسلام ۾ ڪهڙيون خصلتون سڀ کان پليون آهن پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ کاڌو کارائين ۽ سڃاڻو ۽ اڻ سڃاڻو تي سلام چوين ۔**

**البخاري حديث نمبر** 12

## كافر كي سلام جو جواب كيئن ڏجي ؟

**نبي ﷺ جن جوفرمان آهي ته :**

**جڏهن اهل كتاب (يهودين يا عيسائين ) مان كوبہ سلام چوي تہ كيس جواب ۾ چئو :**

**( و عليكم) (۽ تو تي به )**

**البخاري : حديث نمبر** 6258

## ڏكار كان بچڻ ۽ مينهن لاءِ دعائون

1 اللَّهُمَّ اسْقِنَا غَيْثًا مُغِيثًا مَرِيئًا مَرِيعًا نَافِعًا غَيْرَ ضَارٍّ عَاجِلًا غَيْرَ آجِلٍ

**" اي الله! اسان تي اهڙو مينهن وساءِ جيكومددگار ، وڻندڙهجي ، فائديمند هجي ۽ نقصان نہ ڏيندڙهجي جيكوسواءِ كنهن دير جي جلدي وسي ."**

**أبو داود : حديث نمبر** 1169 **، علامه الباني هن روايت كي صحيح چيوآهي صحيح أبي داود** 1 / 21

2 اللَّهُمَّ أَغِثْنَا اللَّهُمَّ أَغِثْنَا اللَّهُمَّ أَغِثْنَا

**" اي الله! اسان تي مينهن وساءِ ، اي الله! اسان تي مينهن وساءِ ، اي الله! اسان تي مينهن وساءِ . "**

**البخاري : حديث نمبر** 1014

**118**

3 اللَّهُمَّ اسْقِ عِبَادَكَ وَبَهَائِمَكَ وَانْشُرْ رَحْمَتَكَ وَأَحْيِ بَلَدَكَ الْمَيِّتَ

**" اي الله ! پنهنجي ٻانهن۽ جانورن كي پاڻي پيار ۽ پنهنجي رحمت كي پكيڙ ۽ پنهنجي غير آباد شهرن كي آباد كر ."**

**أبو داؤد حديث نمبر** 1176 **علامه الباني هن روايت كي حسن قرار ڏنو آهي صحيح أبي داود** 1 / 218

## طوفان وقت دعائون

1 اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ خَيْرَهَا وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّهَا

” اي الله! آئون توکان انهيءَ جي ڀلائي گهران ٿو ، ۽ توکان انهيءَ جي برائي کان پناهه گهران ٿو .“
أبو داؤد : حديث نمبر5097 ، 5099 ، صحيح ابن ماجه : 2 / 305

2اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ خَيْرَهَا وَخَيْرَ مَا فِيهَا وَخَيْرَ مَا أُرْسِلَتْ بِهِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّهَا وَشَرِّ مَا فِيهَا وَشَرِّ مَا أُرْسِلَتْ بِهِ

” اي الله توکان هن جي ڀلائي جو سوال ڪريان ٿو ۽ جيڪا ان ۾ ڀلائي آهي ان جو به ۽ ان ڀلائي جو به سوال ڪريان ٿو جنهن سان هن کي موڪليو ويوآهي ، آئون ان جي شرڪان به تنهنجي پناهه گهران ٿو ۽ ان شر کان جنهن سان ان کي موڪليوويوآهي .“
مسلم: حديث نمبر 899

## بادلن جي گوڙبڌڻ وقت دعا

سُبْحَانَ الَّذِي يُسَبِّحُ الرَّعْدُ بِحَمْدِهِ وَالْمَلَائِكَةُ مِنْ خِيفَتِهِ

” پاڪ آهي اها ذات جنهن جي تسبيح ۽ واکاڻ گوڙبيان ڪري ٿي ۽ ملائڪ به ان کان ڊڄندي ان جي تعريف بيان ڪن ٿا .“
الموطا 2 / 992 علامه الباني هن روايت جي موقوف هجڻ کي صحيح قرار ڏنوآهي .

## مينهن وسڻ وقت دعا

اللَّهُمَّ صَيِّبًا نَافِعًا

”اي الله اسان تي فائديمند مينهن وساءِ . “
البخاري حديث نمبر 1032

## مينهن کان پوءِ جي دعا

مُطِرْنَا بِفَضْلِ اللَّهِ وَرَحْمَتِهِ

” اسان تي الله جي مهرباني ۽ رحمت سان مينهن وٺو .“
البخاري حديث نمبر 846

## ٻوڏ جوخطرو هجي تہ هي دعا گهري

اللَّهُمَّ حَوَالَيْنَا وَلَا عَلَيْنَا اللَّهُمَّ عَلَى الْآكَامِ وَالظِّرَابِ وَبُطُونِ الْأَوْدِيَةِ وَمَنَابِتِ الشَّجَرِ

” اي الله !اسان جي آسپاس مينهن وساءِ ، اسان تي نہ ، اي الله!دڙن ،جبلن ، وادين ۽ ٻيلن تي مينهن وسائي .“

البخاري : حديث نمبر 1014

## ڪڪڙ جي بانگ وقت دعا

رسول ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ڪڪڙ جي بانگ ٻڌو تہ الله تعالىٰ کان سندس فضل جوسوال ڪريو چوتہ هو ملائڪن کي ڏسندو آهي ( مثلاًچئو) :

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ

” اي الله ! آئون توکان تنهنجي ڀاجهہ جوسوال ڪريان ٿو .“

سنن ابوداؤد : حديث نمبر 5102

## گڏهہ جي هينگ وقت دعا

جڏهن گڏهہ جي هينگ ٻڌو تہ چئو :

اعوذ بالله من الشيطن الرجيم

” آئون الله جي پناهہ گهران شيطان مردود کان .“

چوتہ گڏهہ شيطان کي ڏسي هينگدو آهي

ابوداؤد حديث نمبر 5103

## رات جو ڪتي ڀؤڪڻ وقت دعا

رسول الله ﷺ جن فرمايوتہ :

جڏهن رات ۾ گڏهہ جي هينگ ۽ ڪتي جي ڀؤڪ ٻڌوتہ الله جي پناهہ گهرو چوتہ اهي اهڙيون شيون ڏسن ٿا جيڪي اوهان ڏسي نٿا سگهن .“

**أبو داؤد : حديث نمبر** 5105 ،**أحمد** : 3 / 306 **علامه الباني هن روايت کي صحيح چيوآهي صحيح أبي داؤد** : 3 / 961

## بيمار پرسي جي فضيلت

**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :**

**” جڏهن ڪو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي بيمارپرسي جي ارادي سان نڪري تہ اهوويهڻ تائين جنت جي ميويدار( باغ ) ۾ سير ڪندو آهي ۽ جڏهن ويهندو آهي تہ رحمت ان تي ڇانئجي ويندي آهي جيڪڏهن صبح جو ويندو آهي تہ شام تائين ستر هزار ملائڪ هن جي لاءِ دعائون گهرندا آهن۽جيڪڏهن شام جوويندو آهي تہ صبح تائين ملائڪ هن جي لاءِ دعائون گهرندا آهن .“**

**الترمذي** : 969 ،: **حديث نمبر** 1442 ، ،**صحيح ابن ماجه** : 1 / 244 ، **صحيح الترمذي** 1 / 286 **شيخ احمد شاڪر مصري بہ هن روايت کي صحيح چيوآهي .**

## بيمار کي پڇڻ وقت ان لاءِ دعائون

1 لَا بَأْسَ طَهُورٌ إِنْ شَاءَ اللَّهُ

**” فڪر نہ ڪريو الله چاهيو تہ (هي بيماري ) گناهن کان پاڪ ڪندي .“**

**البخاري: حديث نمبر** 5656

2 **رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :ڪوبہ مسلمان جڏهن ڪنهن اهڙي بيمارکي پڇڻ ويو جنهن جي موت جو وقت نہ آيو هجي ۽ ست دفعا هي دعا پڙهيائين تہ ان بيمار کي صحت يابي ملندي .**

أَسْأَلُ اللَّهَ الْعَظِيمَ رَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ أَنْ يَشْفِيَكَ

**” آئون الله عرش عظيم جي ڌڻيءَ کان تنهنجي شفا گهران ٿو.“**

**الترمذي** : **حديث نمبر** 2083 ،**صحيح الترمذي** : 2083 ، **صحيح الجامع** : 5 / 180

## زندگي کان نااميد بيمار جون دعائون

1 اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي وَارْحَمْنِي وَأَلْحِقْنِي بِالرَّفِيقِ

**” اي الله ! مون کي معاف فرماءِ ، مون تي رحم رفرماءِ ۽ مون کي رفيق اعلىٰ سان ملاءِ .“**

**البخاري حديث نمبر** 5674

**نبي ﷺ جن وفات وقت پنهنجي هٿن کي پاڻي ۾ وجهي پنهنجي چهري تي گهمائيندا ۽ هيءَ دعا پڙهندا رهيا :**

2 لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ إِنَّ لِلْمَوْتِ سَكَرَاتٍ

**” الله کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ، بيشڪ موت جي لاءِ سختيون آهن .“**

**البخاري : حديث نمبر** 4449

3« لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَاللَّهُ أَكْبَرُ, لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ, لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ, لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ, لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ

**” الله کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي، الله سڀ کان وڏو آهي ، الله کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي هو اڪيلو آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ، الله کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي، ان جي ئي بادشاهي آهي ۽ ان جي لاءِ ئي واکاڻ آهي ، الله کان سواءِ ڪوبہ برحق معبود نہ آهي ۽الله جي توفيق کان سواءِ نہ گناهہ کان بچڻ جي طاقت آهي ۽ نہ وري نيڪي ڪرڻ جي همت .“**

**الترمذي : حديث نمبر** 3430 **:علامه الباني هن کي صحيح چيو آهي:**

**صحيح الترمذي :** 3 / 152 ،**صحيح ابن ماجه :** 2 / 317

## موت کي قريب انسان کي لااله الا الله چوڻ جي تلقين ڪجي

**رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :**

**” جنهن جو آخري ڪلمو لااله لا الله هوندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو .“**

**أبو داؤد : حديث نمبر** 3116 ، **صحيح الجامع :** 5 / 432

## ميت جون اکيون بند ڪرڻ وقت دعا

اللَّهُمَّ اغْفِرْ لفلان ( باسمه )  وَارْفَعْ دَرَجَتَهُ فِي الْمَهْدِيِّينَ وَاخْلُفْهُ فِي عَقِبِهِ فِي الْغَابِرِينَ وَاغْفِرْ لَنَا وَلَهُ يَا رَبَّ الْعَالَمِينَ وَافْسَحْ لَهُ فِي قَبْرِهِ وَنَوِّرْ لَهُ فِيهِ

**” اي الله! هن کي بخش فرماءِ ۽ سندس درجا هدايت ماڻيندڙنِ بانهن ۾ بلند فرماءِ ،هن جي پڇاڙان پونئيرن جو ڌڻي تي وچ ، اسان کي ۽ هن کي اي جهانن جا پالڻهار! بخش فرماءِ سندس قبر ڪشادي ڪر ، هن جي لاءِ انهيءَ ۾ روشني ڪر**

**مسلم : حديث نمبر** 920

**وصلي الله وسلم علىٰ نبينا محمد وعلىٰ آله واصحابه اجمعين**